سنيها جي سڄڻان، سي ساري ڏنائين

سچل جو سنيهو

مصنف:

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

(حوالا، حاشيا، فارسي متن جي معنيٰ ۽ نظرثاني)

ڊاڪٽر گل حسن لغاري

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

کتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون	سال 1984ع	تعداد 1000
ڇاپو ٻيو	سال 2006ع	تعداد 500
ڇاپو ٽيون	آگسٽ 2010ع	تعداد 500

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي ڪي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ ڏهه رپيا
(Price: 110-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ انچارج مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

نعت

[سُر سسئي ۽ بلاولي]

ڪُل نبيان دا سردار محمد، بحر عرف اَمواج محمد،
"قاب قوسين او اَدنيٰ". شرف شب معراج محمد،
اُمت تيري ڪيون غم کاوي، جس دي تيڪون لاج محمد،
"سچل" ڪون غم ڪوئي ناهين، ڪيتا لا يحتاج محمد.

دُعا

[سُر پهاڙي]

ننگڙا نِماڻي دا، جيوين تيوين پالڻا.

1. ميلي هان يا مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان،
ڏڪين ميڏا ڊولڻا، ميڏي عيب نہ ڦولڻا.

2. پئي هان پناري، لڳي هان تيڏي لاري،
جوڳي نال جالڻا، ول نهين جاوڻا.

3. يار "سچل" تون، لاهين ڪشالي،
گهونگهٽ کولڻا، ڀهہ ڀهہ پولڻا.

Gul Hayat Institute

پنهنجي متعلق

ڏاڏا ڄاڻ محمد حافظ، وچ درازين ديرا،
دست تهين دي اصلئونَ آها، سارا مقصد ميرا.

هادي مهدي مرشد ميڏا، قادر يـ هي كامل،
عارف عبدالحق بهر دم، نال مُريدان شامل.

مهدي شاهـ مربي ميڏا، رهبر راهـ ڏسيندا،
حق محقق، مستي مي دي، بيشڪ او بخشيندا.

شاهـ عبيدالله اُ ساڏا، خواجـ پيران پيران،
آل نبي اولاد علي، هي حضرت ميران ميران،
ڏاڏا اُس دا غوث الاعظم، مرشد ڪُل اولياوان،
قدم مبارڪ هويا تحقق، گَردن سڀ سر تاجان.

ڪوئي اور نـ سُجهدا مينون، آپي آها ظاهر،
"الله نُور السمٰوات والارض"، اوئي منظر ناظر،
"ولقد ڪرمنا بني آدم وَ حَمَلنَاهُم في البر والبحر"،

"سچو" هردم حاضر.

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ پاران

”سچل جو سنيهو“ ۽ سچل سرمست تي لکيل ڪتاب به آهي جنهن ۾ سچل سرمست جي ڪلام ڪان علاوه سندس سوانح حيات ۽ خاندان بابت چگو خاصو تذڪرو ملي ٿو، جيڪو سچل سرمست ۽ سندس خاندان تي تفصيلي روشني وجهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ واحد شاعر آهي، جنهن جو مختلف ٻولين ۾ لکيل ڪلام پنهنجي اسلوبِ بيان ۽ فني پختگيءَ ۾ ڪماليت جو درجو رکي ٿو.

ڪتاب جي مصنف ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جنهن نهايت محنت ۽ عرق ريزيءَ سان هن ڪتاب جو تحقيقي مواد تيار ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو، جيڪو 1984ع ڌاري شايع ٿيو. ڪتاب جو هيءُ ٽيون ڇاپو بورڊ پاران شايع ڪندي خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

اميد ته هيءُ ڇاپو اوهان پڙهندڙن ڪي قبول پوندو.

Gul Hayat Institute

ڄام شورو سنڌ
اگارو 13 رمضان المبارڪ 1431ھ
بمطابق 24- آگسٽ 2010ع

پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

فهرست

عنوان	صفحو
❖ **ٻه اکر**	8
❖ **سچل سرمست رحہ جو خاندان**	9
حسب نسب	9
درازا	10
خواجہ محمد حافظ	11
خواجہ عبدالحق	15
درگاهہ جو سلسلو	16
❖ **سچل سرمست رحہ جي سوانح**	17
نالو	17
ولادت	17
تعليم ۽ تربيت	17
بيعت	18
شادي	18
شرع جي پابندي	18
صورت ۽ سيرت	18
طالب	19
وفات	19
تاريخي پس منظر	22
❖ **علمي ۽ ادبي ماحول**	26
ادبي جائزو	28
فقراهي درگاهون	29
ٻيا فاروقي شاعر	30
❖ **سچل سرمست جون تصنيفون**	32
فارسي شاعريءَ جو جائزو	32
اردو شعر	38
سرائڪي شعر	39
سنڌي شعر	40

Gul Hayat Institute

❖ **سچل جو سنيهو**	43
وحدت الوجود	45
وحدت نامہ	61
حسن و عشق	70
❖ **فني خوبيون**	72
بيت	72
ڪافيءَ جا گهاڙيتا	76
زبان ۽ محاورو	82
❖ **انتخاب**	89
بيت	91
ڪافيون	100
❖ **متفرق ڪلام**	114
ڪبت	114
مسلسل دوها	118
هدايت	118
ڪير آهيان	119
ڪلام	120
مسلسل بيت	123
هدايت -1	123
هدايت - 2	123
ڏوهيڙا	125
توحيد ۽ معرفت	126
جهولڻو	129
جهولڻو ڪافي	133
ٽيهہ اکري	135
گهڙولي	137
❖ **ماخذ**	140

Gul Hayat Institute

ٻه اکر

حضرت سچل سرمست رحہ سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي. ان کان سواءِ هن فارسي، سرائڪي ۽ اردو وغيره ٻولين ۾ به بلند پايه شعر چيو آهي. سندس شعر ۾ ڪيف ۽ مستي آهي، رندي ۽ بيباڪي آهي، ۽ انسان جي عظمت جو اعتراف آهي. هو خودشناسي، خدا شناسي، خود فراموشي ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏئي ٿو.

مضمون کان سواءِ زبان، اسلوب بيان ۽ فني خصوصيتن جي خيال کان به حضرت سچل سرمست جو ڪلام تمام متاثر ڪندڙ آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌي زبان نهايت سپڪ ۽ سلوڻي استعمال ڪيل آهي ۽ سريلي محاوري جو عمدو نمونو پيش ڪري ٿي. ڪيترائي خالص سنڌي لفظ نهايت موزون ۽ مناسب نموني ڪتب آندل آهن، جنهنڪري اتر جي مخصوص لفظن، محاورن ۽ لهجي لاءِ سند جي حيثيت رکي ٿو.

فني سٽاءَ جي لحاظ کان به سچل سائينءَ جو ڪلام نهايت اهم آهي. سندس بيتن ۽ ڪافين ۾ فني پختگي، وسعت، گهرائي ۽ تنوع آهي. ڪافين ۾ گهاڙيتن جا ڪيترائي قسم ملن ٿا، ۽ بيتن جون به ڪيتريون ئي انوکيون ۽ نراليون سٽائون نظر اچن ٿيون.

هن ڪتاب ۾ سوانح سان گڏ حضرت سچل سرمست رحہ جي ڪلام جو فني ۽ فڪري جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ زبان، اسلوب بيان ۽ ادبي خوبين تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. خاص طرح سان سچل سائينءَ جي سنيهي کي سُلجهائي پيش ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري تصوف جي اسرار و رموز جي اپٽار به مناسب هنڌن تي ڪئي وئي آهي. مشهور صوفي بزرگن جي افڪار ۽ حضرت سچل سرمست رحہ جي ڪلام جو تقابلي مطالعو به پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. آخر ۾ ڪجهه چونڊ ڪلام به ڏنو ويو آهي، ته جيئن سچل سائينءَ جي پيغام کي سمجهڻ ۾ سهوليت ٿئي. اميد ته هيءَ نماڻي ڪوشش ۽ پيار جو پورهيو سرمست رحہ جي فڪر ۽ فهم کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ ۾ مدد ڏيندو.

آخر ۾، آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري، محترم غلام رباني ۽ پريس مئنيجر محترم الله بچائي يوسف زئي جو ٿورو مڃڻ فرض ٿو سمجهان، جن ذاتي دلچسپي وٺي، هن ڪتاب کي سهڻي نموني ۽ ٿوري وقت ۾ ڇپي، شايع ڪيو.

حيدرآباد، سنڌ

26 - 2 -1984ع

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سچل سرمست رح جو خاندان

حسب نسب: سچل سرمست رح جي نسب جو سلسلو حضرت عمر فاروق رضہ سان وڃي ملي ٿو. شجرهٔ نسب هن طرح آهي:

عبدالوهاب عرف سچل رح بن ميان صلاح الدين رح بن ميان محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو رح بن مخدوم عبدالوهاب رح بن مخدوم شرف الدين رح بن مخدوم موسيٰ رح بن حافظ علم الدين رح بن مخدوم شهاب الدين رح بن مخدوم سليمان رح بن مخدوم خواجہ ابو سعيد رح بن مخدوم نور الدين رح بن رضي الدين رح بن عبدالعزيز رح بن مخدوم محمود رح بن ابوالفتح رح بن محمد اسماعيل رح بن محمد يوسف رح بن سليمان رح بن محمد رح بن احمد رح بن برهان الدين رح بن عبدالعزيز رح بن عبدالوهاب رح بن عبدالمطلب رح بن برهان الدين رح بن احمد رح بن عبدالله بن يونس رح بن محمد بن شيخ اسحاق رح بن شيخ عبداللطيف رح بن محمد بن باقر رح بن شيخ شهاب الدين رح بن عبدالعزيز رح بن عبدالله رضہ بن حضرت عمر بن الخطاب، فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه.

سچل سائينءَ جو وڏو ڏاڏو شهاب الدين رح اول بن عبدالعزيز رح سنہ 93هہ (711ع) ۾ فاتح سنڌ محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. کيس پيش اماميءَ جو ڪم مليل هو. سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ شيخ شهاب الدين کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح هو سنڌ جو پهريون مسلمان حاڪم ٿيو. سنہ 95هہ (713ع) ۾ وفات ڪيائين.

شيخ شهاب الدين کان پوءِ سندس فرزند شيخ محمد فاروق سيوهڻ جو حاڪم ٿيو، جنهن سنہ 124هہ (741ع) ۾ وفات ڪئي. اهڙيءَ طرح لاڳيتو ڇهہ پيڙهيون پشت بہ پشت سنہ 217هہ (832ع) تائين سيوهڻ جون حڪمران ٿيون. آخر سنہ 217هہ ۾ محمود غزنوي سنڌ فتح ڪري، ان وقت جي سيوهڻ جي فاروقي حاڪم شيخ محمد بن شيخ محمد اسحاق کي برطرف ڪيو، ۽ کيس پينشن مقرر ڪري ڏني. تاريخ 2- رمضان 221هہ (835ع) تي هن وفات ڪئي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هن خاندان جي ڀاتين مان ڪجهہ ماڻهو دادو ضلعي جي ڳوٺ خدا آباد جي پرسان "نورجن" جو ڳوٺ ٻڌي اتي رهڻ لڳا. فاروقي خاندان جا ڪجهہ ماڻهو بہ لڏي اچي ان ڳوٺ ۾ وينا. محمد فاروقي جي اٺويهين پيڙهيءَ مخدوم نور الدين بن وحيد الدين جا چار فرزند ٿيا: مخدوم ابو سعيد،

Gul Hayat Institute

مخدوم بدر الدين، رڪن الدين ۽ ضياءُ الدين. انهن مان مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدر الدين حضرت غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتاني (وفات: 1262ع) جيَ خليفي مخدوم شاهه جمار[1] جا مريد ٿيا. پنهنجي مرشد جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ "سيوهڻ" ۽ "نورجن" جو ڳوٺ ڇڏي گاگڙي پرڳڻي ۾ اچي رهيا.

مرشد کان فيض حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڏاڍيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪيائون. پنهنجو من مارڻ لاءِ، دنيا جي لذتن کان پري رهي، جهنگ جي ڏٿ تي گذر ڪيائون. حضرت غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتاني جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن هنن ٻائرن جي اها حالت ڏسي، کين "ڏوتيئڙا" جو لقب ڏنائين. درازا درگاهه جو باني حضرت خواجه محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو، مخدوم ابو سعيد جي نائين پيڙهيءَ مان هو. مخدوم ابوسعيد جو مقبرو ديهه راڻيپور ۾ ڳوٺ "موسيجي" ۾ آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ حضرت مخدوم ابو سعيد جو اولاد "موسيجي" مان لڏي اچي راڻيپور ۾ آباد ٿيو. انهن مان قاضي مخدوم محمد شريف هڪ زبردست عالم، محدث، شاعر ۽ اهل الله ٿي گذريو آهي. ان جي اڏايل مسجد، جيڪا ڪنهن زماني ۾ جامع مسجد هئي، هينئر بہ اسپتال جي اُتر ۾ موجود آهي. ان مسجد جي لڳ مخدوم محمد شريف ۽ سندس خاندان جي ماڻهن جون مزارون آهن.

درازا: فاروقي بزرگن کي حڪومت ۾ عزت حاصل هوندي هئي. ان خاندان جي هڪ فرد ميان احمد کي چڱي عزت واري ملازمت هئي. سندس محنت ۽ ايمانداريءَ جي نتيجي ۾ گنبٽ ۽ راڻيپور جي وچ واري زمين فاروقي خاندان کي ڪلهوڙا حڪومت طرفان جاگير طور ملي. هنن اِها زمين پنهنجي ٻن ايماندار نوڪرن: 'دراز وندير' ۽ 'ڪانجن وندير' کي سنڀالڻ ۽ آباد ڪرائڻ لاءِ ڏني. هو ان جاگير ۾ جدا جدا ڳوٺ ٻڌي ويٺا، جيڪي سندن نالن پٺيان "درازا"، "ڪانجن" ڳوٺ جي نالي سان مشهور ٿيا. ڪجهه وقت کان پوءِ "ڪانجن" ڳوٺ ڦِٽي ويو، پر "درازا" کي فاروقي خاندان جي طفيل عزت ۽ شرف حاصل ٿيو.

---

[1] مخدوم جمار جو مقبرو راڻيپور شهر کان ڏکڻ طرف ٻن ميلن جي مفاصلي تي شاهراهه تي واقع آهي. جنهن ڳوٺ جي لڳ اهو مقبرو آهي، ان کي "ڳڏيجي" چيو وڃي ٿو.

خواجہ محمد حافظ: درازا درگاھ جو باني، انھيءَ فاروقي خاندان جو فرد حضرت خواجہ محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو ولد ميان عبدالوهاب رحہ آهي. اسان جو عظيم شاعر حضرت سچل سرمست رحہ سندس پوٽو آهي. حضرت خواجہ صاحب سنہ 1101ھ (1689ع) ۾ تولد ٿيو. ۽ سنہ 1192ھ (1778ع) ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. ڪيس صاحبڏنو "موراڳي" ۽ "سوائي" جي سان بہ سڏيو ويندو هو. ان وقت سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. ميان صاحب کي ديهہ موره ۾ اعليٰ عهدو مليل هو. روايت آهي، تہ هڪ ڏينهن گهوڙي تي چڙهي ملازمت جي سلسلي ۾ جهنگ مان وڃي رهيو هو، تہ هڪ مجذوبہ عورت اوچتو نڪري سندس رستو روڪي بيٺي. هو ڪجهہ بيت پڙهي حضرت خواجہ صاحب کي چوڻ لڳي: "خدا تو تو کي ڳولهي، ۽ تون وري ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين؟"

حضرت خواجہ صاحب تي ان گفتگوءَ وڏو اثر ڪيو. ۽ دنياوي ڌنڌا ڇڏي وڃي جهنگ وسايائين. چاليهن چلن ڪڍڻ ڪان پوءِ حضرت خواجہ عبيدالله جيلاني رحہ اڇي ڪيس مريد ڪيو، جيڪو حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رحہ جي اولاد مان هو. حضرت سچل سرمست رحہ اهو احوال پنهنجي مثنوي رازنامہ ۾ هن طرح آندو آهي:

نام جدم مشتهر صاحبدنہ
آن محمد حافظ است در سلسلہ
روز يک مي رفت بيرون از شهر
بود خواجہ بر تماشائي دگر
درميانہ کو تري و ديونہ[1]
ديد يک ديوانہ زن بد برهنہ
بي بي بصري بود ظاهر نام او
کس نمي دانست او را تار مو
ناگهان ديوانہ زَن پيشش رسيد
گفت با آن خواجہ اين آهي کشيد
بشنو از من راز اي مردِ خدا
آن خدا در کار تو توتاً کجا

---

[1] ڪوٽڙي ۽ ڏيوَن نالي بہ ڳوٺ تعلقي ڪنديارِي ۾ خيرپور رياست جي دنگ تي آهن.

بيتها سندهي بگفتا از زبان
آن به پيشِ تو همي سازم عيان

1. چري کري بصري، کري تان کر نانهه،
وئي پرائي وهانءِ، تنهنجو هينئڙو تان هيئن ٿيو.

2. جئان گهٽو جڳ ۾، پر جسم نه جيئڻ ڏئي،
باب نه پڙهج بي، هُج آلودو الف سان.

3. وَرَ وجهيو کاڻ، کَرَ سان کليو سمهين،
آيل هي اهڃاڻ، جو کَنِ ڇڏي تُهَ اُبهين.

از شنيدن خواجه آن بيخود شده،
باز پس گرديدعاشق خود شده
پارچه عمامه را از سر کشيد
جُرعه از مَيخانه الفت چشيد
آمده بشگافت جنگل گوشه يافت
جز محبت هرچه بد روي بتافت
چهل چله اندر آن بيشه کشيد
بعد مدت شه عبيدالله رسيد
دست بيعت خواجه را دادن آن زمان
کشف بخشيد از مکان تا لامکان!

ترجمو: منهنجي ڏاڏي جو مشهور نالو صاحبڏنو آهي، جيڪو (فاروقي خاندان) جي سلسلي ۾ محمد حافظ آهي.

هڪ دفعي شهر کان ٻاهر، خواجه سير لاءِ پئي ويو ته، هڪ ديواني برهنه عورت ڏٺائين. ظاهر ۾ سندس نالو بي بي بصري هو. هن جي اصل نسل جي ڪنهن کي به خبر نه هئي. اوچتو، (اُها) ديواني عورت هن جي سامهون پهتي. هن آهه ڀري خواجه کي چيو: ”اي مرد خدا! مون کان هيءُ راز ٻُڌ. اهو خدا، تنهنجي ڪمن (جي ناهڻ) ۾ آهي ۽ تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

سنڌيءَ ۾ چيل بيت، انهيءَ زبان ۾ تنهنجي اڳيان هن طرح چٽا پيش ڪريان ٿي:

1. چري ڪري ٻهري .... هيئن ٿيو.
2. جئان گهٽو جڳ ۾، .... الف سان.
3. وَرَ وڃهيو ڪاڻ، .... تہ اُبهيَن.

خواجہ اهو ٻڌندي ئي بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تہ پنهنجو پاڻ تي عاشق ٿيو. مٿي تي ڀهريل پڳ لاٿائين. محبت جي ميخاني مان ڇُڪي چڪيائين. سڀ ڪجهہ ڇني آيو ۽ جهنگل ۾ اچي تنهائيءَ جي ڪُنڊ اختيار ڪيائين.

محبت جي علاوه، جيڪي ڪجهہ هو، ان ڪان منهن موڙيائين، ۽ انهيءَ جهنگل ۾ چاليهہ چلا ڪڍيائين.

ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ شاهہ عبيدالله پهتو، خواجہ کي بيعت جو هٿ ڏنائين، ڪشف عطا ڪيائينس ۽ مڪان ڪان لامڪان تائين پهچايائينس!

خواجہ عبيدالله پنهنجي ڀن ڀائرن: شاهہ ڪليم الله ۽ شاهہ عبدالمالڪ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. سنڌ ۾ ڪجهہ وقت رهي، اجمير شريف روانو ٿي ويو. وفات بہ اتي ڪيائين ۽ اتي ئي حضرت خواجہ معين الدين چشتيؒ جي درگاهہ ۾ مدفون ٿيو. حضرت سچل سرمستؒ، حضرت خواجہ عبيدالله جي تعريف پنهنجي مثنوي "راز نامہ" ۾ هن طرح ڪئي آهي:

سڪندر جي مثل، هن جي در جا سوين دربان هئا. ولايت جي بادشاهيءَ جو تاج، هن جي سِر تي هو. سوين دارا جهڙا بادشاهہ ۽ خاقان هن جا نوڪر هئا. ڪيقباد ۽ جمشيد ۽ خسرو جهڙا بادشاهہ، سندس خادم هئا.

حضرت جنيد ۽ شبلي بہ (سندس گهوڙي جا) تنگ ڇڪيندڙ هئا. حضرت بايزيد ۽ حضرت ذوالنون مصري، هن وٽ وزير هئا.

آن عبيدالله باشد شاه ما
او بود هر هر قدم همراه ما
و بود نور خدا سر تا قدم
چند چون عيسيٰ کند پيدا بدم
چون سکندر صد بہ د دربان درش
افسرِ شاهي ولايت بر سرش
صد چون دارا همچون خاقان چاکرش
کيقباد و جم چون خسرو خادمش
آن جنيد و شبلي هم فتراک گير

Gul Hayat Institute

بـــايزيد و ذوالنـــون هـــم پيشـــش وزيـــر
او بـــــود اولاد حضـــــرت مصطفـــــيٰ
جـــد آن قطـــب زمـــان شـــد مرتضـــيٰ
شـــد عبيـــدالله باشـــد شمـــع ديـــن
خواجـــہ حـــافظ بـــود بـــاحق قريـــن
شـــہِ عبيـــدالله شـــاه ســـرفراز
خواجہ محمد حـافظ است راز و نيـاز.

اُهو عبيدالله اسان جو شاهہ هو، هُو اسان جي هر هر قدم تي همراهہ هو ۽ هو سرِ کان پيرن تائين خدا جو نور هو. گهڙي پلڪ ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلامہ وانگر ڦوڪ سان (مرده دلين ۾) جان وجهندو هو.

هو حضرت مصطفيٰ عليہ الصلواة والسلام جن جـو اولاد هـو. هـن جو ڏاڏو زماني جو قطب علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه هو.

عبيدالله، دين جي روشني هو، خواجہ حافظ کي حق جو قُرب حاصل هو. شهنشاهہ عبيدالله شاهہ، صاحب افتخار (بلند رتبي وارو) هو، خواجہ محمد حافظ راز و نياز جو صاحب آهي.

حضرت خواجہ عبيدالله موڪلائڻ وقت حضرت خواجہ محمد حافظ کي ٽي ڳالهيون چيون:

1. اوهان جا سمورا گادي نشين هميشه لوڙهي اندر رهن، ۽ ٻاهر نہ نڪرن.

2. اوهان جي وڏي فرزند صلاح الدين جي ٻدران خواجہ عبدالحق سجاده نشين ٿئي.

3. اوهان جي خاندان جو هر فرد، سجاده نشين جي بيعت ڪري، ۽ ٻئي ڪنهن جي بہ بيعت نہ ڪري.

انهن هدايتن جي تعميل، پشت بہ پشت ٿيندي رهي ٿي. حضرت خواجہ محمد حافظ، حضرت شاهہ عبيدالله جي نظرِ فيضِ اثر سبب رڳجي ريتو ٿيـو، ۽ روحانيت جون منزلون تيزيءَ سان طَـي ڪيـائين. درگاهہ قـائم ڪيـائين ۽ ڪيترن ئي خدا جي ٻانـهن کي فيض ڏنائين. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سندس همعصر هئا. روايت آهي، تہ حضرت شاهہ عبداللطيف صاحب جن کهي اچي ساڻس ملاقات ڪئي هئي. حضرت پير صاحب پاڳاري، حضرت پير محمد راشد رحہ جي ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو، تہ درگاهہ پير ڳوٺ جو باني

Gul Hayat Institute

پير محمد بقا شاهہ "پريالوءِ" جي مخدوم محمد اسماعيل رحہ جي وفات کان پوءِ، روحاني فيض لاءِ ميان صاحبڏني وٽ آيو هو.

ميان صاحبڏنو فاروقي سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبانن جو بلند پايہ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس سنڌي شعر، بيت ۽ ڪافين تي مشتمل آهي. شعر ۾ ڪٿي صاحبڏنو ۽ ڪٿي حافظ نالو آندو اٿس. سندس ڪلام وحدت الوجود، ۽ تصوف جي تعليم جو آئينہ دار آهي.

خواجہ عبدالحق: ميان صاحبڏني کي ٻہ فرزند ٿيا: حضرت سچل سرمست رحہ جو والد ميان صلاح الدين، ۽ ميان عبدالحق. ميان صاحبڏني کان پوءِ، سندس مرشد جي ارشاد موجب سندس ننڍو فرزند خواجہ عبدالحق سجاده نشين ٿيو. هن جي ولادت سنہ 1120هہ (1708ع) ۾ ٿي، ۽ سنہ 1213هہ (1800ع) ۾ هيءُ جهان ڇڏيائين. هو وڏو عالم، فاضل، عارف ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ديني فتويٰ کي حرف آخر سمجهيو ويندو هو. ڪيترن ئي خدا جي ٻانهن کانئس روحاني فيض پرايو. انهن مان سندس ڀائٽي، اسان جي عظيم شاعر حضرت سچل سرمست رحہ جو نالو سرفهرست آهي. حضرت سچل سرمست رحہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي سندس روحاني مرتبي جي ساراهہ ڪئي آهي، ۽ پاڻ کي سندس مريد ڄاڻايو آهي. فرمائي ٿو:

مدح او از ما نمي گرد تمام، هرچہ گفتم آن بود بس و السلام.

(مثنوي راز نامہ)

ترجمو: هن جي تعريف، اسان کان پوري ٿي نٿي سگهي، جو ڪجهہ چيو اٿم، اهو اِتي پورو ٿيو. و السلام (مثنوي راز نامہ)

يکروز بودم من بخدمت مصطفي
سرورِ کونين آن خيرالورا
اين چنين فرمود ما را از کرم
جزه صفت پير عبدالحق ما
از گروه خاص او را کرده ام
جلوه فيضش بود هم جابجا
شان شوکت پير ما بالاتر است
همچو او کس نيست در عالم علا

Gul Hayat Institute

"آشڪارا" خاڪ پاي پير باش
تا شوي از دوستيش بادشا.
(ديوان آشڪار، جلد اول، ص 38)

ترجمو: هڪ ڏينهن حضور پُرنور محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حضور اقدس ۾ حاضر هوس ته ٻنهي جهانن جو سردار، جيڪو سموري مخلوق ۾ چونڊيل ۽ پسنديده آهي، اُن حضور عليہ الصلواة والسلام جن وڏي شفقت ۽ مهربانيءَ سان حڪم فرمايو ته "پنهنجي پير طريقت شيخ عبدالحق جي اجازت بغير، اسان جي حضور ۾ نه اچ.

اسان، تنهنجي پير و مرشد کي، پنهنجي خصوصي ۽ پسنديده ماڻهن جي جماعت ۾ شامل ڪيو آهي ۽ ان جو فيض هر هنڌ جاري ۽ ساري آهي."

اسان جي پير طريقت جو شان ۽ شوڪت نهايت بلند آهي، انهيءَ جهڙو وڏي رتبي وارو انسان، هن جهان ۾ ڪو به نه آهي.

اي "آشڪار"! تون پنهنجي پير ۽ مرشد جي پيرن جي پٺي ٿي وڃ ته جيئن اُن جي همراهي ۽ دوستيءَ سان بادشاهي جي رتبي تائين پهچي سگهين.
(ديوان آشڪار، فارسي، ص 38)

درگاهه جو سلسلو: حضرت خواجه عبدالحق کي پنج فرزند ٿيا: قبول محمد اول، زين العابدين، دين محمد، ولي محمد ۽ خداداد. سيئي اهلِ دل ۽ عارف ٿي گذريا آهن. سخي قبول محمد اول درگاهه جو سجاده نشين ٿيو. ان جي ولادت 1181هه (1767ع) ۾ ٿي، ۽ 1245هه (1829ع) ۾ وفات ڪيائين. ان کي ڇهه فرزند ٿيا: خواجه نظر محمد، خواجه محمد حافظ، خواجه محمد سعيد، خواجه سرور علي، خواجه موجود علي ۽ خواجه محمد غوث. سخي قبول محمد اول کان پوءِ هيٺيان بزرگ سجاده نشين ٿيا:

1. خواجه نظر محمد (ولادت: 1201هه ، وفات: 1252هه /1786ع-1836ع)
2. خواجه نجم الدين (ولادت: 1239هه، وفات: 1272هه / 1823ع - 1855ع)
3. سخي قبول محمد ثاني (ولادت: 1261هه، وفات: 1343هه /1845ع - 1924ع)
4. خواجه صاحبڏنو ثاني (ولادت: 1307هه، وفات: 1350هه /1889ع - 1931ع)
5. خواجه قبول محمد ثالث (ولادت: 1332هه، وفات: 1371هه / 1913ع - 1951ع)
6. خواجه عبدالحق ثاني
7. قبول محمد ثالث

Gul Hayat Institute

سچل سرمست رحہ جي سوانح

نالو: حضرت سچل سرمست رحہ جي جنم جو نالو عبدالوهاب هو. پر راست گوئي ۽ راست بازي جي ڪري "سچو"، "سچل" ۽ "سچيڏنو" سڏڻ لڳا. پوءِ انهيءَ ئي نالي سان مشهور ٿيو. سنڌي، سرائڪي ۽ اردو شعر ۾ اهوئي نالو تخلص طور آندو اٿس، البته "فارسي مثنوين" ۽ "ديوان آشڪار" فارسي ۾ "آشڪار" تخلص ۽ ديوان خدائي ۾ "خدائي" تخلص آندو اٿس.

ولادت: حضرت سچل سائين، ميان صلاح الدين جو اڪيلو فرزند هو، جيڪو ميان صاحبڏني جو وڏو فرزند هو. سنہ 1152ھ (1739ع) ۾ سندس ولادت ٿي. هو اجا ڇهن سالن جو مس ٿيو، ته سندس والد بزرگوار وفات ڪئي.

تعليم ۽ تربيت: جيئن ته اجا ننڍڙو ئي هو، ته سندس والد وفات ڪئي، انهيءَ ڪري سندس تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني ۽ چاچي خواجه عبدالحق جي زير نگراني ٿي، جيڪي اهل الله به هئا، ته جيد عالم به.

اڳ ۾ اچي چڪو آهي، ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن حضرت ميان صاحبڏني جي ملاقات لاءِ ڪهي درازن ۾ ايندا هئا. هڪ ڀيري جڏهن روح رهاڻ لاءِ درازن ۾ آيا، ته حضرت خواجه صاحب کي چيائين، ته پنهنجن صاحبزادن کي گهرايو، ته انهن کي به ڏسون. جڏهن صاحبزادا آيا، ۽ حضرت سچل سائينءَ تي نظر پيس، ته ان ڏانهن اشارو ڪري چيائين: "اسان جيڪا ديڳ چاڙهي آهي، ان جو ڍڪ هيءُ ڇوڪر لاهيندو." مطلب هيءُ هو، ته هيءُ عارف اسرار الاهي عيان ڪندو. ٿيو به ائين. سچل سائينءَ جو ڪلام ان لاءِ شاهد آهي.

حضرت سچل سائينءَ روحاني تعليم سان گڏ ننڍپڻ ۾ ئي ديني تعليم به باقاعده حاصل ڪئي هئي. ننڍي هوندي ئي، درازا درگاهه جي فيض جي چشمي مان فيضياب ٿيل، حافظ عبدالله قريشي صديقيءَ وٽ ڪيس ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو، جيڪو پڻ وڏو عالم ۽ عارف الله هو. ٿوري ئي وقت ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائين، ۽ فارسي ۽ عربي جي مڪمل تعليم حاصل ڪيائين. علوم عقلي ۽ نقلي جي تڪميل پنهنجي چاچي ميان عبدالحق وٽ ڪيائين.

Gul Hayat Institute

بيعت: حضرت سچل سرمست کي روحاني فيض بہ پنهنجي چاچي ميان عبدالحق کان حاصل ٿيو ۽ ان جو ئي دست بيعت مريد هو. ان وٽان ئي معرفت جون منزلون طئي ڪيائين. پنهنجي مرشد سان بي انتها محبت ۽ عقيدت هيس، جنهن جو اظهار پنهنجي شعر ۾ مختلف جاين تي ڪيو اٿس. مرشد جي اولاد جي بہ وڏي عزت ڪندو هو.

شادي: حضرت خواجہ عبدالحق پنهنجيَ نياڻي، حضرت سچل سرمست جي نڪاح ۾ ڏني. بي بي صاحبہ بہ سال حيات هئي، پر اولاد ڪونہ ٿيو.

شرع جي پابندي: سچل سائين شروعاتي زندگيءَ ۾ شرّيعت جي پوري پوري پابندي ڪندو هو ۽ نماز باجماعت پڙهندو هو. پر پوءِ جڏهن مستيءَ واري ڪيفيت مٿس ظاري ٿي تہ استغراق جي حالت ۾ رهڻ لڳو.

صورت ۽ سيرت: مرحوم قاضي علي اڪبر درازي پنهنجي ڪتاب ”دولهہ درازي“ ۾ سچل سائينءَ جو حليہ مبارڪ ۽ لباس هن طرح بيان ڪيو آهي:

”سچل سرمست سائينءَ جو چهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط و خال دلڪش، چشم آهو مثل، ليڪن پُرڪيف ۽ گيسو (وار) دراز (ڊگها) هوندا هئا، جن کي هو مٿي جي وچ تي چوٽو ڪري، ٻڌي ڇڏيندو هو. ليڪن جلال ۽ مستيءَ جي حالت ۾ جڏهن هو شعر چوندو هو، تہ سندس اهي دراز گيسو اُيا ٿي ويندا هئا. ريش مبارڪ (سونهاري) سفيد ۽ پريل هوندي هين. قد درميانو ۽ هٿ ۽ پير ننڍا، نازڪ ۽ نرم هوندا هُين. هميشه سفيد پيراهن (پهراڻ) پائيندو هو. اڇي ڪٽي يا چادر ڍڪيندو هو، ۽ سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاه پهريندو هو. مگر جڏهن سجاده نشين صاحب جي حڪم سان ڪيڏانهن ٻاهر ويندو هو، تہ انهيءَ تاج مٿان موڳي رنگ جي خلافت جي دستار پهري نڪرندو هو. پيرن ۾ جُتي پائيندو هو، ۽ هٿ ۾ عصا ڪٽندو هو.“

محترم قاضي صاحب، خوراڪ ۽ رهڻيءَ جو ذڪر هن طرح آندو آهي:

”اوائل ۾ وهٽ تي چڙهندو هو، پر پوءِ ڪنهن بہ وهٽ تي نہ چڙهيو. سندس خوراڪ بلڪل سادي هوندي هئي. لسيءَ ۾ ڳاڙها مرچ وجهي، ماني پوري ڪائيندو هو. رات جو جوئر جي ماني ٻڪريءَ جي کير سان کائيندو هو. شروع ۾ گوشت جو شوروو واپرائيندو هو، پر پوءِ اهو بہ کائڻ ڇڏي ڏنائين. اڪثر روزي ۾ گذاريندو هو.

Gul Hayat Institute

منجهند جو آرام وقت ڪاٺ جي صندل تي يا ذرتيءَ تي آرام ڪندو هو. مگر رات ساري الله جي تات ۾ گذاريندو هو. هميشه فڪر ۽ استغراق ۾ هوندو هو. سندس اک سدائين آلي هوندي هئي، گويا سورن جو سمنڊ سندس سيني ۾ سمايل هوندو هو. ”بي درد، نامرد“ سندس مشهور مقولو آهي.“

ان مان معلوم ٿيندو تہ سچل سرمست رحہ سائين هميشه ذڪر ۽ فڪر ۾ محو هوندو هو، ۽ سادگي، سنجيدگي، نهٺائي، صبر، تحمل ۽ فياضي سندس خاص خصوصيتون هيون. ايتريقدر رحمدل هو جو نہ ڪڏهن شڪار ڪيائين، ۽ نہ عمر ڀر ڪنهن جانور کي ذبح ڪيائين. نشيدار شين کان بہ دور رهيو. جيتوڻيڪ دنيوي ڌنڌن سان دلچسپي ڪانہ هيس، ان هوندي بہ پنهنجي چاچي ميان عبدالحق توڙي ان جي فرزند سخي قبول محمد اول جي خلافت جو حق پورو ادا ڪيائين. ٻالڪن جي معرفت ”درازي درگاهہ“ جو انتظام هلائيندو هو. مرشدن پاران شادي، غمي ۽ ٻين ڪمن ڪارين سان هيڏانهن هوڏانهن ويندو هو. مير سهراب خان ۽ مير رستم خان سان سٺا تعلقات هيس. ڪنهن سائل جي مدد لاءِ مرشد جي چوڻ تي مير صاحبن جي ڪچهريءَ ۾ بہ ويو هو. راڻيپور، گنبٽ، ڪُهڙا، پير ڳوٺ ۽ ٻين درگاهن جي بزرگن سان محبت پريو ناتو هيس. مرشدن جي ڪمن ڪارين سان سکر روهڙي، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي جو سفر بہ ڪيائين.

طالب: سچل سائين دست بيعت مريد ڪونہ ڪيو. جيڪو بہ وٽس ايندو هو، تہ ان کي مرشدن ڏانهن موڪليندو هو. مرشدن جو وري دستور اهو هو، تہ روحانيت جي طالبن کي ذڪر ڏئي، تربيت لاءِ سچل سرمست رحہ ڏانهن اماڻيندا هئا. اهڙن طالبن مان هيٺين جا نالا قابل ذڪر آهن:

1. فقير نانڪ يوسف اگڙن وارو 2. فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو 3. فقير محمد صلاح دونهين وارو 4. فقير گهرام جتوئي 5. فقير شير خان پنيرو 6. جانو فقير شڪارپوري 7. سيد خير شاهہ 8. سيد پير شاهہ 9. حاجي عثمان چاڪي لاڙڪاڻو 10. سيد حسن شاهہ 11. فقير محمد صديق 12. فقير شير علي 13. حيدر شاهہ.

وفات: سنڌ جي هن سرمست شاعر، سنڌ جي سرزمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ توحيد جو پيغام پهچائي، روحانيت جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان سرهو ڪري،

Gul Hayat Institute

ڪيترن ئي خدا جي ٻانهن کي معرفت جي رنگ ۾ ريٽو ڪري، تاريخ 14 رمضان سنہ 1242ھ (1827ع) تي وصال ڪيو. انهيءَ تاريخ تي هر سال سندس درگاهہ تي ميلو لڳندو آهي ۽ ڪيترائي پيار جا پانڌيئڙا ڪٿان ڪٿان ڪهي اچي، سڪ جو سلام پريندا آهن. سنڌ جي باڪمال صوفي شاعر حضرت قادر بخش بيدل سندس وفات جون تاريخون سنڌي ۽ فارسي شعر ۾ چيون آهن. اُهي هت ڏجن ٿيون:

ڪافي

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ شهہ سچو عاشق اتي اظهار هو.

1. برهہ جي برسات جو تنهن وير تي وسڪار هو،
ظاهر ۽ باطن تنهين وٽ درد جو ڏڏڪار هو.

2. وِجد وحدت جو سدا خاصو تنهين خمار هو،
مرد سو منصور وانگر عشق جو اوتار هو.

3. منجهہ سخن ان جي الوهيت سندو آثار هو،
جنگُ جذبي جوش مستي ۾ مثل عطار هو.

4. پانهنجي رائي پرِين نَوي ورهہ نروار هو،
پوءِ وصل جي موج ماڻي، ذوق ڪان ذخار هو.

5. سن ٻارنهن سوءُ ٻائيتاليهہ ۾ تيار هو،
چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو.

6. قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو،
در تنهين داتا جي ”بيدل“ پرت جو پينار هو.

Gul Hayat Institute

قطعہ تاريخ فارسي

چون سالڪ سچو زين طلسم مجاز
سوي آشيان رفت چون شاهباز
زهي صاحب وجد منصور وقت
کہ بي مثل بوده بہ سوز و گداز
بہ هنگام سر جوشي حالتش

نگـاهش همــي بــود طـالب نـــواز
بـہ نيـم التفـاتي كـز و يـا فتنـد
بـہ يـک لحظہ طـَـي گشتـہ راه دراز
زِ هر دوجهان دست شـُـست آن كسـي
كــہ شــد محـرم راز آن عشــق بــاز
چـون شـد جـان او عـازم وصـل اصـل
شــنيد ارجعـــي بـــاهزار عـــز و نـــاز
دلم جــُـست ســال و صـالش ز جــان
بگفتـــا كــــہ دريـــاي ز خـــار راز

1242ھ

ترجمو: اي "سچو!؟" جڏهن سالڪ، هن ظاهري ڪرشمہ ساز دنيا مان شهباز جي مثل، پنهنجي آشيانہ ڏانهن ويو تہ، اهو عشق و محبت جي وقت جو منصور، صاحب آفرين، سوز ۽ گداز ۾ بي مثل هو.

مستيءَ جي وقت، سندس نگاهہ جي حالت بہ محبت جي طلب رکندڙن لاءِ مشفقانہ هئي. ٿوري توجہ ڏيندڙ بہ هڪ لحظي ۾، سلوڪ جي وڏي راهہ پارڪري، وڃي پهتا.

انهيءَ جي نگاهہ سبب، جنهن بہ ٻنهي جهانن کان پاڻ آجو ڪيو، سو انهيءَ عاشق جو رازدان بنيو.

جڏهن، سندس جان، اصل سان واصل ٿيڻ جو عزم ڪيو تہ، هزار عزت و احترام ۽ لطف سان (غيبي آواز) ٻڌائين تہ: "بيشڪ موٽي اچ".

منهنجي دل، سندس وفات جي سال جي ڳولا جانِ سان ڪئي، چيائين تہ: "درياي زَخَار راز".

1242ھ

يعني: "مو جون هڻندڙ، سمنڊ جو راز".

در بيعنـــائي ازل تـــر كيـــد شـــد مخـــروج عشـــق
كـــف ز دريـــاي محبـت كـــرد بيـــرون مـــوج عشـــق
از خـــدا بـــودي صديـــق و پيـــش احمـــد شـــد ســـچو

Gul Hayat Institute

از علــي صـــادق يقيـــن و پيشـــوا مخـــروج عشـــق
ســـال او را منشـــيءُ بـــر لـــوح تقديـــر ايـــن نوشـــت
بـــود مـــه بـــرج هـــديٰ و آفتـــاب اوج عشـــق

1242ھ

ترجمو: ازل جي وعدي (عهد و پيمان) ڪري، عشق جي راهه نمودار ٿي، محبت جي سمنڊ جي گجي، عشق جي وِير سان ٻاهر نڪتي.

خداوند تعاليٰ جي لطف ۽ مهر سان، ”سچو“ حضورﷺ جن جي حضور ۾ ۽ حضرت علي عليہ السلام جيڪو بيشڪ صادق ۽ عشق جي ظهور جو پيشوا آهي، حاضر ٿيس. تقدير جي ڦرهيءَ تي لکندڙ، هن جو هيءُ لکيو: ”بود مه برج هديٰ و آفتاب اوج عشق“

1242ھ

يعني: ”هدايت جي بـرج جو چنڊ ۽ عشق جو بلند ترين سج هو.“

تاريخي پس منظر: سچل سائين ارڙهين صدي، ۽ اڻويهين صديءَ جي پهرين چئن ڏهاڪن ۾ زندگي گذاري. انهيءَ زماني ۾ سنڌ وڏا لاهه چاڙها ڏٺا، جن سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ علمي حالتن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو.

جنهن سال 1739ع ۾ حضرت سچل سائينءَ جي ولادت ٿي، ان سال نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ۽ وڏي تباهي مچائي. نہ فقط تمام گهڻو مالي ۽ جاني نقصان ٿيو، پر وڏي علمي ذخيري تان بہ سنڌين کي هٿ ڌوئڻا پيا. هن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڪري ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ ۽ ”نادر ٿو اچي“ جهڙيون چوڻيون رواج ۾ آيون. سچل سائين 15 سالن جو هو، تہ احمد شاهه ابداليءَ سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ۽ مغل پرڳڻو پنهنجي قبضي ۾ رکيو. ان پرڳڻي جون حدون اتر ۾ بلوچستان جي شهر روجهاڻ کان مدئجيءَ تائين هيون. اهڙيءَ طرح ان ۾ موجوده شڪارپور، شڪارپور ضلعي جو حصو ۽ بلوچستان جو ڪجهہ حصو اچي ٿي ويا.

سنہ 1762ع ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو، جنهن کي احمد شاهه ابداليءَ ”شاهه وردي خان“ جو خطاب ڏنو. سنہ 1763ع ۾ هن ڪڇ فتح ڪيو. ان کان پوءِ هن حيدرآباد جو شهر ٻڌرائي، ان کي سنڌ جي گادي بنايو. احمد شاهه ابداليءَ، ديره جات جو سمورو علائقو ميان غلام شاهه

جي قبضي ۾ ڏنو. هيءُ علائقو ٽن سوَن ميلن تي پکڙيل آهي، ۽ هينئر پنجاب ۾ آهي. سنه 1768ع ۾ هن علائقي جي "ناهرا" قوم بغاوت ڪئي، جنهن کي مير بهرام خان، ميان جي طرفان شڪست ڏني.

ميان غلام شاهه يوروپي واپارين مان فقط انگريزن کي سنڌ ۾ واپار ڪرڻ جي اجازت ڏني. هو سنڌ مان ڪپڙو، قلمي شورو ۽ نير خريد ڪري ڏيساور ڏانهن موڪليندا هئا. سنه 1772ع ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي وفات ڪئي. سندس ڏينهن ۾ سنڌ اندر گهڻي قدر امن امان رهيو، ۽ سنڌ حڪومت جون حدون ديره جات، ڪڇ ۽ بلوچستان جي ڪجهه حصي تائين پکڙيل هيون. هنر ۽ واپار جي ترقي ٿي، ۽ سنڌ جو مال ڏورانهن ڏيهن تائين پهتو. آبپاشيءَ جا طريقا سڌريا ۽ زرعي پيداوار وڌي. مطلب ته سنڌ جا ماڻهو سکيا ۽ آسودا رهيا، ۽ صلح سانت سان زندگي گذاريائون. اهوئي سبب آهي، جو ان زماني کي ڪلهوڙن جي اوج جو زمانو چيو وڃي ٿو.

ان کان پوءِ سندس پٽ ميان محمد سرفراز (ڪلهوڙو) تخت نشين ٿيو. ان وقت حضرت سچل سرمستؒ جي عمر 32 سال هئي. ميان سرفراز سنڌ جو ڪامياب حڪمران ثابت نه ٿيو.

ان زماني ۾ فوجي واڳون ٽالپرن جي هٿ ۾ هيون. هن ٽالپرن سان اچائي ڪئي (اُنهن کي تنگ ڪيو ۽ ستايو). مير بهرام خان کي دربار ۾ مارايائين، ۽ ان جو پٽ مير صوبدار خان وري ميان محمد سرفراز جي ماڻهن سان وڙهندي مارجي ويو. هيءُ واقعو سنه 1774ع ۾ ٿيو. انهيءَ ڪري ٽالپرن سندس خلاف بغاوت ڪئي، ۽ سنه 1775ع ۾ کيس تخت تان لاهي حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪيائون.

ان کان پوءِ ميان غلام نبي، ميان صادق علي ۽ ميان عبدالنبي کي هڪ ٻئي پٺيان تخت تي ويهاريائون. ميان عبدالنبي هڪ ظالم حڪمران ثابت ٿيو. هنن ميان محمد سرفراز کي مارائي ڇڏيو، ۽ ٽالپرن جي به پويان پيو. آخر سنه 1783ع ۾ مير فتح علي خان کيس شڪست ڏني، سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت قائم ڪئي.

ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ زرعي پيداوار وڌي، ڇاڪاڻ ته هنن کي زراعت سان تمام گهڻي دلچسپي هئي. هنن زرعي پيداوار کي وڌائڻ ۽ سڌارڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ورتيون. انهيءَ مقصد لاءِ ڪيترائي واهه کوٽايائون. مسٽر

Gul Hayat Institute

ڊيل هوست، ڪلهوڙن جي ڪوتايل واهن جا نالا ڏنا آهن، جيڪي هن طرح آهن:

"پراڻ، نارو، اڙل، ڦليلي، گوني، پڃارو، گانگرو، لڪي، سيتا، ٻگهاڙ، داديجي، گهاڙ، امرڪس ۽ نور واهه."

آبپاشيءَ جي طريقن کي سڌارڻ سان گڏ نوان شهر بہ آباد ڪيائون، جهڙوڪ: حيدرآباد، مراد آباد، الله آباد ۽ خدا آباد (نزديڪ هالا). ميان غلام شاهہ "شاهہ بندر" نالي بندر تعمير ڪرايو ۽ "پراڻ" کي موريءَ جو بند ٻڌرايو، انهيءَ ڪري ٽر جي آبادي ۾ واڌارو آيو.

سنہ 1775ع کان سنہ 1783ع تائين ڪلهوڙن ۽ ميرن جي ڇڪتاڻ ۽ لڙاين جي ڪري سنڌ کي وڏو نقصان پهتو. سنہ 1780ع ۾ وڏو ڦورو مدد خان پٺاڻ سنڌ تي ڪاهي آيو، ۽ اتر کان هيٺ بدين تائين ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر ناس ڪري ڇڏيائين. جوڻ ۽ فتح باغ جهڙا وسندڙ شهر ويران ٿي ويا، ۽ ڪيترائي سرسبز باغ ۽ آباديون ناس ٿي ويون. انهن حالتن ڪري واپار بند ٿي ويو، صنعت ۽ حرفت کي ڌڪ لڳو، پيداوار ۾ ڪمي اچي ويئي، ۽ ملڪ ڏڪر ۾ تباهہ ٿي ويو.

ٽالپرن، سنڌ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ وڏي ڪوشش ورتي. ميان نور محمد خان جي آخري ڏينهن ۾ قلات جي بيگلر بيگي ڪراچيءَ جي مياڻيءَ تي قبضو ڪيو هو. ٽالپرن ڪراچيءَ تي ٻيهر قبضو ڪيو. ان کان سواءِ شڪارپور وارو علائقو، جيڪو افغانن جي قبضي ۾ هو، پنهنجي قبضي هيٺ آندائون. عمر ڪوٽ واري علائقي تي بہ جوڌپور جو راجا قبضو ڪري ويو، اهو علائقو بہ فتح ڪري، سنڌ جي حيثيت بحال ڪيائون. نہ فقط ايترو، پر بهاولپور جي حاڪم کان سبزل ڪوٽ وارو علائقو هٿ ڪري، سنڌ جي حدن ۾ شامل ڪيائون. هوڏانهن مزارچه علائقو بروهين کان کسي، سنڌ سان ملايائون. انهيءَ ڪري راڄنپور تائين ٽالپر حڪومت قائم ٿي وئي. مزارين ۽ بليدن جو تعاون حاصل ڪري ٽالپرن پنهنجي حڪومت ديره جات تائين مضبوط ڪئي، انهيءَ ڪري سنڌ جون حدون اتر ۾ راجنپور کان ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ، ۽ اوير ۾ راجپوتانا کان ڪيرٿر تائين قائم ٿي ويون.

سنڌ جو پهريون ٽالپر حڪمران مير فتح علي خان هو. ملڪ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ هن پنهنجي ٽن ڀائرن: مير غلام علي خان، مير ڪرم علي خان ۽

مير مراد علي خان کي پاڻ سان حکومت ۾ شامل ڪري چوياري قائم ڪئي. سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو: (1) پهريون حصو حيدرآباد وارو، جنهن جون حدون ڪراچيءَ کان سيوهڻ ۽ ٽنڊوالهيار کان ڪيرٿر تائين هيون. تر بہ هن حصي ۾ هو. مير فتح علي خان پنهنجي چوياري سان هن حصي جو حڪمران بنيو. هيءَ "شهداداڻي" سرڪار سڏي وئي. (2) ٻيو حصو شاهہ بندر کان چوڙ تائين هو. ان جو پهريون تخت گاهہ ونگي ۾ "ڪيٽي" هو. هيءُ علائقو مير ٺاري خان کي ڏنو ويو. سنہ 1806ع ۾ مير ٺاري خان ميرپورخاص شهر تعمير ڪرائي ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو. هيءَ "مانڪاڻي" سرڪار سڏي وئي. (3) ٽيون حصو اتر ۾ هو، جنهن جون حدون تر ۽ موري کان اوباوڙي، روجهاڻ ۽ سيوهڻ تائين هيون. هي علائقو مير سهراب خان جي حوالي ڪيو ويو. ان جو تخت گاهہ "خيرپور" کي بنايو ويو. هيءَ "سهراباڻي" سرڪار سڏبي هئي.

اسان جي شاعر يعني حضرت سچل سرمست رح جو ڳوٺ خيرپور واري حصي ۾ هو، ۽ خيرپور جا حڪمران مير سندس معتقد هئا. سنڌ جي وڏي حصي تي جيتوڻيڪ حيدرآبادي حاڪمن جو قبضو هو، ان هوندي بہ اتر سنڌ جو سمورو علائقو مير سهراب خان جي قبضي ۾ هو. هو سخي، رحمدل ۽ ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو. سندس ڏينهن ۾ ملڪ ۾ امن امان رهيو، ۽ هر طرح خوشحال ۽ آباد هو. هو حضرت سچل سرمست رح جو همعصر ۽ معتقد هو. هن سنہ 1830ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ سندس پٽ مير رستم خان تخت نشين ٿيو.

جيتوڻيڪ ميرن ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ وسان ڪين ٿي گهٽايو، ان هوندي بہ چوڌاري وڏي گڙ ٻڙ هئي. فرنگي شرارتون هندستان کي پنهنجو شڪار بنائي چڪيون هيون، ۽ هينئر سنڌ ۾ پنهنجو ڄار پکيڙي رهيون هيون. هوڏانهن پنجاب جو حاڪم رنجيت سنگهہ سنڌ تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو. هو شاهہ شجاع ۽ انگريزن جي اتحاد ٽلاٽہ ۾ شامل هو.

راجپوتن ۽ دائودپوٽن بہ ڪئونس ڪرڻ شروع ڪئي، پر ميرن دليري، بهادري ۽ جرئت سان سيني سان منهن ڏنو.

Gul Hayat Institute

علمي ۽ ادبي ماحول

حضرت سچل سرمستؒ جي زماني ۾، سنڌ ۾ ڪيترائي عالم، فاضل ۽ شاعر موجود هئا. سندس وڏن معاصرن، بزرگن ۽ عالمن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي(وفات: 1760ع)، مخدوم محمد معين ٺٽوي، حاجي شاهه فقير الله علوي، مير علي شير قانع ٺٽوي، مخدوم محمد جعفر بوبڪائي، مخدوم عبدالرحمان کهڙن وارو وغيره. سندس ڪيترن ئي وڏن معاصرن ۾ فارسيءَ جي شاعرن جا نالابه ملن ٿا، جهڙوڪ: محمد پناهه رجا، غلام علي مداح، شيوڪ رام عُطارد ۽ مير جان الله شاهه رضوي وغيره.

سچل سائينءَ جي وڏن معاصرن ۾ ڪيترن سنڌي شاعرن جا نالا بہ ملن ٿا، جن الف اشباع جي نظم ۾ ڪتاب بہ لکيا تہ وائي، ڪافي ۽ بيت جي صنفن ۾ بہ پنهنجا جذبات ۽ احساسات بيان ڪيا. انهن شاعرن مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ميان صاحبڏنو فاروقي، سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمانؒ لنواري وارو، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ روحل فقير جا نالا قابل ذڪر آهن.

انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ تعليمي درسگاهه موجود هئا. خاص طرح سان ڇهه وڏا علمي مرڪز هئا، جهڙوڪ: سيوهڻ، ٺٽہ (ٺٽيءَ جي پرسان)، کهڙا، مٽياري، مهڙ (ولهار، عمرڪوٽ جي پرسان) ۽ چوٽياريون. اتي جي مدرسن کي سنڌ جا ٽالپر حڪمران وڏي مالي مدد ڪندا هئا. ان کان سواءِ مالدار ماڻهو بہ پنهنجو مال ۽ ملڪيتون مدرسن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. پڙهائيندڙ عالمن کي چڱي پگهار ملندي هئي ۽ معاشري ۾ انهن جو وڏو مان هوندو هو. ان زماني جي عالمن، فاضلن ۽ بزرگن مان، هنن بزرگن جا نالا قابل ذڪر آهن:

مخدوم محمد عارف سيوستاني (وفات: 1809ع)، مخدوم عبدالواحد سيوستاني (وفات: 1809ع)، شيخ محمد عابد انصاري(وفات: 1841ع)، مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي (وفات: 1810ع)، پير محمد راشد روضي ڌڻي (وفات: 1818ع)، پير صبغت الله شاهه (وفات: 1831ع)، مولانا عبدالحڪيم ڪنڊوي (وفات: 1838ع)، مخدوم محمد حسن سيوهاڻي (وفات: 1805ع)، خواجہ گل محمد لنواري وارو (وفات: 1803ع)، خواجہ محمد زمان دوم لنواري وارو (وفات: 1831ع)، خليفو محمود ڪڙئي وارو (وفات: 1852ع)،

Gul Hayat Institute

قاضي احمد علي سنڌي (وفات: 1815ع)، مولانا عبدالرحمان سنڌي لکنوي (وفات: 1829ع)، قاضي محمد عاقل سنڌي (وفات: 1815ع)، مولانا محمد علي سنڌي (وفات: 1837ع)، مفتي محمد ٻيرائي، نزديڪ قنبر ضلعو لاڙڪاڻو (وفات: 1856ع)، مولانا محمد ڪامل ڪٽباري (وفات: 1824ع)، مولانا محمد حيات ڪٽباري (وفات: 1839ع)، مخدوم محمد عاقل کهڙن وارو (وفات: 1816)، مخدوم ضياءَ الدين کهڙن وارو، سيد عبدالخالق جيلاني گهوٽڪي (وفات: 1790ع)، سيد محمد عابد ثاني جيلاني گهوٽڪي (وفات: 1799ع)، سيد فيض الله شاهه جيلاني گهوٽڪي (وفات: 1831ع)، مُلا صاحبڏنو شڪارپوري (وفات: 1834ع)، ملا اويس شڪارپوري، محمد عارف صنعت شڪارپوري (وفات: 1850ع)، مير فخر الدين علوي شڪارپورري (وفات: 1854ع)، مخدوم عبدالله ٺٽوي (وفات: 1810ع)، قاضي احمد دمائي (وفات: 1817ع)، قاضي محمد حسين ثاني ٺٽوي (وفات: 1834ع)، مخدوم محمد اسماعيل وسين وارو (وفات: 1834ع) ڪان اڳ)، قاضي محمد شڪارپوري، مخدوم محمد عارف سنائي (وفات: 1807ع ڪان پوءِ)، مخدوم عبدالڪريم ٺٽوي (وفات: 1855ع)، صوفي سيد عبدالوهاب جيلاني (وفات: 1800ع ڪان پوءِ)، مولانا محمد عيسيٰ چوهڙپوري، ضلعو لاڙڪاڻو، مخدوم عثمان متعلوي (وفات: 1804ع)، خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري (وفات: 1856ع) ۽ پير سيد محمد ياسين جهنڊي وارو (وفات: 1858ع).

سچل سائينءَ جي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي فارسي شاعر به موجود هئا، جهڙوڪ: سيد ثابت علي شاهه (وفات: 1810ع)، سيد عظيم الدين عظيم ٺٽوي (وفات: 1823ع)، مير غلام علي مائل (وفات: 1835ع)، مير ڪرم علي خان "ڪرم" (وفات: 1828ع)، منشي صاحبراءِ "آزاد"، نواب ولي محمد خان لغاري (وفات: 1832ع)، آخوند محمد قاسم، دلپتراءِ دلپت (ديهانت: 1841ع ڌاري)، ملا صاحبڏنو (وفات: 1834ع)، اميد علي "سها"، محمد عارف "صنعت"، آخوند محمد بچل انور، مخدوم محمد صالح وزير آبادي وغيره.

سچل سائينءَ جي همعصرن ۾ سنڌي شاعرن جا نالا به ملن ٿا، جن شعر جي هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي. انهن شاعرن مان سيد ثابت علي شاهه، پير محمد راشد روضي ڌڻي، ملا صاحبڏنو، دلپت، سامي،

Gul Hayat Institute

صديق فقير سومرو، دريا خان، فتح فقير، خليفو نبي بخش ۽ پير محمد اشرف جا نالا قابل ذڪر آهن.

هن زماني ۾ آخوند عزيز الله (وفات: 1824ع)، سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جو تحت اللفظ ترجمو ڪيو. سنڌي زبان ۽ ادب جي اها خوشبختي آهي، جو ان جي نثر جي شروعات قرآن مجيد جي ترجمي سان ٿي.

ادبي جائزو: هن دؤر ۾ سنڌي زبان ۽ ادب وڏي ترقي ڪئي. هن دؤر جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

1. هن دور ۾ ڪافيءَ ۾ وڏي پختگي آئي ۽ منجهس دلڪشي ۽ رنگيني آئي. گهاڙيٽن جا ڪيترائي نمونا مروج ٿيا ۽ فن توڙي فڪر ۾ وڏي وسعت آئي. ڪافيءَ کي عروج تي پهچائڻ وارو حضرت سچل سرمست رحه آهي، پر ٻين ڪيترن شاعرن ڪافيون چيون، جهڙوڪ: دلپت، مير رستم خان، مير عالي خان، مير مبارڪ خان، فتح فقير، مراد فقير، صديق فقير سومرو وغيره.

2. هن دؤر جي شاعرن جي شعر ۾ فارسي ۽ عربي لفظ ڪجهه قدر گهٽا ملن ٿا. سيد ثابت علي شاهه جي مرثين ۾ فارسي ترڪيبن جا سهڻا مثال ملن ٿا.

3. هن دؤر ۾ غزل ڪجهه اڳتي وڌيو. ڪيترن شاعرن جي غزل جا نمونا ملن ٿا. انهن مان حضرت سچل سرمست رحه، سيد ثابت علي شاهه، خليفي ڪرم الله، مير نصير خان ۽ مير حسين علي خان جا نالا قابل ذڪر آهن.

4. علم عروض جي ٻين صنفن جهڙوڪ: مرثيه، سلام، مسدس، مخمس، مثنوي ۽ رباعي جو رواج پيو.

5. هن دور ۾ منظوم قصه گوئيءَ جو رواج پيو. ان سلسلي ۾ حفيظ تيوٽي جو "مومل راڻو" ۽ خليفي عبدالله جو "ليليٰ مجنون" شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا.

6. الف اشباع جي نظم ۾ به ڪجهه ڪتاب لکيا ويا. ان قسم جو شعر سيد خير شاهه، پير محمد اشرف ۽ مولوي ولي محمد وغيره چيو.

7. مولود جي صنف، هن دور ۾ وڏي ترقي ڪئي. ڪيترن ئي شاعرن مولود چيا، جن مان ملا صاحبڏني، فتح فقير، خليفي ڪرم الله ۽ پير محمد اشرف جا نالا قابل ذڪر آهن.

8. مداح ۽ مناجات به وڏي ترقي ڪئي. اهڙي نموني جو شعر ملا صاحبڏني، صدر الدين چارڻ، حمل خان لغاري، فتح فقير، آخوند محمد بچل انور ۽ حسين فقير ديدڙ (قنبر وارو) چيو.

Gul Hayat Institute

9. هَجو گوئيءَ جو رواج بہ هن دور ۾ پيو. سيد خير شاهہ ۽ سيد ثابت علي شاهہ هڪٻئي جي هجو لکي.

10. رزميہ شاعريءَ جا بہ سنا نمونا ملن ٿا. هن قسم جا مثال خليفي نبي بخش لغاري جي سر ڪيڏاري، حضرت سچل سرمست رحہ ۽ سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين ۽ سيد حيدر شاهہ جي جنگنامن ۾ ملن ٿا.

11. خليفو نبي بخش پهريون شاعر آهي، جنهن سُر ڪيڏاري کي قومي شاعريءَ جي اظهار جو ذريعو بنايو. سندس شعر ۾ قومي جوش ۽ جذبو آهي ۽ سنڌ جي سورهين جي ساراهہ آهي.

12. ٿيهہ اکري جو رواج اڳ ۾ بہ هو، پر هن دور ۾ هن صنف جا بلند پايہ شاعر ٿيا، جهڙوڪ: ملا صاحبڏنو، خليفو نبي بخش، حمل خان لغاري، آخوند محمد بچل انور ۽ حسين فقير ديدڙ.

13. حضرت سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ ڪيترين نيون صنفون بہ ملن ٿيون، جن ۾ پهريون ڀيرو سچل سائين پنهنجا خيال ظاهر ڪيا. انهن صنفن جا نالا آهن: جهولڻو، جهولڻو ڪافي، گهڙولي، ڏوهيڙا، ڪلام، مسلسل بيت ۽ مسلسل دوها وغيره. انهن جو فني تعارف هن ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

14. هن دؤر ۾ هندو شاعرن جو شعر بہ ملي ٿو. سامي جي سلوڪن سان گڏ دلپت ۽ سندس گرو آسرداس "آسو" جو شعر بہ مليو آهي.

15. هن دؤر ۾ پهريون ڀيرو نثر جو نمونو ملي ٿو. اهو پهريون نثر آهي، آخوند عزيز الله جو قرآن مجيد جو تحت اللفظ ترجمو.

فقراهي درگاهون

انهن ڏينهن ۾ سڄيءَ سنڌ خصوصاً "درازن" جي پسگردائيءَ ۾ فقراهي خانقاهون هيون، جتي معرفت جي مَـي جي ونڊ ورڇ ٿي رهي هئي ۽ روحاني فيض جي پالوٽ ٿي رهي هئي. انهن، پسگردائيءَ وارين درگاهن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي:

1. **گنبت ۽ راڻيپور:** هتي ابراهيم شاهہ ۽ صالح شاهہ قادري جون درگاهون هيون.

2. **کهڙا:** هتي محمد ذاڪر ۽ رازق ڏنو فقير وڪر وهائي رهيا هئا، جيڪي اصل ۾ درازن جا طالب هئا.

3. **هڱورجا:** هتي سيد محمد عطا ولد سڪيل شاهه دونهي دڪايو وينو هو.

4. **دونهين:** هتي سيد ابراهيم شاهه سلوڪ جي سڱنڊ پڪيڙي رهيو هو.

5. **ڪنبڙي:** هتي روحل فقير جا فرزند: شاهو فقير، غلام علي فقير، خدا بخش فقير ۽ دريا خان فقير طالبن جي تربيت ڪري رهيا هئا.

6. **روهڙي:** سيد جان الله شاهه رضوي ثاني برهه جي بازار لڳايو وينو هو.

7. **پير ڳوٺ:** هتي پير محمد راشد روضي ڌڻي طالبن کي حق جي راهه ڏسي رهيو هو.

انهن سيني درگاهن سان درازن جي درگاهه جو سهڻو سلوڪ هو.

ٻيا فاروقي شاعر

درازي درويشن ۾ قديم زماني کان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، جن جو ڪلهوڙن توڙي ٽالپرن جي دؤر ۾ وڏو مان ۽ مرتبو هو. هن خاندان جي فارسي شاعرن مان پهريائين "ذوقي" ۽ "حقيري" جا نالا ملن ٿا. انهن جي شعر جو نمونو مليو آهي، پر وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي. حضرت سچل سرمست به کين "ديوان آشڪار" ۾ ياد ڪيو آهي:

"بسي شاعر نهان شد آشڪارا، ڪجا ذوقي ڪجا رفته حقيري"

انهن کان سواءِ ٻين شاعرن جا نالا به ملن ٿا، جهڙوڪ: آخوند عبدالقوي تخلص "طالع" يا "قوي طالع"، خواجه محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو، ميان عبدالحق، سخي قبول محمد اول، محمد حيات "حاتم"، گل محمد، عبدالهادي، محمد صالح، باغ علي، محمد نشان، خوش محمد، آخوند خان محمد ۽ نور علي، ميان صاحبڏني جي هڪ ڪافي نموني طور هت ڏجي ٿي:

ووڙيان ڇو وڻڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾.

1. صحيح سڄاتم سرتيون، دل ۾ آ دلدار.
2. ڪاڪيون آهي قلوب ۾، ڪيچ ڌڻي ڪوهيار.
3. ناحق وندر ڇو وڃان، پاڪر ۾ پوتار.
4. ونَحن اَقرب اوڏڙو، لذتم لون يار.
5. ساهئون اوڏو سپرين، ڪوهه ڇڄان ٻيو پار.
6. صاحبڏني سمجهيو، تن اندر تڪرار.

درازي درگاهہ جي طالبن مان بہ ڪيترائي شاعر ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي شعر جي ذريعي صوفيانہ خيالن جو اظهار ڪيو. انهن مان محمد چنيهہ اُچڻ، فقير نانڪ يوسف، غلام حيدر شر، فقير محمد الح، گهرام فقير، سيد خير شاهہ، فقير عبدالرحمان پناڻ، ايسر فقير، آغا غلام نبي صوفي، سردار بهادر محمد بخش ڪوجهي ۽ قاضي علي اڪبر درازيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

Gul Hayat Institute

سچل سرمست جون تصنيفون

فارسي تصنيفون: فارسي شعر ۾ سندس هيٺيون تصنيفون مليون آهن:

ديوان آشڪار: هيءُ ديوان پهريون پيرو مير علي مراد خان ٽالپر والي رياست خيرپور، نولڪشور پريس مان ڇپائي شايع ڪيو. ان کان پوءِ آغا غلام نبي صوفي مرحوم، ولبداس گاجرا جي مالي مدد سان ڇپائي شايع ڪيو. ٽيون پيرو لالا مڪند لعل صاحب ڇپايو.

ديوان خدائي: هن ديوان ۾ "خدائي" تخلص آندو ويو آهي. هن جا فقط نَوَ غزل ملي سگهيا آهن، جيڪي محترم قاضي علي اڪبر صاحب مثنوي "راز نامہ" سان گڏ شايع ڪيا آهن.

مثنويون: حضرت سچل سائينءَ تصوف جي تعليم ڏيڻ لاءِ فارسي ۾ ڪيتريون ئي مثنويون لکيون آهن، جن ۾ وحدت الوجود جو فڪر دليلن ۽ مثالن سان سمجهايو ويو آهي. اهي مثنويون محترم قاضي علي اڪبر درازي سنڌيءَ ۽ اردو ترجمن سان ڇپائي شايع ڪيون آهن. ڊاڪٽر عطا محمد حامي مرحوم انهن جو منظوم سنڌي ترجمو ڪيو آهي. انهن مثنوين جا نالا هي آهن:

رهبر نامہ، وحدت نامہ، تار نامہ، عشق نامہ، درد نامہ، گداز نامہ، راز نامہ ۽ وصلت نامہ.

نڪتہ تصوف: هي فارسي نثر ۾ هڪ تحرير آهي، جنهن ۾ طالب کي سلوڪ جي راهہ جي تلقين ڪيل آهي. محترم قاضي صاحب اها تحرير هڪ قلمي ڪتاب تان نقل ڪري، پنهنجي اردو ڪتاب "سچل سرمست - شاعر هفت زبان" ۾ ڏني آهي.

فارسي شاعريءَ جو جائزو: حضرت سچل سرمست فارسي زبان جو پُرگو ۽ بلند پايہ شاعر آهي. سندس فارسي شعر جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هن ڪُليات عطار، ديوان شمس تبريز، مثنوي مولانا روم، ديوان احمد جام زندهہ پيل ۽ آثار جامي جو گهرو مطالعو ڪيو هو. عطار لاءِ عقيدت جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

اي صبا باما حقيقت شهر نيشاپور ڪن
ميڪنم قربان بران خاڪ زمين اين جان و تن

Gul Hayat Institute

خــواه از عطــار گــان محــب در پيــر مغــان اســت
از ولـــي الله دعـــا اي "آشـــكارا" خويشـــتن[1]

ترجمو: اي صبح جي تڏڙي هير! اسان کي نيشاپور شهر جي حقيقت ٻڌاءِ. آئون، انهيءَ سرزمين جي پاڪ مٽيءَ تي پنهنجو جسم ۽ جان قربان ڪريان ٿو. اي "آشڪار"! پنهنجي لاءِ، انهيءَ ولي الله، خواجہ عطار کان دعا طلب ڪر. جيڪو پيار ۽ محبت وارو ۽ پيرِ مُغان بہ آهي.

حضرت خواجہ احمد جام زنده پيل جو ذڪر هن طرح آندو اٿس:

مــن شــدم عاشــق بنــام آشــفتگان،
ره، رفيق خواجہ احمد جام ماسـت.[2]

ترجمو: آئون تہ عاشقن جي نالي تي بہ عاشق آهيان ۽ انهيءَ نسبت جي ڪري، اسان جو دوست ۽ (سلوڪ جي) راهہ جو رفيق خواجہ احمد ڄام آهي.

سندس فارسي شعر ۾ هر هنڌ "همہ اوست" جو نظريو ڪارفرما آهي. ڪيترين ئي جاين تي مستي، بيخودي ۽ استغراق واري حالت ۾ "اناالحق" جو نعرو هنيو اٿس. سندس رڳ رڳ مان اهائي تنوار ٿي آئي:

الفار ني في الله و الباقي بهي - من نيستم والله بالله من نيستم

شفيع احمد علوي مرحوم، سچل سائينءَ جي "ديوان آشڪار" بابت صحيح لکيو آهي تہ:

"ديوان آشڪار" سچو شاعر جي جذبۂ مستي، سوز و گداز، رقت، وجداني ذوق، فنا، عبوديت، استغراق، تجليات معرفت، ذوق فنا في الوجود سان لبريز ۽ معمور آهي. ان جي سمجهڻ ۽ سندس باريڪين، رمزن ۽ اسرار کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ هڪ خاص ذوق نظر جي ضرورت آهي، جا ڪاملن ۽ پاڪ نفسن کي مليل هوندي آهي."

سچل سائينءَ جو شعر وجد، مستي ۽ بي خوديءَ جو آئينہ دار آهي. چوي ٿو:

من باو مست يار مست بما - تاڪہ از عهد داد دست بما
دوست را مونسي وهم نفس - چند ايامها گذشت بما
"آشڪارا" توشاد باش صنعم - عهد نامہ وفا نوشت بما[3]

---

[1] ديوان آشڪار: جلد: 2، فارسي، ص 65)
[2] ديوان آشڪار: جلد: 1، ص 67 (ساڳيو)
[3] ديوان آشڪار: جلد: 1، ص 67، فارسي

Gul Hayat Institute

ترجمو: آئون يار سان مست آهيان ۽ يار مون سان مست آهي، ايتريقدر جو هن انهيءَ باري ۾ اسان سان وعدو ڪيو آهي.

منهنجي دوستي ۽ رفاقت، پنهنجي يار سان اڄ جي نه آهي، پر اسان جي اها هم نشيني ايامن کان آهي.

اي "آشڪار"! تون خوش رهه، ڇو ته تنهنجي محبوب ياري نيائڻ جو وعدو اسان کي لکي ڏنو آهي.

هن شعر تي تبصرو ڪندي شفيع احمد علوي مرحوم لکيو آهي:

"متين شعرن ۾ الستي عهد ۽ ميثاقي قول جي يادگيري ڏياريل آهي ۽ اڳوڻي پرمسرت زندگي ۽ وصال جي ڏينهن ۽ ان جي سهڻين ڳالهين کي سارينديلطافت ۽ شيريني مخصوص آهي، جا عراقي، جامي، عمادالفقيه ڪرماني جي ڪلام ۾ ملي ٿي."

حضرت سچل مرمست جيتوڻيڪ "وحدت الوجود" جي فڪر جو ترجمان ۽ "اناالحق" جو نعرو هڻندڙ آهي، ان جي باوجود ڪيس شرع لاءِ بيحد عزت ۽ احترام آهي، چوي ٿو:

از شرع رومتاب گر مردي - غوث و قطب و کنند سلام[1]

مطلب ته حضرت سچل سرمست جي "ديوان آشڪار" جو سمورو شعر وحدت الوجود، پاڻ سڃاڻڻ، الاهي عشق، ذوق عبوديت ۽ فنافي الله جهڙن روحاني مضامين سان مزين آهي. هو پنهنجي روحاني واردات به بيان ڪري ٿو، ته طالب کي تلقين ڪري ٿو، ۽ سلوڪ جي راهه ۾ رهنمائي به ڪري ٿو. فني ۽ معنوي لحاظ کان به سندس شعر اعليٰ درجي جو آهي. غزلن ۾ تغزل آهي، حسن و جمال جو جلوو آهي ۽ هجر و وصال جو تذڪرو آهي. امنگن ۽ احساسن، جذبن ۽ خيالن کي اهڙو ته عمدو ۽ اثرائتو بنايو اٿس، جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ بي اختيار ٿيو وڃي. ان کان سواءِ شعر ۾ غضب جي محاڪات ۽ رواني آهي، دلڪشي ۽ اثر انگيزي آهي، ڪيف ۽ مستي آهي، بيخودي ۽ بيباڪي آهي، نازڪ خيالي ۽ فڪر جي گهرائي آهي.

---

[1] جيڪڏهن تون مرد آهين ته شريعت کان منهن نه موڙ، يعني شريعت تي قائم رهه. ڇو ته غوث ۽ قطب به شريعت جا سلام ڪندڙ آهن (شريعت تي هلندڙ آهن)

Gul Hayat Institute

سچل سائينءَ جي مثنوين ۾ بہ تصوف جا اونها اسرار بيان ڪيا ويا آهن. انهن مثنوين ۾ "وحدت الوجود" ۽ "همہ اوست"، فنا ۽ بقا، مجاهدي ۽ وجد، تسليم و رضا، زهد ۽ تقويٰ، صبر ۽ شڪر، عالمِ خلق ۽ عالمِ امر، ذات ۽ صفات، تنزيهہ ۽ تشبيهہ جهڙن نازڪ صوفيانہ مسئلن تي نهايت اثرائتي نموني، دليلن ۽ مثالن سان بحث ڪيو ويو آهي. خاص طرح سان "وحدت الوجود" کي سمجهائڻ لاءِ ڪيترائي دليل، مثال ۽ قرآن شريف جون آيتون چپي چپي تي آنديون ويون آهن. رواني ۽ سادگي مثنوين جون خاص خوبيون آهن.

مثنوي "وحدت نامہ" ۾ چوي ٿو تہ حسن ظهور پذير ٿيو، جنهن جي جلوي سان درو ديوار روشن ٿي ويا. اندر بہ محبوب آهي، تہ ٻاهر بہ محبوب. ذري ۾ بہ انهيءَ کي ئي ڏسي سگهجي ٿو. سمورا راز بي نقاب ٿي ويا، انهيءَ ڪري خوديءَ کي ختم ڪري ڇڏ:

جلوه حسن پديدار، تجلي درو ديوار، درون بيرون دلدار،
بہ هر ذره ديدار، عيانست همہ اسرار، من و مائي بگذار.

(مثنوي "وحدت نامہ": ص 2، قاضي علي اڪبر درازي، سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي خيرپور، 1964ع)

حُسن جو جلوه ظاهر ٿيو. انهيءَ تجليءَ سان در و ديوار روشن ٿي ويا. اندر ۽ ٻاهر محبوب آهي. هر ذره ۾ سندس ديدار آهي، سمورا راز ظاهر ٿي چڪا آهن. "تون"، "مان" ۽ "اسان" کي ترڪ ڪري ڇڏ.

"تار نامہ" ۾ پهريائين تار جي پرسوز آواز جو تاثير بيان ڪري، پوءِ تار جي آتم ڪهاڻي آندي اٿس. ان ۾ تار ٻڌايو آهي، تہ جڏهن مون سختيون سٺيون، ۽ ٻاهہ جي تو ۽ هٿوڙن جي ڏکن مان نڪتس، ان ڪان پوءِ ئي مان يار جي هٿن تائين پهتس. تار چوي ٿي:

صد هزاران رنج و محنت ديده ام
پس بدست يار خود برسيده ام
آمدم اڪنون بدست يار خويش
مي سرايد او مرا شب و روز پيش.

سوين هزار ڏک ۽ تڪليفون ڏٺيون اٿم. پوءِ مان يار وٽ پهتس. هاڻي مان پنهنجي يار جي هٿ ۾ آهيان. هينئر مون کي رات ڏينهن، پنهنجي ذڪر جي تند و تنوار ۾ پيو وڄائي.

Gul Hayat Institute

(مثنوي "تار نامہ": ص 10، قاضي علي اڪبر درازي، اتحاد پريس سکر)

مثنوي "گداز نامہ" ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو، تہ انهيءَ ذات جو جلوو تو ۾ ئي آهي. انهيءَ مٽيءَ جو پردو لاهہ، يعني پنهنجو پاڻ فنا ڪر، تہ انهيءَ جمال جو جلوو پسين:

اين حجابِ گل بکش بيني فدا
آن خدا پنهان شده اندر روا

(ص 22)

اهو مٽيءَ جو پردو لاهہ تہ خدا ڏسين. اهو خدا، بيشڪ پرده جي اندر لڪل آهي.

"رهبر نامہ" ۾ سلوڪ جي راهہ جي سمجهاڻي ڏني اٿس. هو چوي ٿو، تہ معرفت جي منزل جو منڍ عشق آهي. هو چوي ٿو، تہ جيڪا دل عشق کان خالي آهي، اها ويران آهي. اها دل نہ آهي، پر پاڻي ۽ مٽيءَ جو مجموعو آهي:

هست بجز عشق کہ ويرانہ دل
آن دل نبود مگر از آب و گل

بغير عشق جي دل، ويران آهي. اها دل نہ هوندي، پر فقط مٽيءَ ۽ پاڻيءَ واري ڍيل دل هوندي.

"عشق نامہ" ۾ عشق جي فضيلت ۽ اهميت تي وڌيڪ وضاحت سان روشني وڌي اٿس. سندس نظر ۾ عقل، عشق کان سواءِ بي معنيٰ آهي. انهيءَ ڪري هو عشق کي بادشاهہ ۽ عقل کي ان جو سپاهي سمجهي ٿو ۽ ان کي سندس در جو دربان ٻڌائي ٿو:

عشق شاه است و عقل دربان او
اين سپاهي يک بود سلطان او

عشق بادشاهہ آهي. عقل هن جي اڳيان دربان آهي. عقل صرف هڪڙي ئي بادشاهہ عشق جي اڳيان سپاهي آهي.

(مثنوي "عشق نامہ": ص 12، قاضي علي اڪبر درازي، اتحاد پريس سکر)

درد، عشق سان لازم ۽ ملزوم آهي. "درد نامہ" ۾ چوي ٿو تہ تون مرد آهين، تہ بي درد نہ ٿيءُ، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن تو کي درد ناهي تہ تون مرده آهين:

بيدرد مباش گر تو مَردي
دردي نہ تراست دان کہ مُردي

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن تون مرد آهين تہ بي مرد نہ ٿيءُ. جيڪڏهن تو کي درد ناهي تہ تون مُرده آهين.

(مثنوي "درد نامہ"، ص 5 قاضي علي اڪبر درازي، اسٽينبرڊ پريس سکر)

مثنوي "راز نامہ" ۾ "وحدت الوجود" جي فکر کي ڪيترن ئي مثالن ۽ دليلن ذريعي سمجهايو اٿس. هو چوي ٿو تہ هيءَ ڪثرت، وحدت جو ئي پرتوو آهي. ان لاءِ هو مثال ڏئي ٿو، تہ سون مان ڪيترائي زيور جڙن ٿا، جن تي مختلف نالا پون ٿا، پر سيني ۾ ساڳيوئي سون آهي.

ڪز طلا گردند زيور صد هزار
شد بهر يڪ نونو اسم وار

سون مان، سوين هزار زيور جُڙن ٿ ا، هڪ ئي سون مان طرحين طرحين جي نالن سان زيور تيار ٿين ٿا.

انهيءَ ڪري هو چوي ٿو، تہ وحدت ۽ ڪثرت هڪ آهي:

اندر همہ وحدت بداني اي پسر
ڪثرت وحدت يڪي دان سربسر

اي پٽ! جيڪڏهن تون سمجهين تہ حقيقت ۾ ڪثرت ۽ وحدت سراسر هڪ ئي آهي.

مثنوي وصلت نامہ ۾ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو اٿس، تہ ڪثرت ۽ وحدت کي جدا جدا بہ ڪري نہ سمجهہ. انهيءَ ڪري هو تلقين ڪري ٿو تہ دوئي ترڪ ڪر تہ تو کي معرفت جي منزل حاصل ٿئي:

دو مبين گر مرد راهي اي پسر
تا شوي در راه معنيٰ معتبر

اي منهنجا پٽ! جيڪڏهن تون مرد آهين تہ ٻہ نہ ڏس، تہ جيئن توکي معرفت ۾ معتبر مقام حاصل ٿئي.

مثنوين ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ثنا ۽ صفت بيان ڪئي اٿس، ۽ ان سان گڏ اصحاب ڪرام، اولياءَ عظام ۽ سلف صالحين جي توصيف بہ بيان ڪئي اٿس. مثنوي "وحدت نامہ" ۾ چوي ٿو:

مصطفيٰ و مرتضيٰ هر دو يڪي ست
در ابوبڪر و عمر ڪس را شڪي ست

Gul Hayat Institute

سـر احمـد بـود عثمـان در جهـان
احمـدش گفتـه رفيقـي فـي الجنـان

مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ بئي هڪ آهن ۽ ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ جي يگانگت ۾ شڪ نہ آهي. حضرت عثمان رضہ دنيا ۾ رسول اڪرم ﷺ جو رازدان هو ۽ عقبيٰ (آخرت) جي متعلق بہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ بهشت ۾ بہ منهنجو رفيق هوندو.

مثنوي "وحدت نامہ" ص 12، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، بار دوم، جنوري 1978ع)

مثنوي "وحدت نامہ" جو فڪري جائزو الڳ ڏنو پيو وڃي.

اردو شعر: سچل سائينءَ جا پنجاھہ ڪافي نُما اردو غزل مليا آهن، جيڪي مرزا علي قلي بيگ واري رسالي ۾ سنڌيءَ ۽ سرائڪي ڪلام سان گڏ آيل آهن. ان کان پوءِ مولانا حڪيم محمد صادق جي مرتب ڪيل "سرائڪي ڪلام" جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن. هن ڪتاب ۾، سچل سائينءَ جي اردو ڪلام ۾ ردوبدل ڪئي وئي آهي ۽ ان کي جديد اردو غزل جي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اها ڳالهہ محققن توڙي سچل سائينءَ جي طالبن جي نظر ۾ نامناسب آهي.

اردو ڪلام جي زبان قديم اردو آهي، جيڪا ولي دکني ۽ ٻين قديم دور جي اردو شاعرن جي شعر جي زبان آهي، جن ۾ سين/سون/سيتي وغيره لفظ ملن ٿا، جيڪي هينئر متروڪ آهن. فني لحاظ کان جيتوڻيڪ غزل جي فني تقاضائن جو خيال رکيو ويو آهي، پر ان ۾ ڪافي جو رنگ غالب آهي. مضمون ساڳيو صوفيانو آهي. "وحدت الوجود" ۽ "همہ اوست" جو ذڪر آهي، ۽ نفي ۽ اثبات، فنا ۽ بقا، حال ۽ قال جهڙا باريڪ مسئلا ۽ اسرار و رموز بيان ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ حسن و عشق ۽ هجر و وصال جو بيان بہ پر اثر نوع ۾ آندو ويو آهي. جمال جي جلوي جو بيان هڪ هنڌ هن طرح آندو اٿس:

ويکھـن سـيتي فهـم و عقـل هـم سـون اُڊر گيـا
وه زلـف و پيـچ و پيـچ سـون مسـتانہ هورها هـون
معشـــوق آج سـر چيـرا بنـاکي آيــا
ميـن اس حسـنِ شمـع پـر پروانـہ هـو رها هـون

سرائڪي ڪلام: حضرت سچل سرمست سرائڪي زبان جو باڪمال شاعر آهي. سندس سرائڪي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جون خوبيون به آهن، ته ان ۾ زبان ۽ محاوري جون نزاڪتون به نظر اچن ٿيون. سرائڪي زبان جي بلندپايه شاعر حضرت خواجه فريد سندس سرائڪي ڪلام مان استفادو ڪيو آهي. سندس ڪيترين ئي ڪافين ۾ حضرت سچل سرمست جي تتبع ڪيل نظر اچي ٿي. زبان ۽ محاوري جي لحاظ کان به حضرت سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام قابل قدر آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس نيٺ ۽ خالص سرائڪي لفظ ۽ محاورا نهايت حسن و خوبيءَ سان استعمال ڪيل آهن. اهوئي سبب آهي جو بلاشبه سنڌ ۽ ملتان جي سرائڪي شاعرن جو "سرتاج الشعراءِ" آهي.

سرائڪي ڪلام جو بنيادي مضمون به "وحدت الوجود" آهي. هو چوي ٿو، ته مون ۾ ان ذات جو جلوو آهي. فرمائي ٿو:

ميڏڙي دل وچ يار پٽ ديان پينگهان پايان وو
آپي جهوٽي، آپ جهوٽا وي ڏيندا لوڏي لک هزار

هو "همہ اوست" کي نهايت کولي بيان ڪري ٿو، ۽ منصور حلاج ۽ شمس تبريزي کان متاثر نظر اچي ٿو:

اسان ڏي جاکون لڳڙي، هوائي شمس تبريزي،
اُهين جاتي مئن آيا هان جتان خاصا دي خونريزي،
ويکو منصور کون عشق ڪيتا سردار آويزي،
اتان مئن ره ڳئي مدت آکيا برهاک برخيزي،
ويکو يارو عاشقان تي ڪيتي هي عشق انگيزي،
اصل محبوب دي آهي، سچو يہ خوب پرويزي.

"اناالحق" جي آواز آلاپڻ جي باوجود عاجزي ۽ انڪساري جو اظهار به ڪري ٿو:

تيڏي در زاري زاري، الله ميڏي آهي آهي،
مئن نماڻي عيبن هاڻي، تار تساڏي تاري تاري،
نال تساڏي روز اول تون، يار اساڏي ياري ياري،
حال اساڏي دي دلبر سائين، سڌ تنا کون ساري ساري.

سچل سائينءَ کي سرائڪي زبان تي وڏو عبور حاصل هو. رشيد لاشاري مرحوم صحيح لکيو آهي:

Gul Hayat Institute

"سچل سرمست کي سرائڪي يا پنجابي تي ايترو عبور حاصل هو، جو زنانا محاورا ۽ زنانا جذبات به اهڙي رنگ سان پيش ڪري ٿو، جو خود اتان جا رهاڪو به ڏندين آڱريون وجهي رهجي وڃن ٿا."

سنڌي شعر: سنڌي شعر ۾ حضرت سچل سرمست فن توڙي فڪر جي لحاظ کان عظيم به آهي، ته منفرد به. سنڌي شعر جو بنيادي ۽ اهم مضمون به تصوف آهي. "وحدت الوجود" ۽ "همه اوست" جا مختلف مسئلا نهايت وضاحت سان وڏي بيباڪيءَ سان بيان ڪيا اٿس. ان سان گڏ حُسن و عشق ۽ هجر و وصال جو بيان به پُر اثر ۽ پُر درد نوع ۾ بيان ڪيو اٿس. وڇوڙي جا ورلاپ هن طرح بيان ڪري ٿو:

چشمن جي چمڪار، ساهه منهنجو سوگهو ڪيو،
ويهي واٽڙين تي، رئان زاروزار،
هوت اگڻ اڇج هيڪار، اگڻ آسروند جي.

هن دنيا ۾ اوندهه به آهي، ته سوجهرو به، رات به آهي، ته ڏينهن به، ڏک به آهن ته سک به. سچل سائين زندگيءَ جو فلسفو سمجهائيندي چوي ٿو ته ڏکن مان سک حاصل ٿين ٿا. فرمائي ٿو:

ڏکن منجهان سک، مون تا لڌا جيڏيون،
ڏورينديءَ کي ڏک، سونهان ٿيڙا سچڻا.

اهڙيءَ طرح سچل سائين زندگي ۽ زندگيءَ جي مسئلن ۽ تقاضائن جو تجزيو ڪري، اسان کي سمجهايو آهي ته انسان جي فلاح ۽ بهبود انهيءَ ۾ آهي، ته هو روحانيت جي راهه اختيار ڪري پنهنجي نفساني خواهشن کي ختم ڪري، پنهنجي حقيقت هٿ ڪري. ان کان پوءِ کيس معلوم ٿيندو ته ذات مطلق جو جلوو منجهس ئي آهي. انهيءَ ڪري هو اسان کي تنبيهه ڪري ٿو، ته وحدت ۽ ڪثرت ۾ ويڇو نه وجهه. اها بيائي ختم ڪر ۽ پنهنجو پاڻ فنا ڪر، ته واحد سان تنهنجو وصال ٿئي:

بيائي بانهپ ڇڏ، آءُ تون احديت ۾،
لحمئون دمئون لڌ، تان پاڪائي پاڪ ٿئي.

سچل سائين سنڌ ۽ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي تصوير به آندي آهي. قديم زماني ۾ سنڌ، خاص طرح سان ٿر جو دارومدار مينهن تي هوندو هو. مينهن جي وسڪار ۽ ان کان پوءِ سرسبزي ۽ شادابي جي تصوير هن طرح بيان ڪئي اٿس:

عـــالم كـــي آگاهــ، ســارنگ كنــدو آئيـــو،
گـرڙ جيئـن گوڙيــون كـري، كــاهيون اچـي كاهـ،
وايــوءَ ســان وارا كــري، نــاهيون اچـــي ناهـــ،
وســـايائين وڏ ڦـــڙو، واٽـــن تـــي واهـــ واهـــ،
گلذاريـــون ۽ گاهـــ، پٽـــن تـــي پـــڌرا ٿيـــا.

روجهه پهاڙي ڳئون آهي. هي جانور بـ مينهـن جي كري خوش ٿئي ٿـو، ڇاكاڻ جو مينهـن نـ پونـدو آهي، تـ پاڻي ۽ گاهـ لاءِ پئي واجهائيندي آهي. انهيءَ كري مينهن نـ پوڻ جي حالت ۾ پنهنجي جُـوءِ ڇڏي كنهـن وَسنوَ ڏانهـن هلي ويندي آهي. وري جڏهن مينهن پوندو آهي، تـ پنهنجي وطن وَرندي آهي. ان جي واپس ورڻ جو ذكر حضرت سچل سرمست هن طرح كيو آهي:

مـــاٺر مينهـــن پيـــانِ، روجهـــان موٽـــي آئيـــون،
اوســـر ســـندا ڏينهـــڙا، وســـري ســـڀ ويـــان،
ٽاڻـــا تـــَـــرِ تيـــانِ، ڦٽيـــون ڦوڙيـــون گـــڏيون.

سنڌ ۾ كانگ كي پرينءَ ڏانهـن پيغـام نينڌڙ تصور كيو ويندو آهي. حضرت سچل سرمست بـ كانگ جو قدر كري ٿو، ۽ پكيءَ جا پَـرَ موتين سان مرصع كرڻ گهري ٿو، ڇاكاڻ جو هو كيس پرينءَ جو پيغام پهچائي ٿو:

پكـــيءَ ســندا پـــَــرَ، كريـــان مرصـــع موتييـــن،
جـــو آٽـــي عجيبـــن ڏنهـــن، ڏئـــي خـــوب خبـــر،
پيـــنرڙي مـــون پـــَــرَ، شـــال وينـــو كـــري وائيـــون.

سچل سائينءَ سنڌ جي رومانوي داستانن جهڙوك: سورٺ راءِ ڏياچ، نوري ڄام تماچي، سسئي پنهون ۽ مومل راڻو تي تمثيلي شعر بـ چيو آهي. ان كان سواءِ پنجابي رومانوي داستان هير رانجهو جي تمثيل ۾ بـ پنهنجا خيال ۽ جذبات بيان كيا آهن. رانجهي جي سير جو ذكر كندي چوي ٿو:

ڇـــڏي چاهـــ چنـــاب جـــو، راوي ڏانهـــن رويـــو
مرليـــون ســـرليون ونجهليـــون، وڄـــائيندو ويـــو،
تـــانيكو ٿيـــو، ســـو نـــانگو نورنـــگ پـــُـــرِ ۾.

هن مان معلوم ٿيندو تـ هو جنهـن قصي جي تمثيل آڻي ٿـو، ان سان واسطو ركندڙ ماڳ ۽ مكان، آثار ۽ اهڃاڻ بـ صحيح نموني بيان كري ٿو.

مومل راڻي جي قصي سان ڪاڪ، ڪاپڙي، لڏاڻي، راڻي ۽ ڍٺ جو تعلق آهي.
اهي ماڳ مڪان ۽ ڪردار هن طرح آڻي ٿو:

ڪاڪ نه ويا ڪاپڙي، نڪي لڏاڻي،
نڪي ڍريا ڍٺ تي، جتي رنگ رکيو راڻي،
تاڪيا تنهن تاڻي، جتي مون تون ناهه ڪا.

سسئيءَ جو ذڪر ڪندي، وندر واري واٽ جا ڏک ۽ ڏاڪڙا هن طرح بيان ڪري ٿو:

وندر جي ئي وٽن ۾، زور ڪري زاري،
چڙهي ويا چيرين، ڏونڀڻ هيءَ ڏاري،
هڪ واڇوڙا واٽ تي، ٻي وسي ٿي واري،
برهه آهي ٻاري، هيءَ هوتياڻين جو.

نوري ۽ ڄام تماچي ۾ مهاڻن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو نقشو هن طرح چٽيو اٿس:

ڏٺ جنين ڏوڙا، ڦهرڻ ڦاڦوڙا تنين،
پيتا وچن تن جا، ڪپ اندر ڪوڏا،
سو پٽن جي پينگهن ۾، تن لال ڏئي لوڏا،
اهي آڻيون اوڏا، تو وير وهائي وٽ ۾.

سورٺ راءِ ڏياچ ۽ ٻيجل جي ساز جي آواز جو اثر هن طرح ظاهر ڪري ٿو:

ڪوتان جاجڪ جان، ڪدي منگتي مهڙ،
گهر گهر ٻڌي گهوٽ جي، رودن سندي رڙ،
لوڪن لڳي ٻڙ، ٻڌي ٻيجل ٻوليون.

مطلب ته سچل سائينءَ جو شعر فڪر توڙي فن جي لحاظ کان قابل قدر آهي ۽ سنڌي شعر جي ارتقا ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ڇاڪاڻ جو ان ۾ جدت به آهي، ته انفراديت به. پوين سنڌي شاعرن سچل سائينءَ جي تتبع ڪئي آهي.

Gul Hayat Institute

سچل جو سَنيھو

سرمست سائين ساجاھ جو شاعر آھي. ھو انسان جي شرف ۽ شان جو قائل آھي. سندس ڪلام ۾ رندي ۽ بي باڪي آھي، مستي ۽ ڪيف آھي، انتظاري ۽ بيقراري آھي. ڪڏھن سراپا سونھن آھي، تہ ڪڏھن وري سونھن جي ساراھ ۾ ڏاپي ئي نہ ٿو. ڪڏھن محبوب ۾ محو ٿي محويت ۾ اچي ٿو، تہ ڪڏھن وري محبوب وٽ ملتجي آھي. ڪڏھن ڪائنات جا اسرار و رموز بيباڪيءَ سان بيان ڪري ٿو، تہ ڪڏھن وري حيرت جي مقام ۾ مستغرق آھي، ڪڏھن وڏي واڪي چوي ٿو:

بانھون پانءِ مَ پاڻ - تونھين مالڪ ملڪ جو

ڪڏھن وري غور و فڪر ڪندي، حيرت جي حد ۾ اچي نھايت بيباڪيءَ سان چوي ٿو:

اسين آھيون! ڇا اسين آھيون؟!
بيلي، نہ ٿا ڄاڻون، ڇا اسين آھيون.

ھو غور ۽ فڪر جو شاعر آھي، ۽ اعليٰ فڪر پيش ڪري ٿو. سندس سوچ تمام مٿانھين آھي، جنھن ۾ خيال ۽ فڪر جي آزادي آھي، انساني زندگي، مزاج ۽ فطرت جو تجزيو آھي. سندس خيال ۽ فڪر صرف تصوراتي نہ آھي، پر ان جي ھڪ عملي صورت پيش ڪندي، تلقين ڪري ٿو ۽ پيغام پھچائي ٿو. پر افسوس جو سندس پيغام کي پرکڻ وارا ڪونھن، انھيءَ ڪري پاڻ چئي ويو آھي:

ڪنھن سان ڪيم نہ ڪل،
جو سودو آندم پاڻ سان.

1. سودو ڪنھن نہ پڇيو، آيس ۾ مشڪل،
2. گران قيمت ڪون سيئي، موٽيا تنھن مھل،
3. ميڙو موڙن تي ڪري، عالم ڪئي اچل،
4. حال ڏسي تا ھن جو، جيئڙو منجھہ جنجل،
5. ڏوھ نہ مون کي ڪو ڏيو، پئي خلق منجھہ خلل،
6. "سچو" سرفراز ڪيو، آڻي سو عشق اجھل.

حضرت سچل سرمست پنھنجو فڪر ۽ پيغام بيان ڪرڻ وقت ڪيترين جاين تي قرآن شريف جون آيتون بہ مثال طور آنديون آھن، ۽ اُنھن جي صوفيانہ

Gul Hayat Institute

سمجهاڻي بہ ڏني آهي. آدم جي تخليق ۽ فطرت تي روشني وجهندي مثنوي "عشق نامہ" ۾ فرمائي ٿو:

1. آن کہ "اِني اعلم" است آگاهہ زد،
هر چو "مالا يعلمون" رمزي شود.
2. هم ظلوماً هم جهولاً کاراوست،
آگهي يا بي از اين فرمودہ است.
3. از ظلوماً قتل کردن نفس خويش،
از جهولاً بگذرد از خويش و بيش.[1]

مثنوي "عشق نامہ": ص 6، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، اتحاد پريس سکر، سچل سرمست ڪوآپريٽو سوسائٽي، نومبر 1962ع)

معنيٰ: 1. قرآن حڪيم ۾ آدم جي خلقڻ جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو آهي: "اني اعلم مالا يعلمون" (تحقيق آءُ اهو ڪجهہ ڄاڻان ٿو جو اوهين نہ ٿا ڄاڻو.) هن بيت ۾ انهيءَ آيت ڏانهن اشارو ڪري سرمست سائين فرمائي ٿو: "اُها رمز مون کي معلوم آهي، جنهن جي اوهان کي خبر ڪانهي."

2. آدم جي فطرت بابت قرآن حڪيم ۾ آيو آهي: "بيشڪ اسان آسمانن، زمينن ۽ جبلن کي پنهنجي امانت پيش ڪئي، تہ انهن ان کي کڻڻ کان انڪار ڪيو، ۽ هو ان کان ڊڄي ويا، ان کي انسان کنيو، بيشڪ هو وڏو ظالم ۽ جاهل آهي."

انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري سچل سائين فرمائي ٿو: "ظلم ڪرڻ ۽ جهل ڪرڻ سندس ڪم آهي. تون هن جي انهيءَ فرمودي مان واقف ٿيءُ."

3. ظلوماً ما مراد آهي پنهنجي نفس کي مارڻ، جهولاً جو مطلب آهي، پنهنجو پاڻ کي وسارڻ.

ان مان واضح ٿيندو تہ سندس فڪر جو ماخذ قرآن حڪيم ۽ الاهي تصوف آهي. مثنوي "وصلت نامہ" ۾ انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ڪندي ڄاڻايو اٿس، تہ قرآن مجيد هڪ دقيق، ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب آهي. ان سان گڏ چيو اٿس تہ: "مون قرآن مجيد جا مختلف تفسير پڙهيا آهن، ۽ قرآني تعليم جي روح کان

---

[1] مثنوي "عشق نامہ": ص 6، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، نومبر 1962ع

Gul Hayat Institute

واقف ٿيو آهيان." ان کان پوءِ پنهنجي تعليم جو مقصد بيان ڪندي چيو اٿس ته: "سالڪن چيو، ته قرآن ڪريم جو اصل مطلب ۽ مفهوم بيان ڪر." مثنوي وصلت نامہ جا اهي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

1. باز قرآن مغلق ست و باڪمال،
تو چہ داني تا چہ گفتہ ذوالجلال.

2. من همہ تفسير قرآن آن خوانده ام،
مغز قرآن را ازان بر خوانده ام.

3. باز فرمودند ره بينان مرا،
تابگويم اصل راؤ مغز را.[1]

معني: 1. قرآن مجيد هڪ دقيق، ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب آهي. تو کي ڪهڙي خبر ته الله تعاليٰ ان ۾ ڇا فرمايو آهي.

2. مون قرآن شريف جا سڀئي تفسير پڙهيا آهن ۽ ان جو اصل مطلب ۽ مفهوم سمجهيو اٿم.

3. پوءِ، طريقت جي سالڪن مون کي چيو ته مان قرآن شريف جو اصل مطلب ۽ مفهوم بيان ڪريان.

حضرت سچل سائينءَ جي شعر جو مضمون بنيادي طرح ٻن پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: وحدت الوجود ۽ حسن و عشق. هن هيٺ انهن عنوانن تي سچل سائينءَ جي شعر جي روشنيءَ ۾ بحث ڪجي ٿو:

وحدت الوجود: وحدت الوجود صوفياءِ ڪرام جو هڪ اصطلاح آهي، جنهن ۾ حق سبحانہ و تعاليٰ جي توحيد ذاتي ۽ وجودي تي بحث ڪيو ويندو آهي. انهيءَ بحث جو خلاصو هي آهي ته وجود حقيقي فقط هڪ آهي، ۽ اهو حق تعاليٰ جو وجود آهي. ان حقيقت کي لاموجود الا الله چئي واضح ڪيو ويندو آهي. وحدت الوجود جن حقائق جي وضاحت ڪري ٿو، اهي هي آهن:

1. وجود حقيقي هڪ آهي، يعني فقط خدا ئي موجود آهي، ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. هر شيءِ انهيءَ مان آهي، ۽ انهيءَ ۾ آهي، جيئن سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجون،

---

[1] مثنوي "وحدت نامہ": ص 16، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، سچل سرمست ڪوآپريٽو سوسائٽي، بار دوم، 1978ع

Gul Hayat Institute

جن جو وجود حقيقي ناهي، پر اضافي آهي. حقيقت ۾ انهن جو فقط نمود آهي، جيڪو تعين جي ڪري آهي. تعين جو مٽجڻ، موجن ۽ لهرن جي فنا آهي. تعينات يعني موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون آهن، پر سمنڊ باقي رهندو آهي.

2. وجود حقيقي ئي ذات آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن اهي ٻئي جدا جدا حقيقتون هجن، ته توحيد انهيءَ مرحلي تي ئي ختم ٿي وڃي.

3. وجود حقيقي هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو.

4. هو واجب الوجود آهي، يعني پنهنجي "هئڻ" ۾ ڪنهن جو محتاج نه آهي. هو پنهنجي ذات ۾ پاڻ قائم آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هميشه رهندو.

5. هو واحد ۽ لامحدود آهي. جيڪڏهن ان وانگر ٻيو وجود تسليم ڪيو ويندو، ته وجود حقيقي نه واحد رهندو، نه لامحدود.

6. ان جون ٻه شاخون خاص آهن: تنزيهه ۽ تشبيهه. يعني اهو عالم تنزيهه ۾ موجود آهي، ۽ اهوئي عالم تشبيهه ۾ به جلوه گر آهي.

7. اهو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي، ڇاڪاڻ جو ان لاءِ به ٻن وجودن جو تسليم ڪرڻ ضروري ٿيندو.

8. اهو بي مثل آهي، ڇاڪاڻ جو مثل بنجڻ لاءِ به ٻئي وجود ڪي مڃڻو پوندو.

9. ان جو ضد ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ضد لاءِ به ٻئي وجود جو اقرار ڪرڻو پوندو.

10. اهو بي جهت آهي، ڇاڪاڻ ته جهت ۽ پاسي مان به ٻه وجود پيدا ٿين ٿا.

11. عالم جي ڪثرت ان جي احديت يا وحدت جي منافي نه آهي، بلڪ ڪثرت، وحدت مان ئي وجود ورتو آهي. انهيءَ ڪثرت ۽ وحدت ۾ ويڇو ڪبو، ته ٻن وجودن کي تسليم ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪري وحدت ۽ ڪثرت هڪ ڪري ڄاڻجي.

سچل سرمست همه اوست ۽ وحدت الوجود جو وڏو مبلغ آهي، ۽ وڏي واڪي "اناالحق" جو نعرو هڻي ٿو. انهيءَ ڪري ڪيس "سنڌ جو منصور" چيو وڃي ٿو. هو وحدت الوجود تي تمام گهڻو زور ڏئي ٿو ۽ ان کي مختلف ۽ معقول طريقن سان سمجهائي، ذهن نشين ڪرائي ٿو.

انهيءَ ڪري ڪيس "سنڌ جو عطار" سڏيو وڃي ٿو. هو چوي ٿو ته انهيءَ ذات واحد کان سواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ کي حقيقي وجود ڪونهي. هو انهيءَ کي به شرڪ سمجهي ٿو، ته "مان به آهيان، هو به آهي." يعني هر قسم جي شرڪ

ڪان انڪاري آهي، ڀوءِ اهو شرڪ في الذات هجي يا شرڪ في الصفات هجي، يا شرڪ في الافعال هجي. هو هر هنڌ انهيءَ ذات جو جلوو جاري ۽ ساري محسوس ڪري ٿو. هو سمجهائي ٿو تہ انسان جيڪڏهن پنهنجي اصل کي سڃاڻي، تہ کيس معلوم ٿيندو تہ اها وٿ وٽس ئي آهي. هو ٻڌائي ٿو، تہ انسان ۽ ڪائنات جي ڪثرت تي ويچار ڪبو، تہ اها حقيقت هٿ ايندي، تہ ڪائنات جي هر شيءِ انهيءَ ذات حقيقي جو مظهر آهي، ڪا وٿ بہ ان ڪان وانجهيل ڪانهي. "سو ڀڙاڏو سو سڏ". سچل سائينءَ جي سموري ڪلام جو مول مقصد آهي.

مولانا صوفي عبدالرحمان[1] سنڌي لکنوي پنهنجي "ڪلمة الحق" ۾ ڪلمہ طيبہ جي مفهوم ۽ مقصد تي نهايت تفصيل ۽ وضاحت سان لکيو آهي، ۽ شرڪ ۽ وحدت الوجود جي حقيقت بيان ڪئي آهي..هو چوي ٿو تہ جڏهن اسان ڪلمو پڙهون ٿا، تہ ٻيائي يعني شرڪ جلي يا شرڪ في الوجود جو انڪار ڪريون ٿا. يعني اسان تسليم ڪيون ٿا تہ اللّٰه‌تعاليٰ جي ذات ڪان سواءِ ٻي ڪنهن بہ شيءِ جو وجود ڪونهي. الله تعاليٰ، ڪلمہ طيبہ جي نزول سان هر قسم جي شرڪ ڪان منع فرمائي آهي. ڀوءِ اهو شرڪ في الذات هجي، يا شرڪ في الصفات هجي يا شرڪ في الافعال هجي. انهيءَ شرڪ ڪان بچڻ لاءِ اللّٰه‌تعاليٰ قرآن حڪيم ۾ واضح طور فرمايو آهي:

"لا شريڪ لہ" (الله جو ڪوبہ شريڪ ڪونهي) انهيءَ آيت ۾ شرڪ تي ڪوبہ شرط يا قيد لڳايل نہ آهي. ان جي تشريح اها آهي، تہ شرڪ ڪان مطلقاً انڪار ڪرڻو آهي. يعني وجود صفات، افعال، آثار، مطلب تہ هر قسم جي شرڪ ڪان انڪار ڪرڻو آهي. حضرت علامہ عبدالرحمان سنڌي لکنوي صوفي جي نظر ۾ اهو آهي "وحدت الوجود". حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ بہ هر هنڌ اهائي تات ۽ تنوار آهي، يعني هر قسم جي دوئيءَ جي نفي ۽ ذات مطلق جو اثبات. ملا نور الدين عبدالرحمان جامي (وفات 1492ع) پنهنجي ڪتاب "لوائح" ۾ لکيو آهي:

---

[1] مولانا صوفي عبدالرحمان سنڌي، اصل ۾ شڪارپور لڳ ڳورو پاهہ جو وينل هو. اسلامي ملڪن ڪان سواءِ برصغير پاڪ و هند جو سير و سفر ڪيائين، ۽ ڪيترن ئي بزرگن سان ملاقاتون ڪيائين. آخر لکنو جي هڪ مسجد ۾ وڃي رهيو. وفات بہ اتي ڪيائين، ۽ اتي ئي مدفون ٿيو. سندس وفات سنہ 1829ع ۾ ٿي. وڏو عالم، فاضل صوفي هو. وحدت الوجود جو قائل هو.

Gul Hayat Institute

”اي طالب، توتي لازم آهي تہ پنهنجو پاڻ کي پاڻ کان مخفي رک، ۽ جيڪا هستي ذاتي ۽ حقيقي آهي، انهيءَ ڏانهن مشغول ۽ متوجهہ ٿي. انهيءَ کري موجودات جا جيڪي بہ قسم آهن، ان جي جمال جا جيڪي بہ جلوا آهن، ۽ ڪائنات جا جيڪي بہ جزا آهن، ان جي ڪمال جو آئينو آهي. تون پنهنجي انهيءَ نسبت کي مشق ۽ رياضت سان انهيءَ درجي تائين پهچاءِ، جو اها حقيقي هستي تو ۾ مدغم ٿي وڃي، ۽ خود تنهنجي هستي، تنهنجي نظر کان غائب ٿي وڃي، تان جو تون جيڪڏهن پنهنجو خيال ڪرين تہ عين انهيءَ جو خيال ڪرين ۽ پنهنجو ذڪر ڪرين، تہ عين انهيءَ جو ذڪر ڪرين. مطلب تہ اهڙيءَ طرح هڪ ٿي وڃين، جو اناالحق هو الحق جي حڪم ۾ داخل ٿي وڃين.“

ٻئي هنڌ لکيو اٿس:

”حق تعاليٰ جي حقيقت، ان جي هستي آهي. اهڙي هستي، جنهن ۾ ڪنهن هستيءَ جي گنجائش نہ آهي، نہ ان ۾ تغير ۽ تبدل ۽ امڪان آهي ۽ عدد ۽ گهٽائيءَ جو گمان. سمورين حدن ۽ قيدن کان بالاتر آهي، ۽ عقل ۽ حواس ٻئي ان کي پنهنجيءَ گرفت ۾ آڻڻ کان معذور آهن.

انهيءَ ذات جون صفتون ظاهري طرح تہ غير ذات آهي، پر حقيقت ۾ عين ذات آهن. ملا جامي لکي ٿو:

”عقلي لحاظ کان صفتون بيشڪ ذات کان الڳ آهن، پر تحقيق ۽ حصول جي نڪتہ نگاهہ کان عين ذات آهن. مثلاً عالم انهيءَ ذات جو نالو آهي، جنهن ۾ صفت علم هجي، قادر انهيءَ ذات جو نالو آهي، جنهن ۾ قدرت هجي، مريد انهيءَ ذات جو نالو آهي، جنهن ۾ ارادو هجي: ۽ اهو يقيني آهي، تہ جهڙيءَ طرح اهي صفتون هڪ ٻئي کان جدا آهن، اهڙيءَ طرح ذات کان بہ الڳ آهن. پر ان جي حقيقت تہ عين ذات ۾ ئي آهي، ان کان ٻاهران جو ڪو وجود ڪونهي.“

حضرت عبدالڪريم جيلي پنهنجي ڪتاب ”انسان الڪامل“ ۾ لکيو آهي:

”چاڻڻ گهرجي تہ عظمت هڪ ٻاهہ، علم پاڻي، قوت هوا، ۽ حڪمت مٽي آهي. هي اهڙا عناصر آهن، جن مان تنهنجو جوهر بنيو آهي، ۽ انهيءَ جوهر (يعني ذات يا تنهنجي حقيقت) جا ٻہ پهلو آهن: هڪ ازل ٻيو ابد. ان لاءِ ٻہ وصفون آهن: پهريون حق، ٻيو خلق. ان جون ٻہ صفتون آهن: پهريون قديم، ٻيو حادث. ان جا ٻہ نالا آهن: پهريون رب، ٻيو عبد. ان جون ٻہ صورتون آهن:

Gul Hayat Institute

پهريون ظاهر، ٻيو باطن. ان جا ٻه حڪم آهن: پهريون هي تہ هو پنهنجي لاءِ مفقود ۽ پنهنجي غير لاءِ موجود آهي، ۽ ٻيو هي تہ هو پنهنجي غير لاءِ مفقود ۽ پنهنجي لاءِ موجود آهي. ان جون ٻہ معرفتون آهن: پهرين هي تہ ڪڏهن وجوبيت ۽ ڪڏهن سلبيت هجي، ۽ ٻي هيءَ تہ پهريائين سلبيت هجي، ۽ ٻي هي تہ پهريائين سلبيت هجي ۽ پوءِ وجوبيت هجي."

ان مان معلوم ٿيندو تہ صوفيائي ڪرام جي نظر ۾ عالَمُ، ذات باري تعاليٰ کان علحده نہ آهي، پر ان ذات مطلق جي مظاهر جو نالو عالَمُ آهي، اهو آهي: "وحدت الوجود". حضرت سچل سرمست بہ انهيءَ فڪر ۽ حقيقت جي وضاحت ڪئي آهي. ان تي ئي زور ڏنو آهي، ۽ ان کي ئي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ جيئن ٻين بزرگن پنهنجي فڪر جي وضاحت لاءِ قرآن شريف جون آيتون شاهديءَ طور آنديون آهن، تيئن حضرت سچل سرمست بہ اهي آيتون آنديون آهن، جهڙوڪ:

1. هوالاول والاخر والظاهر والباطن: (پ - 27، "الحديد"، آيت - 3)
(اهو ئي اول آهي، اهوئي آخر آهي، اهوئي ظاهر آهي، اهوئي باطن آهي.)

2. ڪل يوم هو في شان: (پ - 27، "الرحمٰن"، آيت - 29)
(هو هر لمحي هڪ نئين شان ۾ ظاهر آهي.)

3. نحن اقرب اليه من حبل الوريد: (پ - 26، "ق"، آيت - 14)
(اسان ان (ماڻهو) کان ان جي شهہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون.)

4. فَاينما تُولو فَثمر وَجهُ الله: (پ - 1، "البقره" - آيت - 115)
(تون جيڏانهن بہ منهن ڪندين، اوڏانهن الله جوئي منهن آهي.)

5. وفي انفسم افلاتبصرون: (پ - 26 - "الذاريات" - آيت-21)
(۽ توهان ۾ آهي، ۽ توهان ڏسي نٿا سگهو.)

وجودي تصوف جو علمبردار ۽ اناالحق جو نعرو هڻندڙ منصور حلاج صوفياءِ ڪرام وٽ تمام گهڻو مشهور آهي. سيني صوفين سندس ذڪر آندو آهي. اسان جو حضرت سچل سرمست، منصور حلاج جي خيال ۽ اعلان سان متفق آهي: چوي ٿو:

جتي ماڻهن ميڙ، آءٌ تتي ناهيان،
سڀ سنباهيان، پٺيءَ شاهہ حلاج جي.

Gul Hayat Institute

شيخ منصور حلاج بيضاوي (وفات 359هہ/969ع) مشهور و معروف صوفي ٿي گذريو آهي، ۽ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي. سندس نعرو "اناالحق" اڄ تائين توضيح طلب رهيو آهي. فرانسيسي مستشرق "لوئي ميسينر" حلاج بابت مفصل تحقيق ڪئي آهي، ۽ سندس ڪتاب "الطواسين" وڏي تحقيق ڪان پوءِ 1913ع ۾ پيرس مان شايع ڪرايو. ان ۾ حلاج چوي ٿو:

"جيڪڏهن مان پنهنجي وعدي (اناالحق) کان ڦري وڃان، تہ مان بہ بهادريءَ ۽ جوانمرديءَ جي ميدان مان ڪڍيو ويندس."

اڳتي هلي چوي ٿو:

"مون هينئر چيو آهي، تہ حق کي نتا سڃاڻو، تہ ان جي علامتن کي تہ سڃاڻو. ان جي هڪ علامت "مان" آهيان. "اناالحق" (مان حق آهيان يا منهنجو نفس ناطقہ حق آهي) ڇاڪاڻ جو مان هميشہ حق سان گڏ رهيو آهيان."

حضرت سچل سرمست بہ وڏي واڪي "اناالحق" جو نعرو هڻي ٿو:

سوز گداز ۽ غم، مڙوئي معاف ٿيو،
مار دمامين دم، عاشق اناالحق جو.

منصور هڪ هنڌ چوي ٿو:

"حقيقت، حقيقت آهي، ۽ خلقيت خلقيت. خلقيت ترڪ ڪريو، تہ جيئن "هو" بنجي سگهو، ۽ "هو"، "اصل" ۾ اعتبار سان "تون" بنجي وڃي."

حضرت سچل سرمست انهيءَ خيال کي ڪيترين ئي جاين تي آندو آهي. نموني طور ڪجهہ بيت ڏجن ٿا:

"تون"، هين سان، "تون" ليين، "مان" ليان "تو" سان،
"تون"، "هي"، "آءٌ" سيهين، "لا" ۾ موجودات ٿي.

جي تو ڄاتو "پاڻ"، تہ آءٌ بيو ڪو آهيان،
ڪَنڌءِ غرق گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾.

"مان" جي حقيقت بيان ڪندي منصور چوي ٿو:

"عقل ۽ قياس جا غلامو! ائين نہ مان هينئر "انا" (مان) آهيان، يا ڪڏهن هوس. مان هڪ بي هنر عارف آهيان، ۽ منهنجي هيءَ حالت خالص ۽ بي هنر نہ آهي. جيڪڏهن مان "هو" ۾ رهندس، تہ "انا" نہ رهندي."

Gul Hayat Institute

حضرت سچل سرمست چوي ٿو:

معلـوم ٿـي مرشـد کـون، ٻـي جـا ڳجھـي ڳالھـہ،
ھـن جـي ڄـا مجـال، "ھـو" ليـي "ھـن" سـان.

حضرت سچل سرمست شيخ عطار کان بہ گھڻو متاثر آهي، ۽ سندس ذکر پنھنجي شعر ۾ ڪيو اٿس. شيخ فريد الدين عطار (وفات 127ھ / 745ع) پنھنجي ڪتاب "منطق الطير" ۾ فرمائي ٿو:

"معرفت باري جي صورت فقط ھيءَ آهي، تہ انسان پنھنجي خوديءَ کي هستي مطلق ۾ گم ڪري:

"تو مباش اصلا کمال اين ست و بس
تو درو گم شو وصال اين ست و بس
تـو درو گم شـو صلـوي آن بـود
پرچـہ آن نـہ بـود فضـوي آن بـود."

ترجمو: اصل ڪمال ھي آهي، تہ تون پنھنجي ھئڻ مان ھٿ ڪڍ. تون ھن (ذات الاھي) ۾ گم ٿي وڃ ۽ اھو وصال آهي ۽ بس. تنھنجي لاءِ اھو جائز ۽ واجب آهي تہ ھن ۾ گم ٿي وڃين، ۽ جي ائين نہ ٿيو تہ ٻيو سڀ ڪجھ بيڪار آهي.

حضرت سچل سرمست فرمائي ٿو:

"پـاڻ وڃـائج نـور نظـر ۾، تـہ وسـرئي ٻـي آڪـاڻي،
فنـا کـون اڳـي بقـا نـہ ٿينديـن، جيئـن پـارو ۽ پـاڻي،
صـورت منجھـان ٿـي ٻـي صـورت وڃـون گـرد اڏاڻـي."

وجودي فڪر جو وڏو شارح ۽ فيلسوف شيخ محي الدين ابن عربي (وفات 638 ھ /1240ع) آهي. سندس ٻہ ڪتاب: "فصوص الحِڪم" ۽ "فتوحاتِ مڪيہ" مشھور آهن.

حضرت سچل سرمست جو فڪر ابن عربيءَ جي فڪر ۽ شرح سان بہ مطابقت رکي ٿو. ابن عربي چوي ٿو تہ وجود مطلق ھڪ آهي. فقط اھوئي موجود آهي. ھر ٻي شيءِ فقط ان جو مظھر آهي. انھيءَ ڪري عالمُ ۽ الله ھڪٻئي جو عين آهن. ھو عالم ۽ الله جي ذات ڪي ذات ۽ صفات جي عينيت جي بنا تي تصور ڪري ٿو، يعني جوھر ۽ عرض جي عينيت جي بنا تي. انھيءَ

ڪري هو چوي ٿو، تہ عالَمُ، ان جي صفات جي محض تجلي آهي. سچل سائين اها ڳالهہ هن طرح بيان ڪئي آهي:

صورت ۾ جاءِ دَمَ جي، دَمَ ريءَ نہ صورت ڪم جي،
دَمَ ۾ جا لذت غم جي، وهہ واهہ ڳالهہ خاصي.

آهي بي نام و نشان، سر انهيءَ جو ناهي امڪان،
طرحين طرحين پوشاڪان پهريئين، ڪل يوم هُوَ في شان،
ظاهر ذات صفات سهي، ڪر سِرِي سِرُہ انسان.

آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مون ڪي ڪير ٿيون پانيو،
آيس هن عالَمَ ۾ ساري چاڙهي بارُ،
آڻيو صدق يقين سان اديون ڙي اعتبارُ،
نوري ناري ناهيان، آهيان رَبُ جبارُ.

پوئين مصرع جو اهو مطلب نہ آهي، تہ هو پاڻ کي الله سڏائي ٿو. حقيقت اها آهي تہ هو پنهنجي نفي ڪري ٿو، ۽ صفات جي حقيقت کي تسليم نٿو ڪري. منصور حلاج بہ ائين ئي چيو آهي:

"جنهن چيو، تہ مان ذات کي ان جي صفتن مان سڃاتو، انهيءَ صانع کي ڇڏي صنعت تي اڪتفا ڪئي."

حضرت سچل سرمست جي خيال ۾ هر ڪا شيءِ ان ذات مطلق جو اولڙو آهي، انهيءَ ڪري صفات يا ڪثرت جو حقيقي وجود آهي ئي نہ. يعني ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي، فقط اهوئي آهي. اهوئي سبب آهي جو هو چوي ٿو، تہ مان تہ آهيان ئي نہ، آهي ئي اهو. "نوري ناري ناهيان" جو مطلب آهي، تہ نور ۽ نار جي ڪا جدا حقيقت ڪانهي، پر ذات جون صفات آهن. صفات جيئن تہ ذات جو عين آهي، انهيءَ ڪري هو چوي ٿو، "نور ۽ نار سان منهنجو ڪو واسطو ڪونهي، پر مون ۾ انهيءَ ذات جو جلوو جاري ۽ ساري آهي." يعني هو جڏهن پنهنجو پاڻ فنا ڪري ٿو، تڏهن کيس فقط اهائي ذات نظر اچي ٿي. انهيءَ حالت ۾ ڪيفيت ۾ هو بي اختيار ٿي چوي ٿو:

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار."

فنا جو مطلب آهي، تہ انسان پنهنجي انفراديت ختم ڪري، ذات مطلق اندر سمائجي، وحدانيت جي تڪميل ڪري. حضرت جنيد بغدادي فناجا ٽي درجا بيان ڪيا آهن:

پهرين قسم جي فنا هيءَ آهي، تہ طالب پنهنجي صفات اخلاق ۽ مزاج جي قيد کان آزاد ٿي وڃي، ٻي قسم جي فنا هيءَ آهي، تہ طالب پنهنجي نفس جي لذت کان بلڪل دست بردار ٿي وڃي. فنا جو ٽيون قسم هي آهي، تہ طالب تي رباني تجليات جو ايڏو غلبو ٿي وڃي، جو سندس موجود وجود جي حقيقت سندس اکين کان اوجهل ٿي وڃي.

حضرت جنيد ٽين درجي جي فنا جي وضاحت ڪندي چيو آهي، تہ هن درجي جو مقصد آهي، تہ انسان انهيءَ شعور کان بہ عاري ٿي وڃ ي، تہ هو "روياي حق" جي مقام تي پهچي چڪو آهي. وڌيڪ سمجهايو اٿس، تہ فنا ان وقت طاري ٿئي ٿي، جڏهن هڪ عابد تي ذات الاهي پوري طرح ڇانئجي وڃي ٿي، سندس چوڌاري احاطو ڪري ٿي، ۽ ان تي پوريءَ طرح فتحياب ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ جيتوڻيڪ ان جي چوڌاري رهندڙ انسانن لاءِ ان جو جسماني وجود ۽ ظاهري هيئت باقي رهي ٿي، پر ان جي انفراديت بلڪل فنا ٿي وڃي ٿي. هن جي اندر هن جو الڳ وجود باقي نٿو رهي. حضرت سچل سرمست تي اها ڪيفيت طاري هئي، ۽ سندس ڪلام انهيءَ حالت ۽ ڪيفيت جي ترجماني ڪري ٿو:

ايريو آفتاب، جهليو تارن هڏ نہ تاب

گوشا ويا، ٿي گم سي.

—

ڏنو تماشو تيغ جو ڪوپن ڪنڌ ڪپائي.

—

جيڪي هيڙس جيڏيون، ساڳي آءٌ ٿيو،

پاڻهي پنهل آهيان، ڇاڻي ڪونہ بيو،

ظاهر منهنجي ذات کي، ڪيچن پاڻ ڪيو،

"سچو" سارو سچ ٿيو، وڃئون ورهہ وئو.

"وحدت الوجود" جي فڪر جي سلسلي ۾ تنزيہ ۽ تشبيهہ جو مسئلو بہ اچي ٿو. تشبيهہ جي لفظي معنيٰ آهي مشابهت ڏيڻ. علم الڪلام جي اصطلاح

Gul Hayat Institute

۾ معنيٰ آهي خالق کي مخلوق جي صفات سان متصف ڪرڻ. تنزيہ جي معنيٰ آهي پاڪ ڪرڻ. علم الڪلام جي اصطلاح ۾ هي لفظ انهيءَ مفهوم کي ظاهر ڪري ٿو، تہ مخلوق جي صفات، خدا جي ذات ۾ نٿي ڪري سگهجي.

ابن عربي تنزيہ محض يا تشبيهہ محض ٻنهي جو اقرار ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو ٻنهي تصورن جي تقاضا آهي: اثنيت موجودات. هو ان کي هن طرح بيان ڪري ٿو، تہ جيڪڏهن جدا جدا اثبات تنزيہ محض يا تشبيهہ محض سان ڪيو وڃي، تہ ان جي اطلاق جي نفي ٿي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري توحيد جو اثبات تنزيہ ۽ تشبيهہ ٻنهي سان ڪرڻ گهرجي. حضرت سچل سرمست بہ انهيءَ خيال جو قائل آهي. تشبيهہ محض جو اقرار ڪندي چوي ٿو:

ڪاٿيئن ملا قاضي تون، ڪاٿيئن سيد سڏائين ٿو،
ڪاٿيئن مُغ برهمڻ تون، ڪاٿيئن بانگ ٻڌائين ٿو،
ڪاٿيئن منهن ۾ محراب، ڪاٿيئن تلڪ لائين ٿو،
ڪاٿيئن تسبيحان ٿو سورين، ڪاٿيئن جٽيا پائين ٿو.

ٻئي هنڌ تنزيہ محض يا تشبيهہ محض ٻنهي جو اقرار ڪري ٿو:

ذاتــيءَ منجهــ ذات ڇپــائي، بـــازي يـــار بنـــائي،
هـادي حقيقت حـال جـي، مـون کـي سـاري سڻائي،
ســي ڪنهــن ۾ ســچڻ، نوبــت نينهــن وڄــائي،
ڪـــاٿيئن انـــالحق جــي، تـــن چـــوٽ تـــہ چلائـــي،
"انـــااحمد بلاميـــم"، اهـــا معنـــيٰ مڙيـــائي،
ڪـــاٿيئن مســيتين ۾، ٿيـــو خـــاصو خدائـــي،
موتـــي مڙهيـــن وچ ۾، تنهـــن مالهـــا ڦيرائـــي،
انـــدر ٻـــاهر هڪـــڙو، آهـــي صـــورت ســـيائي،
ڳالهـــ نـــہ سمجهـــڻ جهـــڙي، پـــر ســـيا سمجهـــائي،
ڪـــافر مومـــن هڪـــڙو، "ســـچو" ٻـــوڙج ٻيـــائي.

"وحدت الوجود" جو فڪر سمجهائڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ پنهنجي شعر ۾ ڪيترائي دليل ۽ مثال ڏنا اٿس. خاص طرح سان فارسي شعر ۾ دليلن ذريعي هي مسئلو سمجهائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي اٿس. "ديوان آشڪار" جي هينين بيتن ۾ الف جو مثال ڏنو اٿس. جيئن هڪ الف مان سوين

Gul Hayat Institute

حرف بڻجن ٿا. تيئن وحدت مان ڪثرت وجود ورتو آهي. ان ڪان پوءِ آئيني جو مثال ڏنو اٿس، تہ جهڙيءَ طرح آئيني ۾ پنهنجي تصوير ڏسي سگهجي ٿي، اهڙيءَ طرح پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسبو، تہ ان ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري نظر ايندو:

1. زنـا چيـزي شـد يـک چيـز پيـدا،
ڪـہ او در هـر دو عـالم شـد هويـدا.

2. تـرا در حـرف مـي بـايد تصـور،
بـود از يـک الـف صـد حـرف معنـيٰ.

3. هـر آن ڪـہ اصـل خـود رامـي شناسـد،
شـود آگـاه او ار ايـن معمـا.

4. توئـي آئينـہ اوآئينـہ آران،
ڪـہ از آئينـہ باشـد روي بنمـا.

(ديوان آشڪار: جلد:1، ص 36، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي نومبر 1981ع)

معنيٰ: 1. عدم مان هڪ شيءِ وجود ۾ آئي، ۽ اها ٻنهي جهانن ۾ ظهور پذير ٿي ويئي.

2. تون حرف کي پنهنجي تصور ۾ آڻ. هڪ الف مان معنيٰ جا سوين حرف بنجن ٿا.

3. جيڪو شخص پنهنجي اصليت کان واقف آهي، اهوئي هن معمي جو مطلب سمجهي سگهي ٿو.

4. تون آئينو آهين، ۽ هو اُهوئي آهي جو آئيني ۾ نظر اچي ٿو، ۽ آئينو انهيءَ لاءِ هوندو آهي، تہ ان ۾ صورت ڏٺي وڃي.

مثنوي ”رهبر نامہ“ ۾ اها ڳالهہ درياهہ ۽ ڇوليءَ جو مثال ڏئي سمجهائي اٿس. فرمائي ٿو:

1. مـوج ز دريـاي چـو بيـرون فتـاد،
بـر طـرف دشـت چـُـنان رُو نهـاد.

2. دشـت همـہ سـيل دريـا شـود،
بعـد ازان سـبزه صحـرا بـود.

Gul Hayat Institute

3. گـر نـه زنـد مـوج همـان آب کـو،

تاکـه بصحـرا رخ سـيلاب او.[1]

معنيٰ: 1. جڏهن ڇولي درياهه کان ٻاهر اٿلي، تڏهن بيابان جو رخ اهڙي طرح سان ڪيائين جو.

2. سڄو بيابان درياهه جي وهڪري هيٺ اچي ويو، انهيءَ کان پوءِ بيابان سرسبز ٿي ويو.

3. جيڪڏهن درياهه اهڙيءَ طرح لهرون نه هڻي ها، ته هيءَ سيلاب جو رخ بيابان طرف ڪيئن ٿئي ها؟

مثنوي "وحدت نامه" ۾ پنهنجي سرمستيءَ جي ڪيفيت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

1. دل را نيسـت قـراري، بـد لم هسـت شـراري،

پـس از و عاشـق گشـتم.

در ميخانـه بـر فتـم، تـاز مسـجد بگذشـتم،

رشتهٔ تسبيح گـسـِـشتم.

2. چـه کنـم حـالت مسـتم، گـَه بـالا گـَه پسـتم،

بخلائـق بـد نـامم.

خـاص هسـتم نـه عـامم، نـه جمـاعت ز امـامم،

کـردم از زهـد سـلامم.[2]

3. درد و عشـقش انعـامم، راهِ توحيـد مقـامم،

در رَهِ عشـق چـه چـاره.

زدم از عشـق نقـاره، دل ماپـاره پـاره،

ز سـبب خـاص قطـاره.[3]

معنيٰ: 1. دل کي قرار ڪونهي، ان ۾ الا ٽا ٻرڪن، ۽ اهوئي منهنجي عاشق هجڻ جو سبب آهي. ميخاني ويندي جڏهن مسجد وٽان لنگهيس ته تسبيح ڇني ڇڏيم.

---

[1] مثنوي "رهبر نامه": ص 16، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، جنوري 1964ع

[2] مثنوي "رهبر نامه": ص 4 -6.

[3] مثنوي "وحدت نامه": ص ص 4-6، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، جنوري 1964ع

Gul Hayat Institute

2. مان پنهنجي سرمستيءَ جي ڪهڙي ڪيفيت بيان ڪريان. ڪڏهن بلنديءَ تي آهيان، تہ ڪڏهن پستيءَ تي آهيان. ماڻهن ۾ بدنام ٿيس. نہ خاص ماڻهن ۾ شمار ٿيان ٿو، نہ عوام ۾. نہ مقتدي آهيان، نہ امام. پر زهد کي بهرحال مون ترڪ ڪري ڇڏيو آهي.

3. مون کي انعام ۾، هن جو عشق ۽ درد مليو آهي ۽ منهنجو مقام (منزل مقصود) سندس وحدانيت جي راهہ آهي، عشق جي راهہ ۾ انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪابہ واٽ نہ آهي. مون عشق جو بگل وڄايو، دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي ۽ انهيءَ ڪري منهنجو شمار خاص ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو آهي.

"تار نامہ" ۾ وجودي فڪر کي سمجهائڻ لاءِ تار جي آتم ڪهاڻي بيان ڪئي اٿس: جنهن ۾ تار پنهنجي اصلي حقيقت ۽ موجوده حالت بيان ڪري رهي آهي. اهڙيءَ طرح سمجهايو اٿس، تہ هن ڪثرت ۾ انهيءَ ئي ذات مطلق جو جلوو جاري ۽ ساري آهي. فرمائي ٿو:

1. جسم طنبور است و تار چون زبان،
مي ڪند اسرار مولئ راعيان.

2. تار جان است قلب را طنبور دان،
هست زا نگشت سراينده بيان.

3. اين حقيقت تار چون ڪردم تمام،
صبر خود خود شُدز گفتن و السلام.

معنيٰ: 1. جسم طنبورو آهي، ۽ تار زبان جي مثل آهي، جيڪا الله جا لڪل راز بيان ڪري ٿي.

2. تار جان آهي، ۽ دل طنبورو آهي، جا آڱر جي اشاري سان ٻڌائي ٿي.

3. اها حقيقت جڏهن تار پوري ڪئي، تہ پوءِ خود بخود صبر ۾ اچي ويئي، وڏيڪ سلام.

"مثنوي گداز نامہ" ۾ بہ وحدت الوجود جو مسئلو دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي. هڪ دليل هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو برف جي ڳرڻ ۽ پاڻيءَ جي اصليت بابت آهي:

1. برف آرد روي بسوي آفتاب،
مي گدازد محو گردد گشت آب.

2. اصــــل آن آب اســــت آب بـــــرف،
بـرف آن آب اسـت بشـنو ايـن صـرف.

3. چـون هسـتي خـود بيـايد بـرف گشـت،
چـون گـداز بــرف از هســتي برفـت.

4. صـد تـصرف زد شـد بعـد از گـداز،
گشـت كـار او سـبزه هـاكرده فـراز.[1]

معنيٰ: 1. برف جڏهن سج ڏانهن ٿي منهن ڪري، تہ ڳري وڃي ٿي ۽ پاڻي ٿيو پوي.

2. اصل اهو پاڻي هو، جنهن مان برف ٿهي. برف اهو ساڳيو پاڻي آهي. هيءُ لفظ سمجهہ.

3. جڏهن هئڻ ۾ آئي، تہ برف ٿي ۽ جڏهن وري ڳري ويئي، تہ هن جي هستي هلي ويئي.

4. ڳرڻ کان پوءِ هن مان سوين ڪم ٿيا. ان مان ڪي ٿي ڪيتيون ۽ سبزيون آباد ٿيون.

اهو مسئلو سمجهائڻ سان گڏ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو اٿس، تہ تون حقيقت ۾ ڪجهہ بہ نہ آهين، پر انهيءَ ڪُل جو جز آهين. انهيءَ ڪري تو کي پنهنجو وجود وساري انهيءَ ذات مطلق ۾ ملي هڪ ٿي وڃڻ گهرجي، يعني فنا کان پوءِ ئي تون بقا جي منزل ماڻيندين. مثنوي ”راز نامہ“ ۾ اها ڳالهہ نهايت وضاحت سان سمجهائي اٿس. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

1. از وجـــودت بـــاش كلـــي بـــي خبـــر،
خيـال خـود راهـم بيـاري در نظـر.

2. در نگـــاهم ديـــد خـــود را محـــو كـــن،
تـــا رســـي دربـــار گاهـــ ذوالمنـــن.

3. از دريچـــــۂ ديدهـــــا بيـــــرون بيـــــا،
تاشـــوي در هـــر دو عـــالم بادشـــاه.

[1] مثنوي ”گداز نامہ“: علي اڪبر درازي، ص 24، مطبوعہ اتحاد پريس سکر، 1963ع

Gul Hayat Institute

4. جســـــم را گر ســـــاز ديـــــده را شـــــناس،

ايـــن حقيقـــت بيـــايد در قيـــاس.

معنيٰ: 1. پنهنجي وجود کان تون بي خبر رهه، ۽ پنهنجي خيال کي نظر ۾ رک.

2. پنهنجي نگاهه ۾ پاڻ کي محو ڪري ڇڏ تـه تـون الله جي حضـور ۾ پهچي سگهين.

3. ظاهري نگاهه جي دري کان ٻاهر اچ، تـه ٻنهي جهانن جو تون بادشاه ٿئين.

4. جسـم کي گم ڪـر ۽ نظر کي سڃاڻ، اها حقيقت، تـو کي پنهنجي فڪر ۾ رکڻ گهرجي.

نثري تحرير "نڪتہ تصوف" ۾ طالب کي تلقين ڪندي ڪيس سڀ کـان پهريائين اهائي ڳالهه ذهن نشين ڪرائي اٿس. فرمايو اٿس:

"حق جي طالب کي گهرجي تـه پنهنجي صفتن کي فنا ڪري، الله جي صفتن سان بقا جو وجود ماڻي، ۽ خودي (پاٽپٽو) جي وڻ کي پاڙان پٽي ڪڍي."

پاٽپٽي جي پڄاڻي، حقيقي عشق ۽ درد کان سواءِ ممڪن نـه آهي. انهـيءَ ڪري عشق، درد ۽ سوز تـي تمـام گهڻـو زور ڏنو اٿـس. مثنوي "درد نامـہ" ۾ سمجهايو اٿس:

1. ايـــن درد بـــود همـــه ســـعادت،

ايـــن درد شـــده همـــه هدايـــت.

2. ايـــن درد قطـــع کنـــد منـــازل،

شـــد در دو جهـــان عشـــق نـــازل.

3. کـــم ميکنـــد و غـــرور شـــاهي،

چہ چترو چہ تخت وچہ مُــبآهي.[1]

معنيٰ: 1. اهو درد سمورو نيڪ بختي جي نشاني آهي. انهـيءَ درد ۾ سموري هدايت سمايل آهي.

2. اهو درد سڀ منزلون طيءِ ڪرائي ٿو، ٻنهي جهانن ۾ عشق عطا ڪري ٿو.

3. اهو بادشاهي غرور گم ڪري ٿو، تاج، تخت ۽ غرور کي هٽائي ٿو.

---

[1] مثنوي "درد نامہ": ص 3، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي خيرپور، جنوري 1963ع

Gul Hayat Institute

اھڙيءَ طرح "وحدت الوجود" جو فڪر نهايت وضاحت سان سمجھايو اٿس، ۽ مثال ۽ دليل ڏئي ذهن نشين ڪرايو اٿس. انتخاب ۾ به جدا جدا صنفن مان ڪجھه ڪلام ڏنو ويو آهي، جيڪو سندس فڪر ۽ پيغام جي پوري پوري وضاحت ڪري ٿو.

مطلب ته حضرت سچل سرمست انسان کي خود فريبيءَ مان ڪڍي، خودشناسيءَ جو سبق ڏئي ٿو، احساس ڪمتريءَ کان بچائي، انسان کي پنهنجو حقيقي شرف ۽ شان سمجھائي ٿو. هو حڪيمانه انداز ۾ جز ۽ ڪل جي حقيقت ذهن نشين ڪرائي ٿو، انسان کي سندس منزل ۽ مقصود سمجھائي ٿو. هو وڏي جرات ۽ بيباڪي سان حقيقت تان پردو ڪڻي ٿو. جھڙي جرئت، مستي، جوش ۽ بيباڪي سچل سرمست جي ڪلام ۾ آهي، اهڙي ٻئي ڪنهن به شاعر جي ڪلام ۾ نه ملندي. هو انسان کي وڏي واڪي سڏي، جھنجھوڙي، جاڳائي اعليٰ منزل تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس ڪلام، زندگيءَ جو تفسير به آهي، ته تعبير به آهي. هن سوري ۽ سينگار، مئي ۽ مستي، وحدت ۽ ڪثرت، نفي ۽ اثبات جي مختصر لفظن ۾ زندگيءَ جي سمورن رازن کي سموهي ۽ سمائي هڪ نصب العين جي نشاندهي ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام زندگيءَ جو آئينو به آهي، ته زندگيءَ جو تفسير به آهي، ۽ ان سان گڏ اعليٰ ۽ ارفع زندگيءَ لاءِ هڪ پيغام به آهي.

Gul Hayat Institute

وحدت نامہ

سچل سرمست جي سنيهي جو مول متو "وحدانيت" آهي. هو مختلف طريقن سان توحيد جو عقيدو ذهن نشين ڪرائي ٿو. "وحدت نامہ" ۾ سچو زور توحيد جي سمجهائڻ تي ڏنو اٿس، ۽ "وحدت الوجود" جي فڪر ڪي دليلن ۽ تمثيلن ذريعي واضح ڪيو اٿس. انهيءَ ڪري هت سندس سنيهي جي ڇنڊڇاڻ لاءِ "وحدت نامہ" جو مطالعو ۽ فڪري جائزو پيش ڪجي ٿو:

سچل سائينءَ جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن هڪ مقصد کي سامهون رکي شعر چيو آهي، ۽ پنهنجي ڪلام کي "سنيهو" سڏيو آهي. البت ائين بہ چيو اٿس تہ اهو عام ماڻهن لاءِ نہ آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جو ذهن ان جي گهرائين تائين پهچي نہ ٿو سگهي. فرمائين ٿا:

چند گوئيم ڪلامي، تم سازيم تمامي،
فهم بفهم پيامي، خواص خواند نہ عوامي،
تا ازين نامہ و نامي، اين خدائي است غلامي.[1]

[ان کان وڌيڪ مان ڇا چوان؟ مان تہ سڀ ڪجهہ چئي چڪو آهيان. تون منهنجي پيغام کي سمجهہ. منهنجو پيغام، خاص ماڻهن جي پڙهڻ لائق آهي، عوام لاءِ نہ آهي. هيءَ دنيا قيد خانو آهي.]

هونئن تہ حضرت سچل سائينءَ جو سمورو ڪلام تصوف جي اسرار و رموز جي وضاحت ۾ آهي، پر هن مثنويءَ ۾ خاص طور تي "وحدت الوجود" کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. فارسيءَ کان سواءِ، سنڌي ڪلام ۾ بہ "وحدت نامو" آهي. فارسي مثنوي "وحدت نامہ" هن بيت سان شروع ٿئي ٿو:

جلوۂ حسن پديدار، تجلي در و ديوار،
درون بيرون دلدار، بہ هر ذره ديدار:
عيانست همہ اسرار، من و ما اي بگذار. (ص 2)

[حُسن جو جلوو ظهور پذير ٿيو. جنهن جي تجلي درو ديوار هر ذري ۾ ڏسي سگهجي ٿي. سمورا راز بي نقاب (ظاهر) ٿي چڪا آهن. تون "مان" ۽ "اسان"، کي ڇڏي ڏي] چو تہ، ذات مطلق جو جلوو هر شيءِ مان عيان آهي.

[1] مثنوي "وحدت نامہ": ص 18، مرتب: قاضي علي اڪبر درازي، سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي، خيرپور ڊسمبر 1964ع

"وحدت نامہ" سنڌيءَ جي شروع ۾ بيت هي آهي:

اول پيـــري پـــچ، جـــي بنـــد خيـــالات جـــا،
تنهـــن پڇاڻـــا وچ، حلاجـــي حيـــرت ۾.

حضرت سچل سرمست وحدت الوجودي صوفي هو، ۽ منصور حلاج جي نظريہ جو قائل هو. سندن نظر ۾ منصور جو نظريو اهو شراب آهي، جنهن جي خمار سان ظاهري پردا پري ٿي وڃن ٿا، ۽ دوئيءَ مان نجات ملي وڃي ٿي:

شـراب ايـن منصـوري، از و شـد مخمـوري،
محو شد ڪنز و قدوري، ڪشف القلوب و قبوري،
بـود ايـن همـہ مـزدوري، بـر هديـر ز دوري. (ص 2)

[منصوري شراب اهو ئي آهي ۽ هي ان جو خمار آهي، جنهن سان "ڪنز" ۽ "قدوري" محو ٿي چڪا آهن. "ڪشف القلوب" ۽ "ڪشف القبور" تہ فقط هڪ مزدوري آهي. اسان دوريءَ کان نجات حاصل ڪئي آهي.]

"ڪنز" ۽ "قدوري" فقہ جا ڪتاب آهن. سچل سائينءَ جي نظر ۾ حقيقي عشق، ظاهري علم جي دليلن ۽ صحبتن کي بلڪل ختم ڪري ڇڏي ٿو. سندن مٿئين بيت مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو، تہ "ڪشف" ۽ "ڪرامت"، تصوف جي راهہ ۾ ڪا بہ اهميت نہ ٿا رکن. سندن سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام مان بہ اهائي ڳالهہ واضح ٿئي ٿي.

تصوف جي رستي ۾ فنا کي نهايت اهم مقام حاصل آهي. نہ فقط ايترو، پر پهريون مقام ئي فنا جو آهي. "وحدت نامہ" فارسيءَ ۾ سچل سائينءَ خود پنهنجي ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي آهي:

حقاڪہ از خود رستيم، سخن راست گفتيم،
اَشڪ از ديده روانم، ڪنم از درد بيانم،
نہ هميم نہ همانم، همہ سِر سبحانم. (ص 2)

[بيشڪ اسان پنهنجو پاڻ کان ازادي حاصل ڪئي آهي ۽ هيءَ سچي ڳالهہ چئي آهي. منهن جي اکين مان ڳوڙها جاري آهن، ۽ مان پنهنجو درد بيان ڪري رهيو آهيان. مان نہ هي آهيان ۽ نہ هو آهيان، بلڪ سراپا الاهي راز آهيان.] - يعني فنا کان پوءِ ئي سراپا راز الاهي بنجي ويا.

Gul Hayat Institute

ٻئي هنڌ فرمائين ٿا، تہ مان خوديءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي هميشہ وصال جي حالت ۾ آهيان:

ڪزمن ما اي رستي، ز مذاهب بگذشتي،
عجب اين است خيالم، بود اين قيل و مقالم،
دائما هست وصالم، جسم و جان وبالم. (ص 2-4)

[تون "مان" ۽ "اسان" يعني، خوديءَ مان آزادي حاصل ڪئي. مذهبن کان اڳتي نڪري وئين. منهنجو هي خيال آهي تہ انوکو، پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ مان هميشہ وصال ۾ آهيان. هي جسم ۽ جان مون لاءِ وبال آهي.]

هن وسيع ڪائنات ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي حقيقي وجود نہ آهي. وجود مطلق فقط هڪ آهي - يعني وحدت ئي وحدت آهي، ڪثرت عارضي آهي. انهيءَ ڪري سموريون صورتون خيالي آهن. طالب کي گهرجي، تہ ان راز کي سمجهي، دوئيءَ کي دور ڪري ۽ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري. ان کان پوءِ ئي کيس هميشہ لاءِ حق جو وصال حاصل ٿيندو، ۽ بقا جي مقام تي پهچي ويندو. حضرت سرمست فرمائي ٿو:

نہ ڪسي داند حالم، هست موهوم اشڪالم،
هر ڪجا او، تو ڪجائي، بگذري از من و ما اي،
گر بہ بحر عدم آيي، نہ فنا اي بہ بقا اي

[منهنجي حال جي خبر ڪنهن کي بہ نہ آهي. سڀ صورتون خيالي آهن. هر جڳهہ اهوئي آهي. تون ڪٿي آهين؟ خوديءَ کي ڇڏي اڳتي وڌي وڃ. تون جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي نابودي جي سمنڊ ۾ آڻيندين، تہ فاني نہ ٿيندين، بلڪ بقا حاصل ڪندين.]

جوش ۽ مستي ئي انهيءَ اسرار کي کولي سگهي ٿي. ان کان سواءِ طالب جي ڪاميابي ناممڪن آهي. جوش ۽ مَستي وري عشق حقيقي جي ذريعي ئي اچي سگهي ٿي. فرمائين ٿا:

تو بيايي بجوشي، خلعتِ عشق بپوشي،
بسرم هست خماري، کہ عيان شد آسراري،
موج مستي بکناري، برساند يکباري. (ص 4)

[حوش ۾ اچ، عشق جي پوشاڪ پاءِ. منهنجي دماغ ۾ اهڙو خمار آهي، جنهن جا اسرار کلن ٿا. هيءَ موج ۽ مستي، آخر هڪ دفعي منزل مقصود تائين پهچائي ڇڏيندي.]

سچل سائينءَ پنهنجي سرمستيءَ جي ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي آهي:

چہ کنم حالت مستم، گہِ بالا گہِ پستم،
بخلائق بد نامم، خاص هستم نہ عامم،
نہ جماعت نہ امامم، کردم از زهد سلامم. (ص 4)

[مان پنهنجي سرمستيءَ جي ڪيفيت ڪهڙي بيان ڪريان. ڪڏهن بلنديءَ تي آهيان، ڪڏهن هيٺانهينءَ ۾ آهيان. ماڻهن ۾ بدنام ٿيس. نہ خاص ماڻهن ۾ شمار ٿيان ٿو، نہ عام ماڻهن ۾ ليکيو وڃان ٿو. نہ مقتدي آهيان، نہ امام ئي آهيان. پر زهد کي مون سلام (ترڪ) ڪري ڇڏيو آهي.]

درد عشق انعامم، راه توحيد مقامم،
دردِ عشق چہ چاره، زدم از عشق نقاره،
دل ما پاره پاره، ز سبب خاص قطاره. (ص 4-6)

[عشق جو درد منهنجو انعام آهي. وحدت جي راهہ منهنجي منزل مقصود آهي. عشق جي درد جو ڪوبہ علاج نہ آهي. مون عشق جو بگل وڄايو، اسان جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي، انهيءَ ڪري ئي منهنجو شمار خواص مان ٿيڻ لڳو.]

ان مان معلوم ٿيندو، تہ حقيقي عشق جي انتهائي منزل سرمستيءَ واري ڪيفيت آهي. حضرت سچل سرمست جي نظر ۾ انهيءَ عشق جي ئي ذريعي ذاتِ مطلق جي سواءِ ٻين سڀني شين کان قطع تعلق ٿي وڃي ٿو، ۽ طالب فنا جي مقام تائين پهچي وڃي ٿو:

عشق دوکار بداند، اول از خود برهاند،
سر بشمشير بُراند، جز خدا هيچ نماند،
بس بہ محبوب رساند، غير خيالات براند. (ص 16)

[عشق ٻہ ڪم ڪري ٿو: پهريون اهو تہ پنهنجو پاڻ کان آزادي ڏياري ٿو، ۽ ٻيو اهو تہ تلوار سان سر وڍي ٿو. تان جو الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ باقي نہ ٿي رهي. ان کان پوءِ محبوب سان ملائي ٿو، ٻيا سمورا غير خيال دل مان ڪڍي ڇڏي ٿو.]

پر عشق آسان نہ آهي، ان لاءِ وڏي همت گهرجي:

همچـو منصـور بداني، تابيـا گـر تـو توانـي،
شمس زو همت نشاني، گر كند اين انسـاني،
گشـت زو سـرمد فـاني، سـهل ايـن راه ندانـي. (ص 16)

[جيڪڏهن تو ۾ منصور جهڙي همت آهي تہ پوءِ بيڌڙڪ عشق جي ميدان ۾ ٽپي پئہ. اوڏي همٿ وارو شمس تبريز انهيءَ عشق جي نشاني آهي، جاڪاڻ جو عشق انسانيت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. سرمد کي بہ انهيءَ ئي ختم ڪيو هو. انهيءَ ڪري، انهيءَ راهہ کي آسان نہ سمجهہ.]

حضرت سچل سائينءَ پنهنجي حقيقي عشق جو جيڪو تجربو بيان فرمايو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ جڏهن عشق جي بحر ۾ وجي پهچن ٿا، تہ کين ذات مطلق کان سواءِ ڪوبہ حقيقي وجود ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. انهيءَ ڪري دنيا کان منهن موڙي ڇڏين ٿا:

چون بہ هر سوي دويدم، بہ بحر عشق رسيدم،
نعره اي موج شنيدم، جُـرعہ اي ز درد چشيدم،
غيـر آن يـار نديـدم، سـرزِ عـالم بكشـيدم. (ص 8)

[مان جڏهن هر طرف ڊوڙڻ کان پوءِ عشق جي بحر تي وڃي پهتس، تہ اتي موج جو آواز ٻڌم، ۽ اتان ئي درد جو ڍُڪو چکيم. مون کي انهيءَ ذاتِ واحد کان سواءِ ٻيو ڪوبہ يار ڏسڻ ۾ نہ آيو. انهيءَ ڪري مون دنيا کان منهن موڙي ڇڏيو.]

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ همہ اوست جو اقرار اهڙيءَ طرح ڪن ٿا، جيئن ڪو پنهنجو تجربو يا صحيح مشاهدو بيان ڪندو هجي. ان ڪان پوءِ انهيءَ نظريي کي قرآن حڪيم جي آيتن ۽ عقلي دليلن جي ذريعي سمجهائڻ ۽ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. قرآن مجيد جي آيت "اينما تولو افثم وجہ الله" (يعني جيڏانهن تون رخ ڪندين، اوڏانهن الله هوندو.) ڏانهن اشارو ڪندي، فرمائين ٿا، تہ جڏهن تون تقليد جو رستو ڇڏي پاڻ تحقيق ڪندين، تہ پوءِ توکي هر طرف فقط ذات مطلق جوئي جلوو ڪارفرما نظر ايندو[1].

---

[1] تقليد اختيار نہ ڪرڻ بابت "وحدت نامہ" سنڌي جو هڪ بيت آهي:
هـيءَ نـہ واٽ هـنـاءِ جـي، اُهـي نڪـا تقليـد،
تحقيقـاً توحيـد، آهـي راهـہ رسـول جـي.

اين راه نه تقليدي، چونکه براو تو رسيدي،
جرعه زمي چشيدي، سر ز حبيب بکشيدي،
ثم وجه الله بديدي، در عشقش بگزيدي.

[هي رستو تقليد جو نہ آهي. تون جڏهن ان جي ويجهو پهچندين، تہ شراب جو هڪ ڍڪ پيئندين ۽ منهن، حبيب ڏي ڪندين تہ تو کي هر طرف الله ئي الله نظر ايندو. پوءِ تون ان جو عشق اختيار ڪندين.]

قرآن شريف جي آيت، "وَهُوَ مَعَكُمْ أَيْنَمَا كُنْتُمْ" (يعني، اوهين ڪٿي بہ هجو، الله اوهان سان گڏ آهي.) جو حوالو ڏيئي، انهيءَ ئي مسئلي کي ثابت ڪن ٿا:

"وَهُوَ مَعَكُمْ" اقرار است، ڪلمہ آن حق اعتبار است.
ڪُنم از سر بياني، بجهان عين عياني،
نبُود شک و گُماني، بُود اسرار نهاني. (ص 8)

["وهو معکم" جو اقرار آهي، ۽ هي حق جو ڪلمو قابل اعتبار آهي. مان هڪ اهڙي راز کي دنيا جي اڳيان بي نقاب (ظاهر) ڪري رهيو آهيان، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو ڪونهي. واقعي، هي هڪ ڳجهو راز آهي.]

ظاهري تمثيلن ذريعي سمجهائين ٿا تہ ڳُڙ، مصري ۽ کنڊ بظاهر جدا جدا شيون آهن، پر اهي هڪ ئي شيءِ، ڪمند مان پيدا ٿيون آهن. يعني ڪثرت ۾ دراصل وحدت جو ئي جلوو آهي. فرمائين ٿا:

اي زِ وحدت ڪثرت بين، قند و مصري شکر بين،
در اصل نيشڪر بين، زو همين هر اثر بين،
هست يکسان نہ دگر بين، اي پسر کن تو نظر بين. (ص 10)

[اي پُٽ! وحدت مان ڪثرت کي ڏِس. تو کي جيڪي ڳُڙ، مصري ۽ کنڊ نظر اچن ٿا، اهي دراصل ڪمند مان ئي آهن، ۽ ان جا مختلف روپ آهن. انهن کي هڪ ئي سمجهہ، هڪ ٻئي کان مختلف نہ سمجهہ ۽ چڱيءَ طرح سان غور ڪر.]

اُن کان پوءِ ٻِجَ جو مثال ڏنو اٿن، جنهن مان وَڻَ پيدا ٿئي ٿو. جنهن ۾ جدا جدا ٽاريون، پَن ۽ ميوو ٿئي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ سون، مِٽي ۽ ڪپهہ جو مثال بہ ڏنو اٿن. فرمائين ٿا تہ سون مان مختلف زيور ٺهن ٿا، مِٽيءَ مان

علحده علحده قسم جا تانو نهن تا، ۽ ڪپهه مان جدا جدا قسم جا ڪپڙا تيار ڪيا وڃن تا، پر مختلف زيورن جو اصل هڪڙو ئي آهي، يعني سون. مٽيءَ جي ٿانون جي ابتدائي شيءِ بہ هڪ ئي آهي، يعني مٽي. اهڙي ريت مختلف ڪپڙا بہ ساڳيءَ ڪپهه مان تيار ڪيا وڃن ٿا.

ان مان سندن اهو مطلب آهي، تہ ڪثرت ۾ دراصل وحدت ئي ڪارفرما آهي. اهو ثابت ڪرڻ ڪان پوءِ، فرمائين ٿا تہ تون پاڻ کي چڱيءَ طرح سڃاڻ، اها ذات تو کي تو ۾ ئي ملندي:

پاڪ ذات اندرون تو، گم گشتي و شَوي او،
من نيم اوست هميگو، هست آن احد مدان دو،
دست از خويشتن شو، راست گفتم بيان نو. (ص 12)

[اها ذات پاڪ تو ۾ ئي آهي، تون پنهنجو پاڻ کي گم ڪر ۽ "هُو" ٿي وڃ. هي مان پنهنجي طرفان نہ، پر ان جي چوڻ تي ئي چئي رهيو آهيان. ان کي ٻہ نہ سمجهہ، هو هڪ آهي. تون پنهنجو پاڻ تان: ستبردار ٿي وڃ. هيءَ مان نئين، پر سچي ڳالهہ ڪئي آهي.]

سندن نظر ۾ آدم جي عظمت جو سبب بہ اهوئي اهي. طالب کي سندس عظمت هن طرح سمجهائين ٿا:

تون نہ جُو اي دريا اي، ايڪ در غير نيايي،
اين همہ از تو ضيا اي، بگذر از زهد ريا اي،
هست درجہ تو علايي، نہ فنايي بہ بقايي. (ص 12)

[تون پاڻيءَ جي ننڍي واهي نہ آهين، پر درياهہ آهين. تون پاڻ کي غير ۾ شامل نہ ڪر. هر شيءِ ۾ تنهنجو ئي جلوو آهي. نمائشي زهد کي ترڪ ڪر. تنهنجو مرتبو تمام بلند آهي. تون فاني نہ، پر باقي آهين.]

سندن نظر ۾ جسم فاني ۽ روح باقي ۽ اصل شيءِ آهي، سِپ ۽ موتيءَ جي تمثيل جي ذريعي، انهيءَ شيءِ کي هن طرح سمجهايو اٿس:

جسم هست اين يڪ خانہ، جاي پاڪيزه شهانہ،
در صدف چون دردانہ، اين نباشد بتخانہ؟
بيشڪني شو مردانہ، تا شوي يار يگانہ. (ص 12)

[هي جسم هڪ گهر جيان آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ تمام سنو ۽ شاندار نظر اچي ٿو. روح ان ۾ ائين آهي، جيئن سپ ۾ موتي. ڇا هي گهر بتخانو نہ آهي؟ همت کان ڪم وٺي، ان کي ٽوڙي ڇڏ، جيئن تون يگانو يار بنجي وڃين.]
يعني فنا کان پوءِ ئي بقا حاصل ٿئي ٿي. هڪ ٻئي هنڌ فنا کي هن طرح سمجهايو اٿس:

نيست ز آنجا بگذشتن، دست از عالم شُستن،
باز پس نيست برفتن، از همہ دل بگُسستن،
هست اينجاي ڪُشتن، ز ڪفر و دين بر گشتن. (ص 14)

[اوڏانهن وڃڻ جو مطلب ئي دنيا کان هٿ ڌوئڻ آهي. پوءِ وري واپس نہ اچجانءِ. هر شيءِ کان قطع تعلق ڪجانءِ. پنهنجو پاڻ کي هت فنا ڪجانءِ ۽ دين ڪفر کان مُنهن موڙي ڇڏجانءِ.]
اها جان قربان ڪرڻ جي تعليم فقط عشق ئي ڏئي ٿو:

عشق تا سر چو بر آرد، اشڪ از ديده ببارد،
رُو بناموس نيارد، هيچ جاي نگذارد،
دانہ سبحہ نہ شمارد، در ره حق بسُپارد. (ص 14)

[جڏهن عشق ظاهر ٿيندو آهي، تہ اکين مان ڳوڙها وهائي ڇڏيندو آهي. نہ ناموس ۾ عزت ڏي نهاريندو آهي، ۽ نہ ئي ڪٿي ٽانيڪو ڇڏيندو آهي، عشق تسبيح پڙهڻ نہ سيکاريندو آهي، هو حق جي راهہ ۾ پاڻ کي حوالي ڪندو آهي.]

عشق دارد دو نشاني، ميڪند اين تن فاني،
بس بقا باقي ماني، اين اشارت "من راني"،
ز حديث ات بخواني، از پيغمبر سرِ داني. (ص 14)

[عشق جون ٻہ نشانيون آهن: پهرين اها تہ جسم کي فنا ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ ٻي اها تہ پوءِ ابدي زندگي بخشيندو آهي. هي "من راني" جو اشارو آهي، ۽ تون حديث شريف سان بہ ان جي تصديق ڪري سگهين ٿو. دراصل هي پيغمبرانہ راز آهي.]
"من راني" مان هيءَ حديث مراد آهي: "مَن رَانِي فَقَد راءَ اللّٰہ" (يعني، جنهن خدا جو رسول ڏٺو، ان الله کي ڏٺو). ابن عربي ۽ ٻين صوفي بزرگن، نهايت ڪُليءَ طرح چيو آهي، تہ سڄي ڪائنات جا ڪارٽي بہ

حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن آهن، تہ فيض جا سرچشما بہ پاڻ ئي آهن. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ الاهي اسرار ۽ رموز سمجهائڻ واري فقط هڪ ئي ذات آهي. حضرت سچل سرمست بہ انهيءَ هستيءَ جي آڏو سر جهڪائي عرض ٿو ڪري:

بہ همين عالم اظهار، هست اين ڪلمۂ اقرار،
يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا مجتبيٰ، رخ مرا نماي يا نورالهديٰ،
ما ڪہ غريب و مسڪينم، تو همي داني ڪہ ما. (ص. 18)

[هن ڪائنات ۾ جنهن ڪلمي جي اقرار جو اظهار ٿيو آهي، سو هيءُ آهي تہ يا محمد مصطفيٰ ﷺ، يا مجتبيٰ، يا نورالهديٰ، مون ڪي پنهنجيءَ زيارت سان نواز. اوهان کي خبر آهي تہ مان هڪ غريب ۽ مسڪين آهيان.]

بادشاه من تُو اي، من بنده ام،
اندر اين بدڪاري شرمنده ام،
رحم فرما بر من مسڪين تو،
ده دلم يا نبي تسڪين تو،
آمدم عاجز بدر تو شرمسار،
ڪرده ام عصيان بيحد بيشمار. (ص. 18)

[اوهين منهنجا بادشاه آهيو ۽ مان اوهان جو غلام آهيان. مان پنهنجن ڏوهن تي شرمسار آهيان. يا رسول الله مون مسڪين تي رحم فرماءِ، ۽ يا نبي الله منهنجي دل کي تسڪين عطا ڪر. مان اوهان جي دروازي تي ندامت ۽ انڪساري جو سر وٺي آيو آهيان، جو مون بيحد ۽ بي حساب گناه ڪيا آهن.]

اين گدا بدرت اميدوار، بخش ديدارم مرا اي شهسوار،
نالہ بشنو يا شفيع المذنبين، ولي تو باشي رحمت اللعالمين،

[هي پينو اوهان جي در تي اميدوار ٿي حاضر ٿيو آهي. اي شهسوار، مون کي پنهنجي ديدار جو شرف عطا ڪر. اي شفيع المذنبين، منهنجي فرياد ٻُڌ. اوهين رحمت اللعالمين آهيو، اوهين هن ڪائنات جا سردار ۽ مير مرسل آهيو، اوهين پنهنجيءَ صفات ۾ الله جي ذات جا خاص مظهر آهيو.]

Gul Hayat Institute

حسن و عشق

سونهن سان اسان جو ازلي ناتو آهي. هو هميشه سونهن جو متلاشي رهيو آهي. هن هر ماڳ ۽ مڪان، وٿ ۽ وڪر ۾ حسن کي ڳوليو آهي، ۽ عشق کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. هن جي رهڻي ڪهڻي جي ڦيرگهير، ثقافت ۽ معاشرت جي اُٿل پٿل، جمال جي جلوي جو نتيجو آهي. حسن ۽ عشق جا داستان، انسان جي فن ۽ فڪر تي اثر انداز ٿيا آهن. سمورا لطيف فن، جماليات جي جلوي جي پيداوار آهن، ۽ انسان جي انهيءَ فطري جذبي جي ترجماني ڪن ٿا. خاص طرح شاعريءَ جو بنياد ئي انسان جي جمالياتي ذوق ۽ شوق تي آهي. جڏهن حسن ۽ عشق، دل ۾ تڙپ پيدا ڪري ٿو، ته شاعري وجود وٺي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو شاعري سراپا سونهن آهي، ۽ سونهن سان ان جو گهرو، گهاٽو ۽ ازلي سٻنڌ آهي. يعني حسن و عشق درد ۽ سوز، هجر ۽ وصال شاعريءَ جا بنيادي ۽ بين الاقوامي مضمون آهن. سچل سائينءَ به نهايت سهڻين تشبيهن سان محبوب جي حسن جي تعريف ڪري ٿو. "ديوان خدائي" ۾ فرمائي ٿو:

1. ناگه دلم ربوده بانـاز آن نگـاري،
در ڪوچهِ اي محبت ڪرده عجب شڪاري.

2. ابروئي ڪج ڪمانش چشمان سياه مستش،
از تير مژگان بگرفته ام ڪناري.[1]

معنيٰ: 1. هن محبوب اوچتو جلوو ڏيکاري، منهنجي دل کسي ورتي ۽ محبت جي گهٽيءَ ۾ عجب انداز سان مون کي شڪار ڪيو.

2. ان جا خمدار ابرو ڪمان وانگر آهن ۽ ان جون ڪاريون اکيون مست آهن، جن پلڪن جا تير هلائي مون کي گهايل ڪري ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح جمال جو جلوو، حسن جي هاڪ، وڇوڙي جا ورلاپ، درد جون دانهون ۽ وصال جون وايون سندس سموري سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام ۾ نمايان نظر اينديون. اهڙي قسم جو ڪلام هن انتخاب ۾ جدا جدا صنفن مان ڏنو ويو آهي.

---

[1] "ديوان خدائي": ص. 6، مرتب: قاضي علي اڪبر درازيٰ دفعو ٻيو، سيپٽمبر 1979ع

سچل سائينءَ جي حسن و عشق جو تصور بہ حقيقي آهي. حسن مان سندس مطلب آهي: حسن حقيقي، جنهن کي نہ فنا آهي ۽ نہ زوال. انهيءَ ڪري هو جنهن عشق جو ذڪر ڪري ٿو، اهو حقيقي آهي، ۽ نہ مجازي:

”عرش ڪرسيءَ تون اچي اتاهين،
من سچوءَ جي تو مائين پلي مائين.“

—

پسڻ ڪارڻ اکڙيون، صاحب سارن ٿيون،
پاٽيءَ گاڏئون رت جان، هنجون هارن ٿيون،
اکيون ڏسن نہ غير کو، واحد وارن ٿيون،
”سچو“ اهي ٻالهڙيون، نت مون کي مارن ٿيون.

—

عقل علم سب ڇوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو،
اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين، سير سڄڻ جو سارو،
پرجهي پير اوڏانهين پايو، هوت اتوَ هاڪارو.

مطلب تہ سچل سائين، انسان جي انفرادي حيثيت کي امر بنائڻ لاءِ حسن حقيقي سان نينهن نيائڻ جو ڏس ڏئي، فنا جي منزل جا اسرار ۽ رموز سمجهائي ٿو. هو چوي ٿو، تہ وجود وڃائڻ کانسواءِ وحدت جي واديءَ ۾ پهچي نہ ٿو سگهجي. انهيءَ ڪري هو بار بار انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو، تہ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪر. انهيءَ کي ”نفي“ يا ”فنا“ چيو ويندو آهي. فنا کان پوءِ ئي بقا آهي، ۽ نفيءَ کان پوءِ ئي اثبات آهي. هو حسن حقيقي جي وصال لاءِ درد جون دانهون ۽ وڇوڙي جا ورلاپ ڪري، مستيءَ ۽ مدهوشيءَ ۾ حقيقت بيني ۽ حق شناسيءَ جو سبق ڏئي ٿو.

Gul Hayat Institute

فني خوبيون

شاعرانہ خوبين جي لحاظ کان ڏسو تہ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ اهي سموريون خوبيون ملنديون. جيڪي هڪ اعليٰ درجي جي شاعريءَ لاءِ ضروري آهن. سمورو ڪلام سهڻين تشبيهن سان سينگاريل آهي. رنگيني ۽ دلڪشي، رواني ۽ نغمگي سندس ڪلام جون خاص خوبيون آهن.

سونهن جي ساراهہ وقت سيبتيون، سُهائينديون ۽ سهڻيون تشبيهون آڻي، شعر کي رسيلو ۽ رنگين بنائي ٿو. بيتن واري ڀاڱي ۾ توڙي ڪافين ۾ هيٺ اهڙي نموني جا انيڪ بيت نظر ايندا.

نموني طور هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

ڪُجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي،
ستون سيپارن جون، پڙهڻ ٿيون ثواب،
پرهہ سندا باب، ”سچل“ سڀ ختم ڪيا.

بيت: جيتوڻيڪ بيت اڳ ئي ڪافي ترقي ڪئي هئي، پر سچل سرمست ان ۾ نئون رنگ ۽ نئون حسن پيدا ڪري، منجهس جدت پيدا ڪئي. مضمون جي لحاظ کان نہ فقط مروج رومانوي داستانن جهڙوڪ: سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، مومل راڻو، هير رانجهو، عمر مارئي، سهڻي ميهار ۽ سورٺ وغيره تي بيت چيا اٿس، پر عنوانن تي بہ بيت چيا اٿس، جهڙوڪ: روجهن ۽ ڪانگل بابت بيت، پورب جا بيت، وحدت جا بيت ۽ حقيقت جا بيت نموني طور ڪجهہ بيت عنوان مان ڏجن ٿا:

روجهون: روجهون رڻ ياد ڪيو، اييون رت رئن،
هر ڪنهن ويل هئن، اهڙن اورا تن ۾.

پورب: ڪري لنگهيا لنوڪ، مون لاهوتي لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، جي مون من مستان ٿيو.

وحدت: اول ييري پيچ، جي بند خيالات جا،
تنهن پچاڻون وچ، حلاجي حيرت ۾.

حقيقت: هو يي كين اڇٿو، هي ٻه كين ويو،
نفيءَ ۽ اثبات كئون، پري خيال پيو،
"سچو" سچ ٿيو، ٻي ٻانهپ ٻولي ناهه كا.

ان كان سواءِ جهڙيءَ طرح فارسيءَ ۾ "راز نامه"، "تار نامه"، "وحدت نامه" وغيره مثنويون چيون اٿس، اهڙيءَ طرح سنڌي بيتن ۾ "وحدت نامه" ۽ "قتل نامه" چيو اٿس. "وحدت نامه" سمورو هڪ ئي طويل ڪبت ۾ آهي ۽ 178 مصرعن تي مشتمل آهي. جيتوڻيڪ ايڏي طويل ڪبت آهي، تڏهن ٻه قافيا نهايت صحيح ۽ موزون آهن. ان كان سواءِ تسلسل، رواني ۽ بيساختگي سندس خاص خوبيون آهن. هن كان اڳ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو "زادالفقير"، مخدوم عبدالله نرئي واري جو "كنزالعبرت"، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جي "حقيقت محمدي" ۽ ڪن صورتن جو تفسير ڪبتن ۾ ملي ٿو. پر حضرت سچل سرمست جي مذكور كبت فني لحاظ كان سيني كان منفرد آهي. هن ۾ جيكا بي ساختگي ۽ رواني آهي، سا اڳين كبتن ۾ كانهي. نموني طور شروعات جون مصرعون ڏجن ٿيون:

اول ساراهه كر سبحان جي مولا جو ملكن،
مڙيائي محفوظ كيا ڏسو ڏيهه ڏٺين،
كي كامل كرسيءَ تي چڙهي وه وه واعظ كن.
كي كاتب كتابن جا سوين سبق ڏين،
كي مسئلا مسائل كيو نياءُ ميان نبيرن،
كي پڙهيا پاڻ پر وجهه سان پڙهيون پڙهيائين.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته ٻولي ٻه نهايت سپڪ، سلوٽي ۽ روزمره استعمال ٿيندڙ كر آندي اٿس. هن كبت كان سواءِ ٻيا ٻه ڊگها بيت چيا اٿس، پر اهي ڪبتون نه آهن، چاكاڻ جو قافيو انهن جي آخري مصرع جي وچ ۾ اچي ٿو. ڊگهن بيتن سان گڏ ٻن مصرعن تي مشتمل صحيح قسم جا سورٺا ۽ دوها ٻه چيا اٿس. روجهن وارا بيت، پورب جا بيت، وحدت جا بيت ۽ حقيقت جا بيت گهڻو كري هن قسم جا آهن. روجهن واري بيتن مان سورٺي جو مثال هن هيٺ ڏجي ٿو، جنهن جي ٻنهي مصرعن جي وچ تي قافيو آهي:

"سچو" رک سماءِ، تو ماٿهو روجهن سان گڏين،
هاٿي صبر منجهه آءِ، ڪمائي پوري ڪري.

دوهي ۾ بہ بہ مصرعون ٿينديون آهن، پر قافيو ٻنهي مصرعن جي پويان ايندو آهي. وحدت جي بيتن مان دوهي جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

قدر هدايت جو، آهي، ۾ ضلالت،
جي ضلالت نہ هئي، تا ڪا تي هدايت.

جيئن شاهہ ڪريم جي ڪلام ۾ سورٺا ۽ دوها بہ ملن ٿا، تہ سورٺا ۽ دوها جي ميل وارا بيت بہ ملن ٿا. تيئن حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ دوهن ۽ سورٺن سان گڏ دوهي ۽ سورٺي جي ميل وارا ٻن مصرعن تي مشتمل بيت بہ ملن ٿا. هيئين بيت جي پهرين مصرع دوهي جي ۽ ٻي سورٺي جي آهي:

هيءَ نہ واٽ هواءِ جي، آهہ نڪا تقليد،
تحقيقاً توحيد، آهي راهہ رسول جي.

نہ فقط ايترو، پر بيت جي سٽا سان لاڳاپيل نرالا نمونا بہ ملن ٿا، جهڙوڪ: مسلسل دوها، مسلسل بيت، ڏوهڙا، ڪلام ۽ ٽيهہ اکري وغيره. انهن جو تعارف ٽين باب جي انتخاب ۾ ڏنو ويو آهي.

هن مان معلوم ٿيندو، تہ حضرت سچل سرمست نہ فقط طويل بيتن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي، پر ٻن مصرعن وارن بيتن ۽ انوکي سٽا وارن بيتن کي بہ پنهنجي خيالات جي اظهار جو ذريعو بنايو آهي. سندس بيتن جي خاص خوبي اها بہ آهي، تہ انهن ۾ رنگيني ۽ دلڪشي آهي، ۽ منجهن حسن ۽ عشق جو ذڪر نهايت دلگداز نوع ۾ ملي ٿو. محترم حامي صاحب جو رايو آهي:

"سنڌي خواه سرائڪي دوهڙن ۽ بيتن ۾ حسن و عشق جو راز و نياز جون اهي موشگافيون ڪيائين، جن جي تقليد مولوي لطف علي ۽ خواجہ غلام فريد جهڙن شاعرن ڪي ڪرڻي پئي. بيدل، حمل ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي شاعر سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿي شعر چوڻ لڳا."

مطلب تہ سچل سائين بيت کي وڌيڪ رنگين ۽ جاذب بنائي پيش ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو پوين سنڌي شاعرن کي سندس نقش قدم تي هلڻو پيو.

مضمون جي لحاظ کان عنوان تي بيت ۽ فارسيءَ جي نموني تي "نامہ" اڳ ڪنهن بہ سنڌي شاعر نہ چيا هئا. سچل سائين ئي عنوانن تي بيت ۽ "نامہ"

چوڻ جو بنياد وڌو. پوين شاعرن سندس انهيءَ تجربي جي بہ تقليد ڪئي آهي. ڪانئس پوءِ پهريون شاعر حضرت بيدل آهي، جنهن سندس تتبع ۾ ”وحدت نامو“ چيو. بيتن جي مضمونن ۾ تسلسل، تنوع ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ بيتن ۾ وراڻ وارا لفظ ڪم آندا ويندا آهن. وراڻن جا عام طرح بہ قسم ٿيندا آهن. هڪ نمونو اهو آهي، جنهن ۾ بيتن جو سلسلو ساڳين لفظن يا فقرن سان شروع ٿيندو آهي. سچل سائينءَ وٽ وراڻن جو اهو سلسلو بہ ملي ٿو. نموني طور ٽي بيت هن هيٺ ڏجن ٿا:

(1) ڪيچيئڙا ڪالهہ ويا، تنگ اُٺن تاڻي،
هوتن ريءَ هاٺي، اڱڻ نهاري نہ سگهان.

(2) ڪيچيئڙا ڪالهہ ويا، اجا مون وٽانءُ،
پرين پچاڻانءُ، اڱڻ ڏسي نہ سگهان.

(3) ڪيچيئڙا ڪالهہ ويا، جات اولي جت،
هيءِ هيءِ هٺان هت، اڱڻ ڏسي نہ سگهان.

ٻيو نمونو اهو آهي، جنهن ۾ هڪ بيت جو پويون اڌ، ٻئي بيت جو پهريون اڌ ٿي ايندو آهي. سچل سائينءَ جي رسالي ۾ اهڙو نمونو بہ ملي ٿو. نموني طور ٻہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

(1) وسي ٻيو وڏ ڦڙو، پنيون پٽ پريون،
پٽاريون پٽن تان، وٽاڻين وريون،
ڪيرن جون ڪريون، چاڏيين ڏنئون چاه مان.

(2) چاڏيين ڏنئون چاهہ مان، ڪيرن جون ڪريون،
وهائينديون سي آئيون، ٽٽن مان ٽريون،
پٽاريون پريون، آيون وسائي وڏ ڦڙا.

انهن ٻن نمونن کان سواءِ سچل سائينءَ جي رسالي ۾ ”وراڻن“ جو هڪ ٽيون نمونو بہ ملي ٿو، جيڪو ٻين شاعرن جي شعر ۾ نظر نہ ٿو اچي. سچل سرمست جي رسالي ۾ بيتن جون ڪيتريون ئي اهڙيون ڪنڊيون ملن ٿيون، جن ۾ بيتن جي پوين سٽن جا آخري اڌ هڪجهڙا آهن. نموني طور هڪ ڪنڊيءَ جا ٻہ بيت هيٺ ڏجن ٿا:

(1) اندر آڳ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري،
ڪارڻ ڪوهياري، مٿي راهہ رئان گهڻو.

(2) ڪاف ڪشالا ڪيترا، تڪيءَ مون نہ ٿين،
جيڏيون ڪاڻ جتن، متي راهہ رئان گهٽو.

بيتن جي قافين جي لحاظ کان بہ سچل سائينءَ وٽ نواڻ ۽ نرالائي نظر اچي ٿي. ڪيترين قافين ۾ "ڙ" تصغير آيل آهي، جنهنڪري ميناج ۽ موسيقيءَ جي ليءِ پيدا ٿي پيئي آهي:

ور وٺا ويڙهيچن جا، اهي موتئين مالهڙيون،
راس نہ اچن روح کي، ٿالهہ ۽ ٿالهڙيون،
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون،
جو فجر ٿوڪي سنديون، ڪن دانهہ دالڙيون،
ورسي لويون لاک جون، پن شال ۽ شالڙيون،
انئي پهر اکيون، منهنجون عمر آلڙيون.

اهڙيءَ طرح انوکي سٽا وارا ڪيترائي قافيا مارئيءَ جي بيتن ۽ سسئي جي جهولڻي ۾ ملندا. خاص طرح سان جهولڻي جي بيتن ۾ قافيہ جي لفظن جي پويان "ڪي" آڻي، بيتن جي بيهڪ ۾ پختگيءَ سان گڏ رواني ۽ رس پيدا ڪيو ويو آهي. هن انتخاب ۾ جهولڻي مان چونڊيل بيت اهڙي نموني جا آهن. انهن قافين ۾ نيٺ سنڌي لفظ سهڻي نموني سِٽيا ويا آهن:

ڪيچن ڪڍ لڳي هوءَ کهڪي،
پهرين پور تڪر سان ٿهڪي.

جهولڻي جي بيٽن ۾ سسئيءَ ۽ سندس سرتين جي گفتگو ڏني وئي آهي، جنهنڪري مڪالماتي انداز پيدا ٿي پيو آهي. مطلب تہ سچل سائينءَ جي بيتن جي سٽا توڙي قافين ۾ نواڻ بہ آهي، تہ رواني ۽ رس بہ آهي. سچل سائينءَ عام سنڌي بيتن ۾ بہ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن، تہ نئين ۽ انوکي سٽا وارا بيت بنائي، منفرد ۽ موثر اسلوب سان بہ پنهنجو مقصد ظاهر ڪيو اٿس. اهوئي سبب آهي، جو سچل سرمست ڪي نہ فقط اعليٰ فڪر جي لحاظ کان عظيم ۽ منفرد شاعر چئي سگهون ٿا، پر فني سٽا جي انوکي انداز ۽ انفرادي اسلوب بيان جي خيال کان بہ کين سنڌي شاعريءَ ۾ اعليٰ ۽ ارفع مقام حاصل آهي.

"ڪافيءَ جا گهاڙيٽا": بيتن کان سواءِ سچل سرمست وٽ ڪافين جا بہ ڪيترائي نمونا يا گهاڙيٽا ملن ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ هي پهريون شاعر آهي،

جنهن پهريون پيرو ڪافيءَ کي وسعت بخشي، ۽ ان ۾ فني سٽا جا ڪيترائي نوان، سهڻا ۽ سيبائتا نمونا پيدا ڪيا. سمايا ۽ عام ڪيا. ايتري قدرجو علم عروض کي بہ ڪافيءَ جي سٽا ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪانئس پوءِ سمورن سنڌي شاعرن سندس سٽا جي تقليد ڪئي آهي. هن هيٺ سندس ڪافين جي گهاڙيٽن تي تفصيل سان روشني وڌي وڃي ٿي:

1. "ڪافي هيڪوٽي": حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۾ "وائي" جي سٽا واريون ڪافيون بہ ڪيتريون ئي نظر اچن ٿيون. اهڙين ڪافين کي "هيڪوٽي"، "هڪ تُڪي" يا "هڪ نيپي" ڪافي چئي سگهجي ٿو. هن قسم جي ڪافيءَ ۾ هر هڪ بند هڪ هڪ سٽ جو ٿئي ٿو، ۽ هر بند جي پڇاڙيءَ ۾ قافيو ٿئي ٿو. هڪ نيپي ڪافي ۽ هڪ نيپي وائيءَ ۾ فرق، هي آهي تہ وائيءَ جي بندن جو وزن وڏيڪ ڏگهو ۽ اينگهہ وارو ٿيندو آهي:

ٿـــل: اوڏانهـــن آئيـــن ڪـــانگ ادا.
لنئـــون تـــون چڱـــي لات ڪـــا.

1. ڪي هت هئي محبوب کي، مشتاق جي مصلحات ڪا.
2. هيڏي اچڻ جي ڪاهين، ڏي تون مون کي تسلات ڪا.

ڪافيءَ جو ٻيو وائيءَ سان ملندڙ جلندڙ نمونو اهو آهي، جنهن ۾ بند ٻن سٽن جو ٿئي، پر هر سٽ ۾ ساڳيو اهوئي قافيو ٿئي، جيڪو ٿل ۾ آهي. حضرت سچل سرمست جي ڪافيءَ جو اهڙو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ٿـــل: رکيـــن يـــار جـــو خيـــال،
ڪـوڙا ڇـو ٿـو ميڙيـن مـال.

1. تـــڏهن طـــالب ڪوئيـــن، جـــڏهن ڇـــڏين ســـڀ جنجـــال،
هلي وڃج حال کي، ڪلي ڇڏج قال.

انهيءَ نموني جا قافيہ جي لحاظ کان مختلف قسم آهن. مٿئين نموني جي ٿل ۾ بہ بند آهن ۽ ٻنهي جي آخر ۾ ساڳيو قافيو آهي، جيڪو بندن سان هم قافيہ آهي. ٻئي قسم ۾ ٿل مصرعن سان هم قافيہ نہ ٿو ٿئي. ٽئين قسم ۾ ٿل ٻن بندن جو ٿئي، جنهن جو پهريون بند مصرعن سان هم قافي ٿئي ۽ ٻيو نہ. سچل سرمست جي ڪافين مان اهڙو مثال هيٺ ڏجي ٿو.

ٿل: شاهہ ٿيو سيلاني، نہ ڇاٽان ڪنهن ڳالهہ ڪان.

Gul Hayat Institute

1. تـي گداگـر كـري گدائـي، شـرف چـڏي سـلطاني،
صـورت انهـيءَ كيـر سـجاڻي، هـيءِ هـيءِ سـپ حيرانـي.

اهڙي قسم جي ڪن ڪافين ۾ وري ٽل جي ٻن پدن مان پويون پـد مصرعن سان هم قافيہ ٿئي. سچل سائينءَ جي ڪافين مان اهڙو مثال ڏجي ٿو:

ٽـل: ڪـانگي قريبـن ڏانهـن،
خبـر آنـدي ونـي وهنـدو وري.

1. خط منجهئون معلـوم ٿـي، ساري خبـر ڪيئـن جي ڪـري،
دوسـت دلاسـا لڪيـا تـا، تـو اسـان ريءَ ڪيئـن سـري.

چوٿون قسم اهڙو بہ ملي ٿو، جنهن ۾ ٽل فقط هڪ هڪ پد جو ٿئي ٿو، ٻئي پد جي پورائيءَ لاءِ پراءَ جا لفظ آندا وڃن ٿا. مثال ڏجي ٿو:

ٽل: تو وهي لوهاڻو، يار وي!

1. سـا ڪيئـن ترسـي تـار ۾، جـيءَ جنهيـن جهوراڻـو،
ڪـاهيو ناپـَـوي ڪـُـنن ۾، ڏسـو عشـق اوراڻـو.

”ڪافي ڏيڍي“: هن قسم جي ڪافيءَ ۾ هر هڪ بند ڏيڍ سـِـٽو هوندو آهي. گهڻو ڪري ٽل بہ ڏيڍ سـِـٽو هوندو آهي، پر ڪن ڪن حالتن ۾ هڪ سـِـٽو بہ هوندو آهي. هن گهاڙيٽي جا قافيہ جي مٽ سٽ موجب جدا جدا قسم ٽين تـا، جن جو هيٺ ذڪر ڪجي ٿو:

1. هڪ قسم اهو آهي، جنهن ۾ پد جي هيٺان وراڻي ٽل سان ٿئي ٿي. ٽل ۾ فقط هڪ قافيو آخر ۾ ٿئي ٿو. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ٽل: ملڪ عدم جي مون سان، ڪانگل ڪر ڪا ٻولي.

1. دور دنيـا جـي زينـت، زيـب، حسـين ويـا وسـري،
رات ٻـڌم جـا ٻولـي.

2. هن قسم ۾ ٽل هڪ سٽو، پر ٻن پدن وارو ٿئي ٿو ۽ بند ڏيڍو ٿئي ٿو. ٽل جو پهريون پد، بند جي پهرين مصرع سان هم قافيہ ٿئي ٿو، ۽ بند جي وراڻي ٽل جي ٻئي پد سان هم قافيہ ٿئي ٿي: مثال ڏجي ٿو:

ٽـل: پـاڻهين پـارئون يـار،
قـاصد مـون ڏي آيـو.

Gul Hayat Institute

1. اچــڻ ســندي ان جـــي، اُتـــي ويـــا آزار،

تـــورو كيـــڏو تـــن لاتـــو.

3. ٽيون قسم اهو آهي، جنهن ۾ ٻئي قسم وانگر ٿلھ ۾ ٻه پد ٿين، جن مان پويون پد ۽ وراڻي ٿل جي ٻنهي پدن سان هم قافيہ ٿئي. مثال ڏجي ٿو:

ٿـــل: يـــار تـــو ســـان منهنجـــي زاري،

ســـــوُ لڪ واري ميـــــــان.

1. ونـــدر جـــي وٽـــن ۾، واجهـــ وجهـــي ويچـــاري،

سا تـــا محبت مـــاري.

4. چوٿـين قسـم ۾ ٿـل هـڪ سـِٽو ٿئي، ۽ ان جي آخـر ۾ قـافيو ٿئـي، جيڪو وراڻي سان هم قافيہ ٿئي. بند جي پهرين مصرع ۾ ٻه پـد ٿين، جي پاڻ ۾ هم قافيہ ٿين. سچل سرمست جي ڪافيءَ مان مثال ڏجي ٿو:

ٿـل: ســي ڪنهـن ويڙهـي تـون وسـين،

ڪونـــ آهـــي پيـــو تـــو ريءَ.

1. چـاڻي هئيـن چـاتوم، تـو ڪـي سـانول سـجاتوم،

هر جاءِ آهين تون حاطي.

5. پنجين قسـم ۾ ٿل هڪ سـِٽو ٿئي، ان ۾ ٻه پد ٿين، جن مان پهريون پـد وراڻيءَ سان هم قافيہ ٿئي. پد جي پهرين مصرع ۾ ڪوبہ قـافيو نہ ٿـئي. بند جي پهرئين مصرع ۾ ڪوبہ قافيو نہ ٿئي. سچل سرمست جي ڪافيءَ مان مثال ڏجي ٿو:

ٿـــل: اهـــو ويـــو هـــاڻي ڪـــاڏي،

جنهـن "سـچو" سـو نـانءُ سـڏايو

1. مڪڙيءَ منجهوُن ني ويا ميان، ٿيو گل پيدا وري ميان،

منهن ڪري بينو ماڏي.

6. ڇهين قسم ۾ ٿل هڪ سِٽو ٿئي، جنهن ۾ ٻه پد ٿين. بند جي پهرين مصرع ۾ ٻہ ٻہ پد ٿين، جيڪي ٿل جي پهرئين پد سان هم قافيہ ٿين. بند جي وراڻي ٿل جي ٻئي پد سان هم قافيہ ٿئي. مثال ڏجي ٿو:

ٿـــل: اهـــي اڱـڻ منهنجـــي آيـــا وو،

جـن ڪـاڻ ســي پيــر پچــايم ٿــي.

Gul Hayat Institute

1. پـَـکي اسان جي پيهي آيا، ڏينهن گهڻا جن لايا وو،

جن ڪاڻ سي پوتيون پٽايم تي.

7. ستون قسم اهو آهي، جنهن ۾ بند هڪ ستو تئي ۽ ان ۾ ٻـه پد تين، پر قافيو ٻئي پد ۾ تئي. بند جي پهرينءَ سٽ ۾ ٻـه ٻـه پد تين، جنهن جي پوئين پد ۾ قافيو تئي. ٽل جو ٻيو پد، بند جي پهرينءَ سٽ جو ٻيو پد ۽ وراٽي پاڻ ۾ هم قافيہ تين. سچل سرمست جي ڪافيءَ مان مثال ڏجي ٿو:

ٽـــل: مـــون وٽ يـــار پيـــارا،

آءُ تـــون پـــاڻ ســـجاٽي.

1. حال مڙيوئـي معلوم تو کي، دنيا سا کوڙ کهاٽي،

آءُ تـون پـاڻ ســجاٽي.

8. ٽل ڏيڍو تئي، جنهن جي پهرينءَ سٽ جا ٻـه پد تين، جيڪي پاڻ ۾ هم قافيہ تين. ٽل جي وراٽي بند جي پهرين مصرع جي پوئين پد سان هم قافيہ تئي ۽ ٽل واري ساڳي وراٽي، بند جي پهرئين مصرع جي پويان. ساڳي طرح وراٽي تي اچي. سچل سائينءَ جي ڪافيءَ مان مثال ڏجي ٿو:

ٽـل: حـُـج ڦـِـٽي ڪيـم هـاٽي،

مـــاريس تنهنجـــي مـــاٽي.

الله ڄاٽي.

1. تنهـــن ڏينهـــن لاڪـــون يـــار اوهـــان ســـان،

لايو نينهـن هـن نماٽي، الله ڄاٽي.

9. ٽل ۽ بند ٻئي ڏيڍا تين. ٽل جي پهرينءَ مصرع جو پويون پد، ٽل جي وراٽي ۽ بند جي پهرئين مصرع جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ تين. ٽل جي وراٽي هوبهو بند جي وراٽي طور بہ ڪم اچي. سچل سرمست جي ڪافيءَ مان مثال ڏجي ٿو:

ٽـــل: ڪـــانگڙا قريبـــن جـــا،

تـــو کـــي ڪالهـــہ اُڏايـــو ڪـــن.

وٽئـــون ويڙهيچـــن.

1. آســر ونـدي آهيـان، مــن ڪــو پيــرو ڪـــن،

وٽئـــون ويڙهيچـــن.

Gul Hayat Institute

”ڪافي ٻيٽي“: هن قسم جي هر بند ۾ ٻه مصرعون ٿين، ٿل ڪڏهن ٻن سٽن جو هڪ سٽ وارو يڪو يا ٻن پدن وارو ٿئي. هن جا ٻه مختلف قسم ٿين ٿا:

1. هڪ قسم هوبهو غزل جيان ٿئي، يعني ٿل توڙي بند ٻن سٽن جا ٿين، ٿل جي ٻنهي سٽن ۾ قافيو ٿئي ۽ بندن جي پوين سٽن ۾ قافيو ٿئي:

ٿل: آهي انهن اکين ڪي خاصو خمار تنهنجو،
وينو وني مان آهيان، ڪامل قرار تنهنجو.

1. هن ڪي اوهان جي ٻاجهئون، آهي نه ماڙ ڪائي،
هيءَ تان غريب آهي، اميدوار تنهنجو.

2. ٿل هڪ سٽو ۽ بند ٻن سٽن وارو ٿئي، ٿل جو پهريون پد، بند جي ٻنهي سٽن سان هم قافيه ٿئي. مثال هيٺ ڏجي ٿو.

ٿل: شل اوڏانهون ايندا،
وني خاصيون خبران خبران.

1. مون هن نماڻي ڪي، دلاسو ڏيندا،
پرين پاڻهين پاڻ سان، هيءَ گولي گڏيندا.

”ڪافي ڇئونٽي“: اهڙيءَ طرح ٽيٽي ۽ ڇئونٽي ڪافي به ٿئي. سچل سرمست جي هڪ ڇئونٽي ڪافي جي ٿل ۾ به چار پد آهن. ته هر هڪ بند ۾ به چار پد آهن. ٿل جي ڇئني پدن ۾ هڪ جهڙو قافيو آهي. بند جا پهريان چار پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن، ۽ چوٿون پد ٿل سان هم قافيه آهي:

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سنياريا،
انهي ڳالهه ڳاريا، هزارين هزار.

1. اهي پار آيا، نيزن جا نوايا،
نيئي سر سلايا، تنهن تون اگهار.

”جهولڻو ڪافي“: هن جو فني تعارف ۽ نمونو ٽئين حصي ۾ ڏنو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

"زبان ۽ محاورو"

ٻوليءَ ۽ سريلي محاوري جي لحاظ کان بہ سچل سائين جو ڪلام نهايت اهم آهي. سندس ڪلام ۾ نيٺ سنڌي لفظن ۽ عربي فارسي لفظن جو سهڻو امتزاج ملي ٿو. نہ فقط ايترو پر موقعي جي مناسبت سان هندي لفظ ۽ سرائڪي لفظ بہ آندا ويا آهن. قديم سنڌي شعر جا ڪيترائي لفظ بہ سچل سائينءَ وٽ نظر اچن ٿا. مثلاً اتو = "چيو" ۽ اُتائين = "چيائين". قديم سنڌي شعر ۾ اهو لفظ گهڻو آيو آهي.سچل سائينءَ بہ اهو لفظ استعمال ڪيو آهي. پراڻي شعر ۾ لفظ "ڇر" ۽ "ڇيرو" بہ آيا آهن. سچل سائينءَ جي بيت جي هن سٽ ۾ اهي لفظ ملن ٿا:

"ائين "اتائين"، تہ هيءَ "ڇر ڇيري" نہ جهليا"

نيٺ سنڌي لفظ ويسهہ ۽ وسهڻ هن طرح آندا اٿس:

"وفي انفسکم افليٰ تبصرون، ويسهہ يا وسهن"

اڌ رات کان پوءِ جڏهن رات ٽري يا پڇي ٿي، تہ ان کي "پني رات" چيو ويندو آهي. سچل سائين اهو لفظ ڪيترائي ڀيرا آندو آهي. هڪ بيت ۾ اهو هن طرح آيو آهي:

"سُڏڪا ڏيئي سور جا، پنيءَ رات پٽن."

هن سٽ ۾ پٽن لفظ بہ پراڻو سنڌي لفظ آهي، جو هلڪو ڳالهائڻ، پنهنجي ليکي ڳالهائڻ ۽ ذڪر جي معنيٰ ۾ آيو آهي. اهڙيءَ طرح سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪيترائي نيٺ سنڌي لفظ استعمال ٿيل ملن ٿا. جن مان ڪيترا تہ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ۾ بہ ڪونہ ٿا ملن. نموني طور ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون، جن ۾ اهڙا لفظ جڙيل آهن:

"تڙ لهي "ترياءُ" شرط لنگهي پيس شهہ ۾.
عاشق متان آگ جي "اولارا" ڏين،
"پنيڙ" باهہ عشق ۾ "سپورن" سڙن،
اڇيو پون "آڙاهہ" ۾ سر جو "سانگ" نہ ڪن،
لائق لعل تين، ڪامي لهسي لوسجي.

Gul Hayat Institute

سپ ڪنهن ويل وهن، اتن اثر "اوهيرن" جو،
مري تي مشتاق، "ڪاڪرور" لهي ولهي جي،
نيهن "نهوڙيا" "نڪٽيان"، جنهن پر ڪا پڙين،
هٽي درد "دهيون" ڪيا، سندي سپرين.

حضرت سچل سرمست سريءَ جو سرموڙ آهي. سندس ڪلام سنڌي زبان جي سريلي محاوري لاءِ سَندَ جي حيثيت رکي ٿو. سريلي محاوري ۾ "آن" گڏي جمع بنايو ويندو آهي، ۽ لاڙ ۾ "ون" سان جمع جڙندو آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ هر هنڌ "آن" سان جمع بنايل آهي. نموني طور ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"ڪوران ڪسيان واهڙان، هت ڪلي ٿيا گمنام ميان"

ڪور = ننڍو واهه، ڪسي = ننڍي واهي، واهڙ = واهه جو جمع. ڪوران ڪسيان ۽ واهڙان آيو آهي.

"منهن ميرا، "مٿي ميرا"، اهڙيون "طرحان" تن"،
"جوليون "چران" تي ڪري، ٻيو وچني واءُ."

پوئين مصرع ۾ پاڻيءَ جي "چر" جو جمع "چران" بنايو ويو آهي. مٿين مصرع ۾ "وچني" لفظ بہ آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: (واءُ) زور سان لڳي يا چڙهي. اهو لفظ بہ سريلي محاوري جو آهي. سريلي محاوري موجب "بِلي ٿياسين" معنيٰ "اختيار ۾ آياسين". اهو محاورو هن طرح آيو آهي:

"بِلي ٿياسي بره جي، بابو ٿياسي بَلي."

لاڙي محاوري موجب "ٿياسين" ٿيندو، پر سريلي محاوري ۾ "سين" جي بدران "سي" مستعمل آهي. سچل سرمست جي مٿين مصرع ۾ سريلي محاوري موجب "سي" آيو آهي.

سريلي محاوري ۾ اڪثر مونث وارو جمع "ون" گڏڻ سان بنايو ويندو آهي. هيٺين مصرع ۾ "سينڌي = واقفڪار" جو "سينڌيون" ڪيو ويو آهي. خود "سينڌو" معنيٰ واقفڪار. سينڌ معنيٰ واقفيت سريلي محاوري جو لفظ آهي:

"سينڌيون جي سکن، تنين گوندر گهوريا."

اتر سنڌ ۾ مٽي ڪڻڻ لاءِ جيڪي ڪارا ڪم ايندا آهن، انهن کي "ڏلهو" چيو ويندو آهي. ان مان فعل نهيو آهي: "ڏلهي ڇڏيڻ" = "پري ڇڏڻ يا پرڻ". سچل سرمست جي ڪلام ۾ اهو اصطلاح هن طرح آيو آهي:

Gul Hayat Institute

"ڏلهي ڇڏيو ڏٿ سان ڏوتيين ڏيار."

لاڙ ۾ "آءٌ" ۽ "مون" استعمال ۾ اچن ٿا. سري ۾ وري انهن جي بدران "مان"كتب ايندو آهي. لاڙ ۾ چون " مون ڏانهن". سري ۾ چون "مان ڏي". سچل سائين "مان ڏي" آندو آهي:

"منهن كري بينو ماڏي."

اتر ۾ "چبي" مان اصطلاح جڙيو آهي: "چبٽ كرڻ. معنيٰ: "چوريءَ كا شيءِ لكائي ڇڏڻ" اهو اصطلاح هن طرح آيو آهي:

"چبٽ كري ڇبن ۾، وتن كاريهر قتيل."

شكار كرڻ وقت "شكاري، شكار كي دوكو ڏيڻ لاءِ هك هنڌ باهه ٻاري ڇڏيندا آهن، ته جيئن شكار دوكو كائي ان پاسي نه اچي ۽ ٻئي پاسي وڃي، جتي بندوقچي ان جي تاڙ ۾ ويٺل هوندا آهن. ان باهه كي "اوسر" چوندا آهن. اهو لفظ سچل سائينءَ "روجهه" (جابلو ڳئون) لاءِ هن طرح آندو آهي:

"ڏكيا اوسر ڏينهڙا، تيون گذارن هت."

"جانورن جي هلي اچڻ" لاءِ ٻهراڙيءَ جو اصطلاح "پري اچڻ" هن طرح آيو آهي:

"پري آيون پيئي تي، پهاڙئون پري"

مٿين مصرع ۾ هك ٻيو ٻهراڙيءَ جو لفظ "پيئي" به آيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "تڙ"، يا جانورن جي پاڻيءَ پيئڻ جي جاءِ.

اُتر ۾ "سرِ كٽڻ"، "موت جو سبب بنجڻ" جي معنيٰ ۾ كم ايندو آهي. اهو اصطلاح سچل سرمست جي كلام ۾ هن طرح آيو آهي:

"سالك ساز سرود جي، سُرَ سان سرِ كنيو"

ٻهراڙين ۾ كن خاص كمن لاءِ سيني ڳوناٺن كي سڏي، كانئن مدد ورتي ويندي آهي. آخر ۾ كين تانهري يا كو ٻيو مِٺو ڀَت كارايو ويندو آهي. انهيءَ كي "وريون وهڻ" به چيو ويندو آهي. اُتر ۾ كن هنڌ ان كي "وهل وهڻ" به چيو ويندو آهي. انهيءَ موقعي تي جيكو سادو رَبِ جهڙو ڀَت كارايو ويندو آهي، ان كي "لپي" چيو ويندو آهي. سچل سرمست "وهل وهڻ" ۽ "لپيون" گڏ كم آڻي ٿو:

"وهين، وهل، لپيون، ٿي پيٽ پاريا تن پنهنجا"

ٻهراڙيءَ ۾ جڏهن ٻه پائر نه نهندا آهن، ته گهر جي وچ تي ڀِت كڍي يا سَتر ڏيئي، گهر كي ٻن حصن ۾ ورهائيندا آهن. انهيءَ ڀِت يا پَستر كي "وِري"

ڇٽبو آهي ۽ پت ڪڍڻ کي "وِري وجهڻ" چيو ويندو آهي. ننڍين ننڍين جڳهين کي وري "ويريون، چيو ويندو آهي. سچل سائين لفظ هن طرح ٿو آڻي:

"جهل جهڳن کي ڪانہ ڪا، وِريون ۽ ويريون"

اُتر جي ٻهراڙين ۾ "خاصو" کي "خاشو" بنائي "عمدو" يا "سٺو" جي معنيٰ ۾ آندو ويندو آهي. "خاشيون" جو ضد وري "راشيون = خراب." آندو ويندو آهي. سچل سرمست اهي ٻئي لفظ هن طرح آندا آهن:

"سي پليءَ لڳي پوءِ ڇام جي، ٿيون خوراڪين خاشيون"
روءِ هيون راشيون، پر سمي ڇام سهاڻيون.

پوئين سٽ ۾ هڪ ٻيو لفظ "سهاڻيون" ڪم آيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: پسند آيون. هي لفظ بہ سري جي محاوري جو آهي. "اولجلول" انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ چيو ويندو آهي، جنهن کي ملڪ جهان جي ڪا خبر نہ هجي. اهو لفظ هيئن آيو آهي:

"قدر تن کي ڪهڙو، جي آهن "اولجلول"

"اروڙ" اتر سنڌ جي قديم شهر جو نالو آهي، پر ان جي لفظي معنيٰ فقط سچل سرمست ٻڌائي آهي. سچل سائينءَ اهو لفظ ڍير، ڍڳ يا انبار جي معنيٰ ۾ آندو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهيءَ قديم سنڌي لفظ جي معنيٰ آهي: ڪٺي اناج گڏ ڪرڻ. جيئن تہ اروڙ جي چوڌاري سرسبز ڪيت هئا ۽ اروڙ هڪ وڏي منڊي هو، انهيءَ ڪري ئي ان شهر تي اهو نالو پيو ٿو ڀانئجي. سچل سائين فرمائي ٿو:

"ناپي ۽ ڏت ڏي جا آڻيو ڪن اروڙ."

سري ۾ ڪير وارن ڍورن خاص طرح سان مينهن کي سسيون چيو ويندو آهي. وڏيڪ جي معنيٰ ۾ وري ٻهراڙيءَ ۾ "سجيهہ" لفظ ڪتب ايندو آهي. اهي ٻئي لفظ سچل سرمست جي هڪ مصرع ۾ هن طرح آيا آهن:

"ساول ڪائي سبزيون، ٿيون سجيهہ سسيون."

اٽانگي، ڏڪئي يا جهيڙاڪار لاءِ "اويڙو" لفظ اتر جو نيٺ سنڌي لفظ آهي. اهو لفظ هن طرح آيو آهي:

"توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ پيي سمي ڇام سهاڻيون."

Gul Hayat Institute

"لڄائڻ" جي معنيٰ ۾ اصطلاح "ڪارو ڪرڻ" ڪم ايندو آهي. اهو لفظ سچل سائينءَ هڪ ڪافيءَ ۾ هن طرح آندو آهي:

"ڪارو ڪج نہ ڪيچ ڪي، چپر تان چڙهين، وو."

چپ ڪري ويهڻ، يا خاموشي اختيار ڪرڻ ڪي "چپ ڪرڻ" چيو ويندو آهي. اهو لفظ هن طرح ڪم آيو آهي:

"تڏهن چپ ڪرڻ تو چاهي"

"تپائي ڪٽڻ" جي بدران "تائي ڪٽڻ" قديم سريلي محاوري جو اصطلاح آهي. اهو هن طرح آندو ويو آهي:

"تنهنجي دل ڪنئين تنهن تائي."

ڊيڄارڻ ۽ ڊبائڻ لاءِ قديم اترادي محاورو آهي:

"سهمون ڏيڻ" ان مان لفظ بنيو آهي. "سهمناڪ" = ڊيڄاريندڙ. اهو لفظ سچل سرمست جي شعر ۾ هن طرح آيو آهي:

"سهمناڪ" سندا سي سوڙها"

سريلي محاوري "وِٽ" وٽي يا فرق جو معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي. سچل سرمست اهو لفظ هن طرح آندو آهي:

"اوڏانهن وِٽ مٺان پوي، گهنگهر اي گهارن"

سريلي محاوري ۾ "بس ڪرڻ" لاءِ قديم لفظ آهي:

اوڪاٽجڻ يا "اوڪار جڻ". سچل سرمست جي شعر ۾ "اوڪارجڻ" مان "بس ڪن" جي معنيٰ ۾ "اوڪارڻ" آيو آهي. عام محاوري ۾ چوندا آهن: "پاءُ پاٽي لڳي، تہ ڏيان". يعني "مون ڏي منهن نڪري، تہ پلؤ يا عيوضو ڏيان". سچل سائين اهو اصطلاح هن طرح آندو آهي:

"مون تي لڳندو ڪونہ ڪو، پيارا 'پاٽيءَ' پاءُ."

بين ڪلاسيڪل شاعرن جي سنڌي زبان جي نحوي بناوت وانگر سچل سرمست جي سنڌي زبان جي نحوي بناوت ۾ بہ ضميري پڇاڙيون ملن ٿيون.

"حرف جر" جي پڇاڙين جا ڪجهہ مثال هي آهن:

(1) اچي اوتڙ پاءُ، گهڙيس گهوري جندڙي.

"او تڙياءُ" معنيٰ: اوتڙ ڪان، هيٺين مصرع ۾ "وٿاٽين" معنيٰ "وٿاٽن تي" ڪم آيو آهي:

Gul Hayat Institute

”پٽاريون پٽن تي ’وٽاٽين‘ وريون“

هينئين مصرع ۾ ”چيرئون“ ”چيرن مون“ ڪم آيو آهي. هن ۾ بيو نيٺ سنڌي لفظ ”چنپ“ بہ آيو آهي:

”جو ڳالهيون ٻڌي تا تهنجون چيرئون وهن چنپ“

هينئين مصرع ۾ ”سورٺ“ جي”ٺ“ تي زير ”اضافت“”جو“جي معنيٰ ۾ آئي آهي:

”اصل انيراءِ جو سورٺِ وَرَسان وير“

هينئين مصرع ۾ ”اوندوهون = اندوه يا غم ڪون“ آيو آهي:

”اندوهون آزاد، ڪندا ڪمينيءَ ڪي.“

”مون ڪون“ جي بدران ”مونهون“ آيو آه ي:

”جو ڏاڏاٽو ڏيهہ، مونهون مور نہ وسري“

هينئين مصرع ۾ ”توڙئون = توڙ ڪون، منڍ ڪون“ آيو آهي:

”توڙئون ڪين تنهين هڏ ٿهڪي“.

هن مصرع ۾ ”خاڪو = خاڪ مون، مٽي مون“ آيو آهي:

”خاڪون هلج خاص تي، ڪر پاٽيءَ ڪون پرواز ميان“

هينئين مصرع ۾ ”سائين“ جي پويان ”ءَ“ ڪي جي معنيٰ ۾ آهي:

”عاشق جي الله جا سائينءَ سيبائين“

هن سٽ ۾ ”برهي“ جي پڇاڙيءَ واري ”ي“ اضافتي پڇاڙي تي آئي آهي ۽ ”جي“ جي معنيٰ ڏئي ٿي:

”موٺ مران تي ميندرا، برهي چاڙهيءَ بار“.

انهن کان سواءِ فعل واريون پڇاڙيون بہ آيل آهن. هيٺ مصرع ۾ ”جهبيون = جهبيون ڏيئي، چڙبون ڏيئي“ ۽ ”جهيڙيون = جهيڙو ڪري“ آندا ويا آهن. يعني ”ئون“ پڇاڙي ”ڏيئي“ ۽ ”ڪري“ جي معنيٰ ۾ آئي آهي:

”وٽن ماٽڪ موٽئين، تنهن ڪون جهبيون ۽ جهيڙيون.“

اهڙيءَ طرح پڇاڙين جا ڪيترائي نمونا ملن ٿا، جن مان ٿورا مثال مٿي ڏنا ويا آهن. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سچل سرمست جي شعر جي نحوي بناوت، اهڙي ئي آهي، جهڙي قديم ڪلاسيڪل شعر جي نحوي جوڙجڪ آهي، جيڪا ڪجهہ قدر هينئر بدلجي ويئي آهي. سچل سرمست سرائڪي زبان جو بہ اعليٰ درجي جو شاعر آهي. ان کان سواءِ خيرپور ۾ سرائڪي زبان عام هئي. انهيءَ

Gul Hayat Institute

ضري سندس سنڌي ڪلام ۾ سرائڪي لفظ ۽ محاورا گهڻي قدر آيا آهن. سندس سرائڪي ڪلام ۾ وري ڪي سنڌي لفظ شامل ٿي ويا آهن. فارسي ۽ عربي لفظن کان سواءِ هندي لفظ بہ نهايت سهڻي نموني جڙيل ملندا. مطلب تہ نيٺ سنڌي لفظن سان گڏ، ڪٿي عربي ۽ فارسي لفظن جو، ڪٿي هندي شيدن جو ۽ ڪٿي سرائڪيءَ جي سلوڻن لفظن جو سهڻو امتزاج ملندو. طوالت جي خوفان نمونا نہ ٿا ڏجن.

سچل سرمست جي ڪلام جي اها خاص خوبي آهي تہ جيڪا بہ تمثيل آڻي ٿو، تہ ان سان تعلق رکندڙ منظر نگاري، ڪردار نگاري ۽ سيرت نگاري بہ خاص انهيءَ رنگ ڍنگ ۽ حقيقت پسندانہ نوع ۾ پيش ڪري ٿو. مارئيءَ جو ذڪر ڪري ٿو، تہ ٿر جي زندگي، مارن جي اُٺي ويهڻي انهيءَ رنگ ۾ پيش ڪري ٿو ۽ اتي جا مخصوص لفظ بہ آڻي ٿو. اهڙيءَ طرح وري سهڻيءَ ۾ درياهہ سان تعلق رکندڙ منظر پيش ڪري ٿو، ۽ درياهہ سان لاڳاپو رکندڙ خاص لفظ ۽ اصطلاح ڪم آڻي ٿو. سارنگ جي بيان ۾ وري مينهن جي وسڪاري سان تعلق رکندڙ ڳالهيون، انهيءَ خاص لفظن ۾ بيان ڪري ٿو. "روجهہ" جبل جو جانور آهي، جو ڳئون سان مشابهہ هوندو آهي. ٿري ماڻهن وانگر هو بہ برسات پوڻ کان پوءِ پنهنجي ماڳ موٽي ايندا آهن. "روجهہ" جو تمثيل سچل سرمست کان سواءِ ڪنهن بہ سنڌي شاعر نہ آندي آهي. روجهہ جي بيتن ۾ وري جبل جو ذڪر آهي ۽ روجهہ جي گذران جو بيان آهي.

اهڙيءَ طرح "نوريءَ" جي ذڪر ۾ مهاڻن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جو قوت گذران، ڍنڍن جي پيدائش، ڍنڍن جا منظر، ٻيڙين جا نظارا ۽ اهڙي قسم جون ٻيون ڳالهيون نهايت سهڻي رنگ ۾ بيان ٿيل ملنديون. ان کان سواءِ مهاڻن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڍنڍن سان تعلق رکندڙ خاص لفظ ۽ اصطلاح بہ موزون ۽ مناسب نموني ڪتب آيل آهن. سسئيءَ جي بيان ۾ وري وندر جي واٽ جو ذڪر آهي ۽ جبل جهاڳڻ جا منظر آهن.

جوڳين جي بيان ۾ جوڳين جي جٽائن، تپسيائن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ ٻين ڳالهين جو ذڪر آهي. مطلب تہ "جهڙو ديس، تهڙو ويس" جي مصداق هر تمثيل ۽ هر ڳالهہ کي انهيءَ رنگ ۽ انهيءَ زبان ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

انتخاب

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

حصو پهريون

بيت

وحدت ۽ ڪثرت

(1)

هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال جو،
پهريون تا راحت، پويون تا پوءِ رهيو.

(2)

جڏهن وهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال،
تڏهن فرق وارا في الحال، بند ٻڌندءِ وچ ۾.

(3)

حڪم هلي تو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ؛
صورت سان سڃاڻ، منهن ڪري مرت ڪي.

(4)

"تون" هي سان تون لين، "مان" ليان "تو" سان،
"تون"، "هي"، "آءٌ" سيهين، "لا" ۾ موجودات تي.

(5)

جاڏي ڪياڙي، سجدو تاڏي نه ٿئي،
جاڏي مهاڙي، سجدو تت صحيح ٿيو.

(6)

جيڪي آهي هِت، هُت بِر اُهوئي اَٿئي،
يَجُ اهائي پِت، تان تون اهوئي رهين.

(7)

جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندين ڇا؟
سُڌ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پَيئڙءِ ڪا،
ڳالهه نه سمجهيءِ سا، آوازي "اَناالحق" جي.

Gul Hayat Institute

(8)

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل،
الف مون آدم ٿيو، ڪري هنگامو هل.

(9)

اُچي اوتڙياءُ، گهڙيس گهوري جندڙي،
چڙهيس ڏاڍي چاهه مئون، مستي موج متاءِ،
تڙ لهي تڙياءُ، شرط لنگهي پيس شهه ۾.

(10)

ماڻ ڪريان تان مُشرڪ ٿيان، ڪُڇان تانْ ڪافر،
انهيءَ وائيءَ ور، ڪو سمجهي "سچيڏنو" چوي.

(11)

مَچُ مچايو من ۾، ٻاڦ نه ٻهر وجهن،
وتن ويڳاڻا ورهه ۾، نيڻين ننڊ نه ڪن،
سڏڪا ڏيئي سورجا، پني رات پٽن،
پنهنجي پر ۾ پاڻ کي، تا پر تئون پڇائين،
سکيو ساميئڙن، عشق اهو سي آويءَ ڪان.

(12)

حدين وچي هرڪو، لاحد وچي پير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

(13)

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي جاڻ سڃاڻ،
مکڻ اکر هيڪڙو، سوئي ڪير سنياڻ،
اهو اُتئي اهڃاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالهه جو.

(14)

ڏيو ٻاري سچ کي، تي ڏاهرين ڏنو،
ڪتو ۽ مٺو، چرين ساڳي چت ۾.

Gul Hayat Institute

(15)

هڪڙو ڏنم موج ۾، تهن ۾ مير ملاح،
مچيون مارن اوچتي، بانڪا بي پرواهه،
لهر بحر جا حاڪم ڇاڻي، شور يا وتن شاهه،
هنڌ سنڌ تي فلڪ نه آڻن، مارن ملڪ سپاهه،
وائڙا رڪن تن متان، ويچارا ويساهه،
آسرا اَڏيئڻ جا، آهن منجهه الله،
ڏيئي پاند پناهه، رکي ونندو راڄ کي.

(16)

قوس قزح ڪمان، ابرو عجيبن جا،
ضرب ظلم جي زور سان، اچلن الامان،
سل هڻن تا سيني ۾، پنبڻين جا پيڪان،
نيزا نيهه نشان، "سچل" سرها تيا.

(17)

ڪجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي،
ڏنگا ونگا واهه واهه، مصحف جا اعراب،
ستون سيپارن جون، پڙهڻ تيون ثواب،
برهه سندا باب، "سچل" سي ختم تيا.

(18)

ساقي ڏيج سُني، سُرڪ صراحيءَ مان ڪڍي،
پڪ پيارج پارکو، محبت جي مني،
پيڻ سان پني، پاڻ ڏيان جيئن پاڻ کي.

(19)

قطرا آب عرق، سونهن سچڻ منهن تي،
جرڪن جهلڪن تا ائين جيئن پَنين ماڪ مرڪ،
داتا ڪَنَ درڪ، دل ۾ دردلن جي.

Gul Hayat Institute

(20)

مصحف پاڪ چوان، مُنهنڙو محبوبن جو،
آيتون منجهه عشق جون، مطالع ڪيان،
قاري اَچي ڪو پڙهي، هجي هيءَ روان،
حرف سڀ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪينڪي.

(21)

گوندر گُهمي جي لهان، تان سڪ سوين ساڙيان،
آءُ پڻ ڪيئن پاڙيان، ڏک سکن سان سرتيون.

(22)

اُتران اوري، ڪئي چمڪي چمڪات،
اُتان ڪيائين اوچتي، لس بيلي تي لات،
مندل ٿيا مڪران تي، گوڙن جا گڙ گات،
ڪڪرن متان ڪيچ جي، ڦڙڪي ڪاڏا ڦات.
وري ورتئون وات، "سچل" سائي سنڌ جي.

(23)

"سچل" سائي سنڌ جي، وري ورتئون وات،
جهڙ ڦڙ جهلي آئي، جهٽڪو ڏيئي جهات،
وسي پيا وڏڦڙا، گهيڙ پُسائي گهات،
لاٿي اَج اُسات، سارنگ سنگهارن جي.

(24)

سارنگ ساري رات، رڻن مٿي ريج ڪيا،
پکن پرڙا سوئيا، پرهه ڦٽي پريات،
پٽن تي پڌرا ٿيا، گل ڦل پاتون پات،
وائي سڀ ڪنهن وات، "سچل" سارنگ سات جي.

(25)

وات ڪري وائي، اَچ پڻ ڪانگ قريب جو،
ڪي جو چيائين چنهب سان، تنهنجي لڇ ڏاڍي لائي،
اَندر ڪي آئي، چڻ چر چيري سنڌڙي.

Gul Hayat Institute

(26)

سُرَ سنواريو سرَ کي، سرَ سنواريو سُرُ،
جو آهي سورٺ وَرُ، سو ڏيڻ کان ڪتي ڏري.

(27)

يانَ ويهي پنئيءَ، تو تندڙي تنواري،
ماري وري منگتا، تو جندڙي جياري،
گهر تي ڏيان ڏوليون، موتن مهاري،
پرهه جُو تو پريم جي، آءِ پڪڙي پياري،
مافا وٺ هي موتئين، جڙاءِ جواهري،
سلطنت ساري، سالڪ تو صدقي ڪريان.

(28)

آهيان سوالي سر جو، گهوٽ نه گهرجي راڄ،
مگتو نا محتاج، ماڻڪ موتي مال جو.

(29)

سورٺ مٿان مگتي، گهوران تي گهوري،
رپا سون سبيل وٺ، تارازيءَ توري،
مٿو وچ نه منگتا، محبوبن موري،
لائق نه هڪ توري، سورٺ تنهنجي سپرين.

(30)

وهين وهل ليپون، تي پيٽ پاريا تن پانهنجا،
ڏنيون ڏٺ ڏپ جون، تي جهبيرين جهپيون،
ڪڪيءَ خاطر ڏبيريون، ڏنڻ منجهه ڏپيون،
جي ڪائن پبڻ پپيون، سي چوريءَ تي چريون ٿيون.

(31)

هين لگين ليڙيون، مُنهن نه موچاريون،
سي تو چام وهاري وٽ پر، ڪري ملاحن ميڙيون،
تو پڳيون جوڙائي ڏي، ڀڳڻ تن بيڙيون،

Gul Hayat Institute

ونن ماڻڪ موتئين، تنهن ڪئون جهپيون ۽ جهيڙيون،
توڙي آهڙيون اويڙيون، تہ پي سمي چام سُهاڻيون.

(32)

پارس لڳي سون ٿيون، لوهاڻيون لوريون،
جهل جهڳن کي ڪانہ ڪا، وريون ۽ ويريون،
محلين رهن مير جي، سُهاڻيون ميريون،
سمي ڏنا سهاڳ کي، سهج ۽ سيريون،
ڪوجهين مان سهڻيون ٿيون، جهٽ پٽ جهپيريون،
تماچي تيريون، ڪينجهر جون ڪِنيون ڪٽي.

(33)

لانگو ٿيون لاشيون، هيون وهہ وهل جي وچ ۾،
سي پلئہ لڳي پوءِ چام جي، ٿيون خوراڪين خاشيون،
لعلن ياقوتن جون، وٽن ڪينهن ڪماشيون،
جن پاسا هريل پن تي، تن فراشين فراشيون،
تا پي تماچيءَ کي، ڪن طرحين تلاشيون،
روءِ هيون راشيون، پر سمي چام سهاڻيون.

(34)

سُهاڻي جي من ۾، نہ هو گيرب گاءُ،
نيڻن سان ناز ڪري، ريجهايئين راءُ،
سمو سيني ڪانءُ، وٺي ويٺي پاڻ سان.

(35)

ڪيچئون آچي قافلو، مون وٽ ٿيو مهمان،
"سچل" ساري سات جو، مون آرياڻي اڳوان،
مولي مهربان، نڌر نسائيءَ سي ٿيو.

(36)

گولئيس گڏينداس، پورهئي ڪارڻ پاڻ کي،
پنهنجي تان پرينءَ کي، 'سائين' سڏينداس،
ڪنهن ڇن نہ ڇڏينداس، ههڙن هوتياڻن کي.

Gul Hayat Institute

(37)

پورهيت چام پنهونءَ جي، اَصل ڪئون آئين،
تون گولن سندي گولڙي، هو سنڌ ۽ تيا سائين،
ڪاپو ڪمائين، ڪُلو ساري ڪيچ جو.

(38)

ڊوليا تو لئه ڏٺ ۾، آءُ وتان ويڳاڻي،
راتيو ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاڻي،
لٽا مون ليڙيون تيا، هيءَ پوتي پراڻي،
ته به راڻي جي راڻي، سرتيون سڌن ساٿيهه ۾.

(39)

ڳئون چاريندس ڳوٺ جون، ڪاڻ ڪنين جي ڪاڻ،
اها روح رهاڻ، من پيي ميلي محب سان.

(40)

ريجهي روح رانجهي سان، ڪيڙو ڪپڙ تال،
وڏؤن وجهي وچ ۾، جوڄڪ ڏسي چنڊال،
مادر مهٽا جڄها، جهيڙي جهنگ سيال،
منو مون مهوال، مون ڪان مور نه وسري.

(41)

جوڳي آيو جُوءِ ۾، مرڪٽو مٹدار،
مرليءَ مستانا ڪيا، جنهن جي لک هزار،
ڪاريهر ڪردار، نيلا نات نوائيا.

Gul Hayat Institute

(42)

ور وتا ويڙهيچن جا، اهي موتئين مالهڙيون،
راس نه اَچن روح ڪي، تالهه ۾ تالهڙيون،
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون،
جو فخر ڦوڪي سنديون ڪن دانهَه دالڙيون،
ورسي لويون لاک جون، بن شال ۾ شالڙيون،

اَنئي پهر آهن اکيون، منهنجيون عمر آلڙيون،
ڪامل تنهنجي ڪوٽ ۾، وجهان ملڪين ڦالڙيون،
شال سڱندو سو ڏٺي، مون نذر نالڙيون،
وجي ڳُجهيون ڳالهڙيون، ڪندس سرتين ساڻ ساٿيهه ۾.

(43)

هت ڏين مارو ڏاج ۾، چاٽي چارڙيون،
پيون آهن سڀ ڪي، اهي ويڙهيون وارڙيون،
سي چوندڻ بيون پرهه جون، نائي ڏارڙيون،
وجهن گوندن سنديون، ڳچيءَ ڳارڙيون،
پوءِ ڪنيو ڪارڙيون، وڃن لوئڙ ياريون لوءِ ڏي.

(44)

عمر اُچا ڪپڙا ڪاٽياريون ڪن ڪيئن،
جهڙي آيس جيئن، شل تهڙي مارن ڏي وڃان.

(45)

ڪچو سچو ڪين تي، توڙي اُچي رنگ،
سچي سندي سنگ، ڪچا سچا تي ويا.

(46)

هٽي هٽي هيج تي، هت تيس هيٺا،
سپاريائين "سچو" چوي، لاکي ڪي ليٺا،
بُڌنديءَ جا بيٺا، ساهڙ ڪيا سير ۾.

(47)

دلي سا هئي دل، دادليءَ دلبر جي،
انهيءَ ڏنس اوچتي، جل اندر اجل،
ڪل نه هوئي ڪنيار ڪي، ته خاڪيءَ منجهه خلل،
مٽيءَ جو محل، پُرزا پاٽيءَ ۾ ٿيو.

(48)

جي تون مارڳ تي مرين، وڏا طالع تو،
سانول ساڳي سو، متان تنو هت ڏي.

Gul Hayat Institute

(49)

آٿــي كــانگ ڏنيـــاس، كتـــابت قريـــب جـــي،
پـَـهو كتينـدي پـَـٽ پيـس، چوهـون تنـدُ چٽيـاس،
پيچـــون پيـــچ ٽيـــاس، روئنـــدي چولـــي چـِــڪَ ۾.

(50)

ســَـنيها جـــي ســچڻان، ســـيٓ ســاري ڏنـــائين،
اِئيـــن اُتـــائين، تـــ پـــاڻُ نـــ آٿـــج وچ ۾.

Gul Hayat Institute

حصو ٻيو

ڪافيون

(1)

هيڏي هوڏي نه نهار،

تنهنجي ويڙهي سو يار وسي ٿو.

1. سڄڻ سدا آهي تان تنهنجي،

پرين نه آهي ٻي پار.

2. قولهي لهج پاڻ مان،

ڇو ٿو وڃين وٽڪار.

3. "وفي انفسكم أفلا تبصرون"،

ويجهو ڪيم وسار.

4. پرين نه پڇ پنڌڙا،

تون "سچل" پاڻ سنيار.

(2)

يول نه ٻي ڪنهن يل،

تون ته آدم ناهين.

1. لکو تو لاتيون ڪرين، جيئن باغ اندر بُلبل.

2. مَلڪن تي سجدا ڪيا، واه مٿي تنهنجو مُل.

3. ڪير ٽپائي ڪير ڪُڏائي، شاه بنا دلدل.

4. احد منجهارئون اَحمد سڏايئه، هئين تا پاڻ اَصل.

5. "سچل" ڇوي سچ تي آئين، ڪونهي تنهنجو تل.

(3)

جيئن سج آهي پريشان،

سوئي ڳولي سج ڪي.

1. مڇلي جيئي آب سان، آب پڇي طغيان.

2. تارو پڇي نجم ڪي، موج پڇي مهراڻ.

Gul Hayat Institute

3. قـــڙي پڇـــي مينهـــن كـــي، شـــاه ڳولـــي ســـلطان.
4. هـــو مڙيئـــي پـــاڻ ٿيـــو، كيـــر تيـــا حيـــران.
5. "ســـچو" جـــي صفـــت ۾، اهـــو بـــاريءَ كيـــو بيـــان.

(4)

عاشـق ڏسـڻ ۾ آيـو، محبـوب گـل سناسـي،
عبـرت عجب عجـائب، اسـرار رنـگ عباسـي.

1. برهـــي جـــي اک ببينـــي، كـــائي مثـــال چينـــي،
تـوڙي رنگـون رنگينـي، چينـيءَ جـي مـِٽ نـہ كاسـي.
2. گـــل آب جـــاءِ جـــاتي، محبـــوب راز تـــاتي،
عاشـق ڏسـڻ كئـون كـاتي، رهنـدو پتنـگ پياسـي.
3. "صـورت" ۾ جـاءِ "دم" جـي، دم ريءَ نـہ صـورت كـم جـي،
دم ۾ جـا لـذت غـم جـي، وه واه ڳالهـہ خـاصي.
4. ابليـس جـي وڏائـي، هـر سـانس تـي سـوائي،
جيـوڻ تـہ دم پلائـي، نـہ تـہ تحـت نحـس ناسـي.
5. ثـابت "سـچل" سـچاري، يـارن جـي يـاد يـاري،
وحـدت جنيـن وسـاري، تـن تـن متـي اٽاسـي

(5)

پاڻ پنهون آءٌ آهيان، اَڙي پينر پلي ناهيان.

1. ٿيـون منكـر ڳالهـہ انهـيءَ كئـون،
چـوءُ تـڏهن بيـو چاهيـان.
2. كيـچ پنيـور پـي وسـنوَ اَسـانجي،
كهـڙي طـرف آءٌ كاهيـان.
3. هـر كـو چـوي تاسهسـين عاشـق،
نـانءُ پـاڻ ئـي تـون لاهيـان.
4. هـِت هـُت آهـي صـورت منهنجـي،
ناهـہ نـہ كـو بيـو ناهيـان.
5. پنهنجـو پـاڻ ئـي سـان يـار،
"سچو" ڙي، نينهن اهوئي لايان.

Gul Hayat Institute

(6)

محبـــوب ڳولهـــي ڏس مــــن ۾،
مـــن ۾ اتئـــي ســـو تـــن ۾.

1. واهـــ كاريـــگر ســـاز بنـــايئي،
"كُـن فكيون" جـي كـن ۾.

2. بـــي فـــائدو بـــازار گهميـــن تـــو،
گـــل ڦـــل بـــاغ بـــدن ۾.

3. چـــوريءَ چـــوريءَ ســـير كريـــن ٿـــو،
تنهنجـــو چاهـــ چمـــن ۾.

4. "سـچل" سـائين صحـي كـري ڄـاتم،
يـــار گـــڏيو كـــك پـــن ۾.

(7)

چوُ ميان عشقا كيئن، تون سوين سيل بنـائين ٿـو!
يا تـون آهيـن ذات ديوانو، جو كيڏا ناهـ ناهين ٿـو.

1. كـــاٿئين مـــُـــلا قـــاضي تـــون،
كـاٿئين سيد سڏائين ٿـو.

2. كـــاٿئين مـــغ برهمـــڻ تـــون،
كـاٿئين بـانگ ٻڌائيـن ٿـو.

3. كـــاٿئين مـــُـــنهن ۾ محـــراب،
كـاٿئين تلـك لائيـن ٿـو.

4. كـــاٿئين تســـبيحان تـــون ســـورين،
كـاٿئين ٻـٽيـان پـائين ٿـو.

5. كـــاٿئين پيريـــن آهيـــن پيـــادو،
كـاٿئين بـور بـَـچائين ٿـو.

6. كـــاٿئين منبـــر واعظـــي،
كـاٿئين پوٿيـون پڙهائين ٿـو.

Gul Hayat Institute

7. ڪاتئين زربفت قبائون،
ڪاتئين ليڙان لڙڪائين تو.

8. ڪاتئين ڏيئي شرعي فتويٰ،
ڪاتئين منصور مارائين تو.

9. ڪاتئين هنومانُ ڪونائين،
ڪاتئين ڏهيسر ڏسائين تو.

10. ڪاتئين ٿئين رام يا سيتا،
ڪاتئين لڇمڻ لڪائين تو.

11. ڪاتئين نمرود ابراهيم تي،
ڪيئي بيڪ بنائين تو.

12. ڪاتئين تي فرعون يا موسيٰ،
سڀ صورت ۾ سمائين تو.

13. ڪاتئين تي بادشاهه ملڪ جو،
سارو ديس دَٻائين تو.

14. ڪاتئين ٿئين غرض گدا گر،
ڪاتئين توليون ٽڪائين تو.

15. ڪاتئين مفتي تون "خدائي"،
ڪاتئين 'أنا الحق' فرمائين تو.

(8)

حڪم تنهنجو تو هلي،
پر ڏوهه پاڻ ئي ڪي ڏيان!

1. آهي "فَعال لِمَا يُريدُ"،
نانءُ هيءُ ڪاڏي نيان؟

2. آهي "وَ بي يَنطق و بي يُبصر"،
تر نه توريءَ جيان.

3. جاڏهن آچي ظاهر ٿئين،
هل هيج مان تاڏي هيان.

Gul Hayat Institute

4. ”يرجــــع الِـــيٰ اَصلـــــهِ“.
سڄ مام هيءَ موهان ميـان.
5. گمنـــــام غمـــزي ۾ كريـــــن،
ساڳيو سچل سـوئي تيـان.

(9)

پـــُـــچو نـــ مـــُـــنهنجي ذات،
جوئـــي آهيـــان سـوئي آهيـــان.
1. اَڄـــڻ اَســانجو تيـــو اتـــاهين، جـــاتي ڏينهـــن نـــ رات.
2. ظـاهر آهي زبـانئون منهنجـي، ”الاقـرب“ سـندي كلمـات.
3. ”سـچل“ سر سـهي كيـو پنهنجو، عشـق منجهـان عشـقات.

(10)

بيو كو جاڻڻ محض گناه، هر كنهن صورت آپ الله.
1. كتـــي گـــدا گدائـــي والا، كتـــي شاهنشــــاه.
2. دونهـــان ڏيـــك متـــان كـــو پولـــي، اولـــي ابـــر مـــاه.
3. ”ونفخـت فيـــه مـــن روحـــي“ آهـــي، سـهي كـر سـاه.
4. خلـــق الاشـــياءَ فهـــو عينهـــا، اهـــو قـــول گـــواه.
5. صـورت، منجهـ ”سـچل“ جـي، پولـي پـاڻ ئـي بيپـرواه.

(11)

دم دم جا ديدار، وو، اَپر اَسانجي نار تي.
1. بگـــــا ڏانـــــد پڌائــــون بيئـــــي،
تـــن جـــي ڳالهــــ كريــان آءٌ كيهـــي،
وهــــــــــــــن ذارو ذار،
ڳـــاڏيءَ جـــي ڳنكـــار تـــي.
2. پـــاروني هكـــڙي، چكريـــون بيئـــي،
ارا انهـــــن جـــــا آهـــــن اهيئــــي،
وهـــن بـــــارو بـــار، وو،
لـــث واري للكـــار تـــي.

Gul Hayat Institute

3. ڦرھيون ونگڙيون، آھن اوياريون،
اڙيون سونهن مال موچاريون،
جھلڻ جا جھلڪار، وو،
لوڻن واري ڏڏڪار تي.

4. ڍيڍي چونڪ جوئر جا نسري،
ڳنا تنهن جا ماکي مصري،
ڪيرن جا ٻه خمار، وو،
آھن پيهي واري پونجار تي.

5. ڪانگ ڪانگيرو، وھين واھيرو،
ڪبرن ڳيرن ڪيو اچي گھيرو،
ڳوڙھن جا وسڪار، وو،
جھرڪن جي جنسار تي.

6. آيو نيسر پڙج ۾ پاٽي،
مرشد اچي تيڙم ساٽي،
سا جوئر پچايم جار، وو،
آھن ڪم "سچل" جا ڪلتار تي.

(12)

نه مان مريد نه مان پير،
ساري فقر جو فقير.

1. نه مان حاڪم، نه مان ظالم،
آھيان اُمت جو اَمير.

2. نه مان طاعت، نه مان تقويٰ،
آھيان وره جو وزير.

3. نه مان گھمڻ، نه مان گھتڻ،
آھيان عشق جو اَسير.

4. نه مان ڪُڇڻ، نه مان پُڇڻ،
آھيان دوست لئيءِ دلگير.

5. "سچو" ٻڌو محڪم سر تي،
محبت جو منديو.

Gul Hayat Institute

(13)

اسين آهيون! ڇا اَسين آهيون؟
بيلي، نہ تا ڇاڻون، ڇا اَسين آهيون.

1. ذري بـاران برسـاتيون لايـون،
ذري ڀرن ٿيون وڏيون بـاهيون.

2. ذري پڙهون تـا نمـازان روزا،
ذري لوچَ متـي تون لاهيون.

3. ذري چئون تـا "آهيون" "اَسين ئـي"،
ذري چئون تـا "اَصل نـاهيون".

4. ذري آرام آهـي مـن دل کـي،
ذري وهـايون نيٽئـون واهيون.

5. ذري چئون تـا "اَسان پاڻ سـچاتو"،
ذري چئو تـا "اَسين ڇـاهيون".

6. "سـچو" اَصلئـون سـوئي آهيـن،
ٿاهـ هتـي ٻيو کيهو نـاهين.

(14)

مـون ۾ عيـب اَپـار،
سـچڻ تنهنجـي ٻـانهڙي آهيـان!

1. ٻـانهن جـي آءُ ٻـانهي آهيـان،
سـاري سـپ جمـار.

2. هئـان هميشـہ هـوت سـان،
شـال نـہ ٿيـان ڌار.

3. هـيءُ سـر صدقـي تـو تئـون،
سـِسي سـاڻ کپـار.

4. اوجـڻ کنديـس اکيـون،
پٽـر کنديـس وار.

5. سـاه "سـچو" جو سـوگهو کيـڙو،
رکـي يـاراڻو يـار.

Gul Hayat Institute

(15)

ماٙن پرينءَ پهچائي، هي نياپو کو نيئي!

1. ڳِـــچيءَ پـــائي ڪپــڙو، پاڇيـــاٽيءَ پرچـــائي،
حـــال ڏســـي وڃ هيئـــي.

2. پريــن ڏسج پــاڻ ڏي، چــت نــہ وڃ مـون تــان چـائي،
يـــار اســـان ڪـــان پيئـــي.

3. الله ڪـــارڻ آءُ تــون ســائين، ٻـــانهي تــي ٻـــاڏائي،
بخـــش اســـان ڪـــي پيئـــي.

4. اوهـــان ٻـاجهون سپرين، وينـي سـو ورهـہ وســائي،
ڪـــانگ اُڏائـــي ڪيئـــي.

5. در اوهان جي دلبر سائين، "سچو" تو سـگ سڏائي،
ٻـــَـــڌي ٻـــانهون پيئـــي.

(16)

حـُـج قتــي ڪيـــم هـــاٽي، مـــاريس تنهنجي مـــاٽي،
الله ڇـــاٽي.

1. تنهـن ڏينهـن لاڪـون يار اوهان سان، لايـو نينهـن هـن نمـاٽي،
الله ڇـــاٽي.

2. وينـــي ڏســـان واٽ اوهـــان جـــي، آءُ پــــُـــلي هـــن پـــاٽي،
الله ڇـــاٽي.

3. جيهـــي تيهـــي آهيـان اوهـان جي، ســائين تــون پــاڻ ســجاٽي،
الله ڇـــاٽي.

4. راتيـــان ڏينهـــان يـــار ســچڻ ميـــان، تـــن توئـــي ڏي تـــاٽي،
الله ڇـــاٽي.

5. ڏوڙا طـــالع تيـــن "ســـچوءَ" جـــا، الله جـــي تـــو ڪـــي آٽـــي،
الله ڇـــاٽي.

Gul Hayat Institute

(17)

حال اچي ڏس هاڻي، وهي تو پنبڻيئون پاڻي،
پاڻ ڇاڻين!

1. آءٌ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، سائين تون پاڻُ سڃاڻين،
پاڻ ڇاڻين!

2. سُڌِ لهج تون سگهڙي تنهن جي، جاني ڪيوَ جوڳياڻي،
پاڻ ڇاڻين!

3. ڏيئي ڏيکاري پاڻ ڇپايوَ، پلي اها تو ڪي ڀاڻي،
پاڻ ڇاڻين!

4. روز ازل کون در تنهنجي تي، والي سان هيءَ وڪاڻي،
پاڻ ڇاڻين!

5. سيني اندر يار "سچوءَ" جي، سڪ سنڌءَ ساماڻي،
پاڻ ڇاڻين!

(18)

هاري سو پساتئي هارُ،
تا آءٌ ڇام چنيسر آوڙان!

1. جنهن دوست ڪسايو دم ۾، سٺ اهو سينگار.
2. هٿئون پئي تنهنجي آهي، روئين ڇو زارو زار.
3. داڻو هيڙو درد جو، جنهن ڪيو بهشتئون بيزار.
4. ڏوهه تہ تنهنجو ڪونہ هو، پر نينهن ڪيو نروار.
5. پلنگئون پئينءَ پٽ تي، ڪري گوندر گفتار.
6. "سچو" سهي جَي ڪرين، هي هو عشق جو اسرار.

(19)

منهنجو سوڊل سارئي ساهہ، وو،
راڻا رسامن سان مارئي!

1. ويني ڪڙهان ڪاڪ تي، آئيندوءِ الله.
2. هن مُئيءَ جو مينڌرا، تو کي ڪيهو پرواهہ.
3. سندو اچڻ تانهنجي، روز نهاريان راهہ.

Gul Hayat Institute

4. گهڙي اوهان جي تي گهران، چت اوهان جو چاهه.
5. مهر مٺو ناهه ڪو، جيڪس منهنجو بخت سياهه.
6. ڪوڏئون قرباني ڪري، ”سچو“ ساهه پساهه.

(20)

جو اڱڻ پيهي اڄ آيو، سو سامي مون تا صحيح سڃاتو!

1. بيراڳيءَ جو بيک ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو!
2. سر جهٽائون جوڳين واريون، تنهن لڳين بسمو لڳايو.
3. مرليءَ مست آواز انهيءَ جي، منهنجو روح ريجهايو.
4. رانجهو تخت هزاري وارو، موليٰ آڻي ملايو.
5. عطر عنبير انهيءَ جي ڪارڻ، مون تان مُشڪ ملايو.
6. پياري هي سر پاڻون چاڻي، ”سچوءَ“ ڪي سمجهايو.

(21)

ساريان آءُ تا لوءِ پنهنجي جون لويون،
عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر، ميان!

1. هت ويڙهيچا، وو، وينا ورهائن ڏيهاڙيون،
سي ڏونرن سنديون ڏويون.
2. سنگهارن ڏي سوز سنيها،
آءُ تي روز مجان رويون.
3. ڪنديون ڪوڪڙ سنديون، ميان،
ڳچيءَ پائن تا، هت پيڪا پويون.
4. صبح سانجهيءَ ڪڻ خوشيءَ سان،
اهي سي تا آب پريون اويون.
5. پاندين پائن پسيون، ساڳن سگر سنگهار،
”سچو“ سي سويون.

Gul Hayat Institute

(22)

لڙ وهي لوهاڻو، يار، وي!

1. سا ڪيئن ترسي تار ۾، جيءَ جنهين جهوراڻو.
2. ڪاهيو پوري ڪُنن ۾، ڏنس عشق اوراڻو.

3. ساهڙ ڀاڄهون ساهه کي، ڪيو ورهه ويڳاٽو.
4. سانول سدا آهه مون، اوهين سيئي تيون ڇاٽو.
5. ڀُڄندو اَڄي ڀاٽهين، ”سچل“ يار سياٽو.

(23)

آئين هلي هـِن جاءِ، هڪ ساعت ڪارڻ سانگيڙا.

1. ڪا گهڙي نيباهه نه ڇاٽج، ڀيڄُ نه تنهن سان ڀاءِ.
2. ”اَلدنيا ساعتہٗ“، اهو نُڪتو دل سان لاءِ.
3. جا ڏنهن آئين تون، وڃارا، وري وڃڻ اوڏنهين آءِ.
4. دنيا ۾ دَمَ ڪيئي گذاريئي، ”سچو“ سچڻ جي سباءِ.

(24)

منجهئون نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندءِ ڪل نه سندي الله.

1. باطن ۾ تون پانهنجي، ناميا وجهہُ نگاهه.
2. رِيءَ پروڙڻ پانهنجي، ٻي راست نه آهي راهه.
3. غير نه يانئج پاڻ کي، دُوئيءَ ۾ داناهه.
4. هادي حقِ الحق تا، مون کي اها ڪئي آگاهه.
5. حقيقتان حال جون، ڇئي ڪيم اداهه.
6. تارڪ ٿيءُ، پَوءُ توحيد جي، دانهه! منجهه درياهه.
7. ڇئنين قبلئون ڇُورُ تي، سر، شاهي رک ڪلاهه.
8. ”سچو“ سچي ڳالهڙي، سلڻُ ناهي صلاح.

(25)

حُسن تنهنجو تو اڇي، طرحئون طرح ڏيکار ۾،
هڪُ هئين، آئين وري، ڪنهن شوق مئون شمار ۾.

1. ڏورئون انهيءَ دم ڏور ٿيا، واقف پيا ويچار ۾،
حاصل نه تن، جي ئي پيا، آهن سندي انڪار ۾.
2. محروم ٿئين، منهن جي وجهين، هن تن سندي طومار ۾،
جي تو چوين، آءٌ شاهه ٿيان، گر تي يڪايڪ يار ۾.
3. رک هوش، تا مدهوش ٿي، غمزو اَٽئي گفتار ۾،
ساري پوئي سدَ تا صحيح، جي رخ رکين رفتار ۾.

Gul Hayat Institute

4. پوءِ تا پيچ هيءَ ڳالهڙي، اول اڇج اعتبار ۾،
قابل هئين کر پانهنجي، صورت صحيح سنسار ۾.
5. کر گوش تون در گوش جي، ديدان رکين ديدار ۾،
آهي "سچوءَ" تي نام جو، ناهي بيو نروار ۾.

(26)

مرد ٿي منصورُ چوءِ، نہ تہ کيمَ چوءِ منصورُ آن.

1. منصور جي منزل اُتي، ڏاڍا تماچا تهمتان،
سگهہ نہ جي ساري سگهين، منهن رکين تهن ڏي متان.
2. چو چوکراٽيءَ ۾ پئي، رانديون روين راتيان ڏيهان،
احوال سڀ اسرار جو، عشق کيي آهي عيان.
3. نڙکو نڱيءَ جي ناهہ جو، ناحق کرين تو ناتوان،
هُن کي چيو هن کي چوين، آهيان لاهوتي لاطمعان.
4. منصور جي تنهن ملک تي، آهن سدا نکتا نوان،
سڻ "سچو" تون سمجهہ رکُ، تو کي چڱائي تو چوان.

(27)

هُتئون هوت هلي وي عاشق، دوست دلاسو ڏيندو.

1. وِجهج کر کريم تي، بي ٻولهج کامَ ٻلي،
پاٽهي پُنيءَ تو ايندو.
2. پَکا پکن سامهان، تنهنجي ماڳ ملي،
اوڏا آٽي آڏيندو.
3. اڇڻ سندي اُن جي، ويندو روحَ رَلي،
تورو توريانٽيءَ تيندو.
4. جا ڳجهي هوتن من ۾، سا ساتين ڳالهہ سَلي،
پُنهل پاڻ سان نيندو.
5. مهرَ پنهنجيءَ سان تو پرين، انهيءَ يَتِ يَلي،
وي "سچو" نانءَ سڏيندو.

Gul Hayat Institute

(28)

ميندرا آءُ ميان، هت وينٺي ڪانگ اُڏائيان.

1. تو سارينديَ سُپرين، هت سوڍا ساهه ڏيان.

2. راٺا! رتي راز جي، ڪا جا آهي هنيان.

3. ڪامل! ڪنديءَ ڪاڪ جي، آءُ جاني ڪئن جيان.

4. شال اوهان جو اڳتي، ”سچو“ نينهن نيان.

(29)

وهنيان وساريان ڪئن، جيڏيون جي لنو لائي ويا.

1. گهوري چڏيم هي گهر جايون، برهه بهيران پٺيءَ لايون،
پيرُ نه پوءِ واريان، سي سنياريان ڪئن.

2. شهر ڀنڀور ڪئون تيم آزادي، ڪيچ ويندي ڏنم شادي،
تنهن سان نينهن نياهيان، پوءِ نهاريان ڪئن.

3. ٿي پئي منهنجي دلڙي ديواني، محبت ڪيڙس آءُ مستاني،
در در ڦيريون پايان، هت گذاريان ڪئن.

4. پور پرين جي ڪئي پدرائي، اوڙي پاڙي وچُٽي وائي،
ڇا ڪي عشق ڇپايان، هاٺي گهر گهاريان ڪئن.

5. ڪيچيئڙن جي ڪم اچان جي، رنگ پرين جي رچان جي،
”سچو“ هي گڻ ڳايان وي، هيءَ سرُ واريان ڪئن.

(30)

اَسين ساڳي وو آهيون، عام چوي اِئين ناهي.

بُتخاني کون وو تيس بيزاري، ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون،
دين ايمان سان ڇاهي.

خاڪ انهيءَ تي وو شهه منصور جون، ڏين لڪ گواهيون،
پاڻ چڙهيو يار ڦاهي.

شاهه شرف جي وو سر تي سڏيون، سر اڙهيون سر واهيون،
عشق اوقات بيو آهي.

زارون زوري وو اَچن اَسان ڏي، برهه سنديون سي باهيون،
سچل آهي ڪڏهين ناهي.

(31)

مـوج مسـتيءَ جـي چڙهـي، وادي وحـدت جـي منجهـا،
كيـو پسـارو پيـل پـاڻي، جـوش مـون هـر جابجـا.
هن لهر ۾ جيكي لڙهيا، تـن كـي آهـي سار و سمـاءُ،
جـي سـُـكر جـي سير ويـا، تـن چيـو آءِ خـود خـدا.
هـاءِ هـن حـلاج جـان، كيئـي لعـل هـن لڙ ۾ لڙهيـا،
آر هـن آيـا اُهـي، جـي گهـوٽ هـن گهيـڙوُن گهڙيـا.
كـي ٽبـي ڏيئـي ڏسـو، پاتـار ۾ پيهـي ويـا،
كينكـي عاشـق اهـي، ٻهڳـڻ وري ٻـاهر پيـا.
غـرق ٿيـا غـازي، اُتـي كـن عـام بيـنا هـاءِ هـاءِ،
آءُ لڙهــي آيـس اتــي، جـت رتـي نـاهي ريـا.
دلـق كـي درياهـ، اُجلـن بهـادر بـي بهـا،
صاف ٿي نكتا "سچل، سي، صاف سالك جي هيا.

Gul Hayat Institute

حصو ٽيون

متفرق ڪلام

ڪبت

[ڏگهن بيتن کي ”ڪبت“ چيو ويندو آهي. هن قسم جي بيتن ۾ سٽن جو تمام گهڻو تعداد هوندو آهي، ۽ قافيو سڀني سٽن جي آخر ۾ ايندو آهي. سٽن جي گهڻي تعداد جي ڪري، ڪبت ۾ ڪو مضمون يا مسئلو تفصيل ۽ وضاحت سان سمجهائي سگهجي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو تصوف جا ڪي خاص مسئلا ۽ مذهبي ڳالهيون ڪبتن ۾ ئي تفصيل سان سمجهايون ويون آهن. مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ ٻين عالمن، مذهبي مسئلا ۽ ڳالهيون ڪبتن ۾ بيان ڪيون آهن. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ”حقيقت محمدي“ نهايت تفصيل ۽ وضاحت سان ڪبت ذريعي سمجهائي آهي. حضرت سچل سرمست توحيد خالص ۽ وحدت الوجود جو نظريو ”وحدت نامو“ جي عنوان سان هڪ ڏگهي ڪبت ۾ بيان ڪيو آهي. فقط اها ئي هڪ 176 مصرعن تي مشتمل ڪبت سندس رسالي ۾ موجود آهي، ۽ رسالي جي شروعات انهيءَ سان ٿئي ٿي. هن ۾ سچل سرمست پنهنجو نظريو ۽ پيغام نهايت پختن دليلن سان بيان ڪيو آهي. هن هيٺ انهيءَ ڏگهي بيت (ڪبت) مان ڪجهه مصرعون ڏنيون وڃن ٿيون:]

وحدت نامو

اول ساراهه ڪر سبحان جي، موليٰ جو ملڪن،
مڙيائي محفوظ ڪيا، ڏسو ڏيهه ڏٽين،
ڪي ڪامل ڪرسيءَ تي چڙهي، وهه وهه وعظ ڪن،
ڪي ڪاتب ڪتابن جا، سوين سبق ڏين،
ڪي مسئلا مسائل ڪيون، ناميان نبيرن،
ڪي پڙهيا پاڙ پروجهه سان، پڙهيون پڙهائين،
ڪي وردن وظيفن ۾، شاغل روز رهن،
ڏسيون وائسيون ورق ڪي، وريون ورائين،
سڪ سچيءَ ڪون ڪنهن ڪو، سبق سور سکن.

*　*　*

Gul Hayat Institute

اُهي رهيا اتهين، متي ڪين چڙهن،
ڪيئي آهن قال ۾، باتيون بَس نہ ڪن،
ڪي وجي رسيا حال کي، ڪي بينا ٻاڏائين،
ڪي لنگهي هليا حال ڪئون، نڪي قال ڪهن،
ڪي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هڄن،
"طالب الدنيا مؤنث"، محبت ناهي تن،
ڪي ڪوڏيا عقبيٰ جا تيا، هنيا ليءِ حورن،
"طالب العقبيٰ مخنث"، مڙس نہ سي چئجن،
عاشق جي الله جا، سي سائينءَ سيبائين،
"لا موجود الا الله"، حاضر ڪيون وتن،
"طالب المولىٰ مذڪر"، هن رسايا رمزن،
ٻئي جهان ڦٽا ڪيو، تا تئين جهان وڃن،
اصلئون ئي اختيار ڪيو، فقر فقيرن،
"الفقر خزينة من خزائن الله" بعضن کي بخشن،
"الفقير لا يحتاج الي الله" ٻيون ڏنائون ٻن،
"الفقر فخري والفقر مني"، ائين اُتو عجيبن،
وتن ويڳاڻا ورهہ ۾، نيٺين ننڊ نہ ڪن،
راتو ڏينهان روح ۾، چپ نہ ڪو چورين،
"من عرف ربہٗ ڪل لسانہ"، ٻڌي زبان انهن،
نشي تن کي "نانهہ" ڪيو، مورئون "مان" نہ چون،
"قل ڪُل من عندالله"، اهو ڪيائون ڪن،
"والقدر خيره وشرهٗ من الله تعاليٰ،" سي اوڏانهون چاڻن،
موليٰ جي محبت ۾ ڪيا تيا وتن،
سڏڪا سيئي سوز جا، پنينءَ رات پرن،
آديسي ارمانَ ۾، گهوماتيا گهمن،
ڪين رئڻ ڪئون ان جيون، اڪيون اوڪارن.

* * *

Gul Hayat Institute

نِهائينءَ کئون نيهنڙو، سکيو ساميئڙن،
مچ مچايو من ۾، پاڦ نه ٻهر وجهن،
عاشق متئون آگ جي، اولارا ڏين.

* * *

کَن سر صدقي دوست تئون، ٻيا پَهَه کين پچن،
نينهن نهوڙيا نڪٽيان، جنهن پر ڪاپڙين،
هٿي درد دهيون کيا، سندي سپيرين،
ڪڏهن اڇا ڪپڙا، ڊار نه ڪنهن ڍڪن،
منهن ميرا متي تيرا، اهڙيون طرحان تن،
ڪائي تن جي ڪانڪا، جڙي ليڙ لڳن،
متين پيرين برهنه، ايڏو سور سهن،
پرتيو پروانن جان، ڪاهيو تت پون،
ييڙ باهه عشق جي، سپورن سڙن،
ڪامي لهسي لوسجي، لائق لعل تين،
آوڙي عام نه ان کي، جي سينڌائي سڄڻ،
اچو پون آڙاهه ۾، سر جو سانگ نه ڪن،
ڊِڄو ڪنهن جس جهوپڙا، آڏا کين اڏن،
اوڏنهن وِٽ متان پوي، گهنگهر اي گهارن،
رِيءَ پريان تن کي ٻيون، ڳالهيون ڪسُ لڳن،
ڏاڍا ڦٽ فراق جا، تن جي چت چاڪن،
ورهه وڍي واڍوڙ کيا، رويو رت رئن،
"مو تواقبل ان تموتوا"، ائين منُ مارن،
اهي مرڻ کئون اڳي مئا، "مان" کي کين مڃن،
دشمن دوست هڪ کيون، گودڙيا گڏجن،
ان جي اکين اَگر ستيا، بوندان بس نه ڪن،
سر ڏيو سنوپرا، وَتيَ ورِهه وتن.

* * *

Gul Hayat Institute

واديءَ ۾ وحدت جي، دانهَن پير ڏرن،
”تون - مان“ وجي وچ مون، تہ ڪي پاڻ پسن،
شڪ يقين اتي ويو، برابر چون،
هادي مريد هڪ ٿيو، تفاوت نہ ڪن،
عابد ۽ معبود سو، هڪ نگاهہ پسن،
پاڻ پڙهني پاڻ ڀي، پاڻ ئي سجدو ڪن،

* * *

بازيون بازيگر ڏسي، انهيءَ پٽ پلن،
تان اکيون، ڪن، زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن،
اسين آهيون آدمي، بيحد مون بشرن،
نا تہ مڙيو ئي پاڻ ٿيو، سميع بصير ڏسن،
عين عليم ڪليم ٿيو، قادر قدرتن،
هي مڙيو ئي وصفان، اندر آدمن،
هي مڙيو ئي حق ٿيو، ٻيا باقي ڇا ٻچن،
وصفن ايئن ساڻ، اصل آدمي ڏن،
هِت آدم مون الله ٿيو، ٻيا سڀ شڪ پچن.

Gul Hayat Institute

مسلسل دوها

["دوهو" هندي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي، جيڪو ٻن سٽن تي مشتمل هوندو آهي، ۽ قافيو ٻنهي سٽن جي آخر ۾ هوندو آهي. سنڌي شاعرن بہ اهڙي قسم جا بيت چيا آهن. سچل سرمست جي رسالي ۾ دوها جي سڏا سان وابستہ هڪ نئون تجربو ملي ٿو، جيڪو ٻي ڪنهن بہ سنڌي شاعر وٽ نظر نہ ٿو اچي. ڪنهن خاص مضمون کي سمجهائڻ ۽ بيان ڪرڻ لاءِ مسلسل دوها ڏنا ويا آهن. هر دوهي ۾ جدا جدا قافيو آهي، پر مضمون ۾ تسلسل آهي. دوهن جي سلسلي جي شروع ۾ هڪ منظوم مصرع آهي، جيڪا دوهن سان قافيہ جي لحاظ کان ڪو تعلق نہ ٿي رکي، پر مضمون جي لحاظ کان ان ۾ دوهن جي مضمون جو چڻ عنوان بيان ڪيل آهي. اهڙي قسم جي شاعريءَ جي صنف حضرت سچل سرمست کان اڳ ڪنهن بہ سنڌي شاعر وٽ نظر نہ ٿي اچي، ۽ نہ پوءِ ئي ڪنهن شاعر ان جي تتبع ڪئي آهي. انهيءَ ڪري اها انوکي صنف حضرت سچل سرمست جي ايجاد چئي سگهجي ٿي. "دوهي" جي سڏا جي نسبت جي ڪري ان کي "مسلسل دوها" نالو ڏنو وڃي ٿو. هن کي ڪافي جو هڪ قسم بہ چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو ڪافي وانگر هي نظر ڳائي سگهجي ٿو.]

هدايت

هادي ويڙهي آيو، هاڻي سائين هيئن سمجهايو.

والي ويڙهي آيو.

1. "ڪڏهن تيو ڪونہ ڪو، عاشقن آرام، ميان،
راتو ڏينهان تن اتي، محبت جو ماتام، ميان."
2. "خاڪئون هلج خاص تي، ڪر پاڻيءَ ڪون پرواز، ميان،
چيڙيءَ چنو ماريئي، تي شاهين ۽ شهباز، ميان."
3. "جيڪو اصل آهي، تيو هاڻي سو سلطان، ميان،
گهوڙي چڙهندڙ گر تيو، پيو گهوڙي ۾ جولان، ميان."
4. "گرد، ڳجهو ڪيو طالبو، اهو گهوڙي جو هسوار، ميان،
گهوڙي وارو گر تيو، اپريو گرد غبار، ميان."
5. آيو بحر جوش ۾، تڏهن موج پئي ٻاهار، ميان،
هيءِ هيءِ آيو ناءَ ۾، تيو ساوڻ جو سينگار، ميان."
6. "لڙ منجهون تيو اچوڪارو، اصل سو درياه، ميان،
بيحد رنگ گهڻا تيا ظاهر، هر ڪو تيو گمراه، ميان."

Gul Hayat Institute

7. "سانوڻ لتو، هڪ تي، تڏهن پاٽي موٽيو پوءِ، ميان،
ڪارو اڇو لڙ تيو، اهو سارو سامونڊوءِ، ميان."
8. "ناءَ لهي ويا ٻاهريان، اهو باقي رهيو نام، ميان،
ڪُوران، ڪَسيان، واهڙان، هت ڪلي تيا گمنام، ميان."
9. "هت سپيئي درياه تيو، بيا ڪوڙا لتا ناءَ، ميان،
اول آخر هڪ تيو، ويا وڃائون گُناءَ، ميان."
10. "اصل جيڪي هوس آءٌ، آهيان هت پي سو، ميان،
آخر تيندس وڃي اُهوئي، هڏ آهيان ڪونہ بيو، ميان."
11. "اکيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ، ميان،
"پوي نظر جت تانهنجي، تت پنهنجو چشم چاڻ، ميان."
12. اکيون اکڙين ۾ رکين، تان هت هُت تون هين آنءُ، ميان،
جي تون خبر اکين جي لهين، تان تون نرالي نانءُ، ميان.
13. اکين مئون معلوم ٿئي، اهو صورت جو سينگار، ميان،
"سچو" سارو سچ تيو، پيو ناهي تفاوت وار، ميان.

ڪير آهيان

شيءِ آهيان ڪاڪيون ڪير، جا سمجهي نہ ڄاڻان!
1. بعضي پايان پتلي، يا آهيان گڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٽ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور.
2. يا تہ محل آهيان، جنهن ۾ شهنشاهہ،
بوليون ڪري ڪيتريون، تو درنئون داناهہ.
3. يا تہ گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار،
يا تہ موج درياه جي، جا ٻوڙي تي ٻاهار.
4. يا تہ مهنديءَ گل تا آهيون، جنهن اندر لالائي،
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن ۾ سرهائي.
5. يا تہ چشمو آهيان، جو ابر پريو آب،
تنهن ۾ سايو سج جو، يا پاڇوئي مهتاب.
6. يا تہ پاڇوئي حق جو، آءٌ اصل ڪون آهيان،
جنهن ۾ ڳالهہ ناهہ تا، سو پي تا ناهيان.
7. ڳالهہ "سچوءَ" تا سمجهي، ڪون هاديءَ اهائي،
تا غير خدا جو ناهين، آهين صاحب سدائي.

ڪلام

[حضرت سچل سرمست جي رسالي ۾ ڪافين سان گڏ، ڪافين کان ڪجهه مختلف سِٽا وارو شعر بہ ملي ٿو، جنهن کي ڪافي بدران "ڪلام" سڏيو ويو آهي. انهن جي فني سِٽا مسلسل دوهن سان ملندڙ آهي، پر جيئن تہ انهن جي مصرعن جو وزن لچڪدار ۽ اينگهہ وارو آهي، انهيءَ ڪري انهن کي بيتن بدران ڪافين جي دفعي ۾ شمار ڪيو ويو آهي، ۽ ڪافين جي طرز تي ڳائي سگهجن ٿيون. انهن ۾ شروع ۾ ٿل وانگر هڪ مصرع ٿئي ٿي، ۽ پوءِ دوهي وانگر ٻن ٻن سٽن جو بند ٿئي ٿو. هر بند جي ٻنهي سٽن جي پوئتان قافيو اچي ٿو، ۽ ٻنهي سٽن جي وچ تي بہ قافيو اچي ٿو. يعني هر بند جي ٻن سٽن ۾ چار قافيا ٿين ٿا. هر بند جو پنهنجو قافيو آهي. ان جو نہ ٿلَ سان قافيہ جي لحاظ کان ڪو تعلق نہ آهي، ۽ نہ ٻين بندن سان قافيہ جي لحاظ کان ڪو لاڳاپو آهي].

(1)

تو ڪيئن اهي وسري ويا،
جن کي تو تي ڪارون ڪيون؟

1. پانديءَ پرينءَ جي پار ڏنهن،
آندي خبر اها يار ڏنهن،
آيو اصل اسرار ڏنهن،
دوسن سندي دربار ڏنهن.

2. ڪيئن تون پئين ٻيءَ ڳالهہ ۾.
هي جيءُ وجهين جنجال ۾،
جئہ، آهين ڪهڙي خيال ۾؟
رهہ تون هميشہ حالَ ۾.

3. ڪانئن پاسي ڏينهڙا پيئہ،
سي ڳڻ سندن وسري ويئہ،
سچا سخن سانيڻ ٿيئہ،
سڏ ڪين ڪڏهن نا ڪيئہ.

Gul Hayat Institute

4. ڳالھيون سچڻ جون ياد ڪر،
دل ساڻ تي عاشق اپر،
تا تو اچي نازڪ نظر،
ھئي ھئي متان ٿئين بيخبر.

5. جيڪس فراق جي فال ھئي،
ڪا ڪين تنھنجي ڳالھ ھئي،
تو ڳنڌ جيئڻ جي جال ھئي،
اڄ تو نہ تن سنيال ھئي!

6. اِتي وساريئي ڪيئن ويھي،
جي ڏيھ ھئا تنھنجا ڏيھي،
تو ڪي آئي مصلحت ڪيئي؟
ھاڻ پاڻ ايندا اڄ پيھي.

7. "سچو" متان دلگير ٿئين،
اڄ پاڻ فرمايئون ائين،
طالب وجي تسَلا ڏئين،
معافي مَدايون ڪيون مئين!

(2)

وعدا اھي اڄ ياد پيا، مون سان قريبن جي ڪيا!

1. ڳالھيون ڳجھيون اھي يار جون،
اصلئون ٻڌم اسرار جون،
سي ٿيون عطا اعتبار جون،
دل ۾ رھيون دلدار جون.

2. والئيءَ اھو وعدو ڪيو،
جو ڪر چيوسين سو ٿيو،
ھڪ ٻول تو سان، نا ٻيو،
وسري نہ مون ڪون سو ويو.

Gul Hayat Institute

3. فـــــــائق وري فرمـــــــائيو،
تـــون ســـرُ اســـان جـــو ســـائيو،
اهـــو ڏســـڻ مـــون آئيـــو،
دل ســـاڻ ســـو مـــون لائيـــو.

4. "ســـچو" ســـدا ســـرهو رهيـــن،
ســ ن پـــول اســـان جـــي تـــي پهيـــن،
تـــون ناهــ تـــا هـــن تـــي نـَــهين،
ســـر بـــار برهـــي جـــو ســـهين!

Gul Hayat Institute

مسلسل بيت

[سچل سرمست جي رسالي ۾ هڪ اهڙي صنف بہ ملي ٿي، جنهن ۾ مسلسل بيت آهن. شروع ۾ هڪ يا ڏيڍ مصرع آهي، جنهن ۾ مضمون ڏانهن اشارو يا اهڃاڻ آهي. ان کان پوءِ بيتن جو سلسلو آهي. هر بيت ۾ گهٽ کري ٽي مصرعون يا سٽون آهن، ۽ قافيو هر سٽ جي آخر ۾ اچي ٿو، جيئن دوهي جي مصرعن ۾ هوندو آهي. هر بيت جو قافيو جدا جدا آهي. هن قسم جي صنف بہ صرف حضرت سچل سرمست جي رسالي ۾ ملي ٿي. هن ۾ طالب کي سلوڪ جي راهہ جون هدايتون سمجهايل آهن. انهيءَ ڪري رسالي ۾ ان جو عنوان ئي "هدايت" ڏنل آهي. صنف جي بِـناٽا جي لحاظ کان اسان ان انوکي صنف کي "مسلسل بيت" جو نالو ڏيون ٿا، ۽ مضمون جي نسبت سان ان جو ساڳيو عنوان "هدايت" رکيو آهي. رسالي ۾ اهڙي سٺا واريون بہ هدايتون ملن ٿيون: هڪ ۾ پنج بيت آهن، ۽ ٻيءَ ۾ فقط هڪ بيت آهي. هت ٻئي هدايتون ڏنيون وڃن ٿيون:]

هدايت 1.

مرشد هادي رهنما، تا سمجهائن ائين:

"هُـو تـون ڇـاڻج پـاڻ کـي، متـان هـيءُ ٿئيـن،
وحـدت جـي چوگـان ۾، اهـا گـوءِ نئيـن،
"سچو" ساڻ يقيـن جي، هـي حـال ڏي هئيـن."

هدايت 2.

Gul Hayat Institute

رمـزان سـي هـاديءَ جـون، ميـان،
جيڪـي چيـائون مـون کـي سـي سلڻ نـاهن.
هـوءِ هـوءِ ذريـون آهـن دل تـي.

ڳالهيون ڪري ڳجهہ جـون، تـا صـاحب سمجهائين،
لا اِلا کـون اڳيـان، تـا هـادي هلائيـن،
سمجهڻ "سمـع بـصر" جـو، تـا فـائق فرمـائين.

خوديون خاص نہ پانئجو، هي نت نت نمازان،
ڇاڻو پلي ڳالهڙي، هي سوز و گدازان،
اتَوَ انالحق جي، اها عبارت آوازان.

هيءِ هيءِ هڪڙي ڏينهڙي، تا هادي ائين چون،
جن نہ سمجهي هت ڳالهڙي، سي سيان گهڻو رُوَن،
جن نہ سڃاتو هتهين، سي هُت ٻي ائين هوَن.

جيڪي پليون ڳالهڙيون، انهن پڇڻ پري آهہ،
ڪوڙا قصا ڪهہ پيا، يار سڃاڻ سواءِ،
پُرجهڻ آهي پاڻ کي، ٻي پلي بات نہ ڪاءِ.

هادي حقيقت جي، يار، موتي هيئن چيو:
"آقا آهي هيءُ، ادا آهي ڪونہ ٻيو،
جي ٿي ننگهيا سڀ ڪون، يار مقصد تن ٿيو،
سائين ساڳيو اتَوَ، جو وجودئون ويو."

Gul Hayat Institute

ڏوهيڙا

[سنڌي بيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ستون ٽين، ۽ وڌ ۾ وڌ جو ڪو تعداد مقرر ڪونهي. ٻن سٽن واري بيت ۾ ڪڏهن هندي دوهي وانگر ٻنهي سٽن جي آخر ۾ قافيو ٿئي، ڪڏهن وري هندي سورٺي موجب ٻنهي سٽن جي وچ تي قافيو ٿئي، ڪڏهن وري پهرين سٽ جي آخر ۾ ۽ پوئين سٽ جي وچ تي قافيو اچي. ٻن سٽن کان مٿي سٽن وارا جيڪي بيت آهن، انهن جي پوئين سٽ جي گهڻو ڪري وچ تي قافيو ايندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙا تمام ٿورا بيت ملندا، جن ۾ سيني سٽن جي پويان قافيو آيو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جا بيت سڀ کان پهريائين "لکي" تعلقي شڪارپور جي شاعر عثمان احسانيءَ جا ملن ٿا. ان کان پوءِ ميين لطف الله قادري ۽ ٻين ڪن تمام ٿورن شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا.

سرائڪي شاعريءَ جي وري اها پَر رهي آهي، تہ ان جي بيت جي پوئين سٽ ۾ وچ تي قافيو اصل نہ ايندو آهي. سرائڪي بيت ۾ گهڻو ڪري چار ستون ٿينديون آهن، ۽ قافيو سيني سٽن جي آخر ۾ ايندو آهي. خود سنڌي شاعرن جهڙوڪ حضرت سچل سرمست، حضرت قادر بخش بيدل، حمل خان لغاري ۽ خليفي نبي بخش وغيره جيتوڻيڪ سنڌي بيتن ۾ آخري سٽ جي وچ تي قافيو آندو آهي، پر سرائڪي بيتن ۾ سيني سٽن ۾ پوئتان قافيو آندو آهي.

سرائڪي بيتن کان سواءِ حضرت سچل سرمست جا ڪجهہ سنڌي بيت بہ اهڙا ملن ٿا، جن کي فني سِٽا جي لحاظ کان "ڏوهيڙو" جو نالو ڏنو ويو آهي. منهنجي خيال ۾ فقط اهڙي قسم جي بيتن کي "ڏوهيڙو" چوڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو لفظ "ڏوهيڙو" ۾ "ٻنو دوهو" جو مفهوم سمايل آهي. جيئن تہ سرائڪي بيت ٻن دوهن تي مشتمل ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري سرائڪي ۾ انهيءَ کي "ڏوهيڙا" سڏيو ويو. سنڌيءَ ۾ بہ اهو لفظ سرائڪيءَ جي ذريعي آيو آهي. هتي سچل سرمست جي اهڙن بيتن جو انتخاب پيش ڪجي ٿو.]

توحيد ۽ معرفت

(1)

احد احمد صورت ساڳي، سر ﭘنهي جو سوئي،
الست بربڪم قالو بلىٰ، ﭘنهنجو ﭘاڻ اڪيوئي،
سچا حاضر هر جا هادي، سمجهين سر سيوئي،
غائب سمجهي غير نه ڄاڻين، حق الحق اهوئي،

(2)

الف سڄاڻي احديت وارو، بي تي ڪين اڙياسي،
شرح ملا، ڪنز قدوري، ڪافيا ڪين ﭘڙهياسي،
غير خيالون ڪنڌ ڏئي، ﭘوءِ لاحد منجهه لڙياسي،

(3)

باس اهائي بات اسانجي، غازي غير نه آهين،
خام خيال هي ڀانهپ وارو، ”لا“ ۾ لاشڪ لاهين،
من عرف نفسه فقد عرف ربه، ناهه ڪهڙا ٻيا ناهين،
سچا سچ اشارو اهو، ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين،

(4)

رام رحيم هڪ هڪ سمجهين، موج محبت ماڻين،
ڪافر مومن گبر نصارو، غير گمان نه آڻين،
خلق الانسان علىٰ صورته، ٻول اهو ئي ڄاڻين،
مان تون صورت ساڳي سچا، جي تون ﭘاڻ ٻڇائين،

(5)

صريح چوان مان توکي طالب، ڪجاڻ صحيح گويائي،
وبي ينطق وبي يبصر، ٻوڙين ٻول ٻيائي،
ڪل شيءِ ناطق بالحق، رکين سر سيائي،
ستگر سر سمجهايو سچل، واهه واهه اهائي وائي.

(6)

يار ياري يقيني رکجاڻ، توڙي شڪ سيوئي،
جو ڪجهه هيڙين، ٿينديئن سوئي،

Gul Hayat Instutute

ڪل شيءُ يرجع اليٰ اصله، هو نه هڪ مٿيوئي،
”سچل“ سچو ٿي رهندين، عشقئون عين اهوئي.

(7)

خمر خمار انهيءَ جو خاصو، موت اهِ مسروري،
ازلاً ابداً عجائب جهڙي، مَي اها مخموري،
انا احمد بلاميمي، مارين دم منصوري،
سچا جام جلالي پيءُ، ڪر حاصل حق حضوري.

(8)

ذات صفات اهائي آهي، پول نه وجهين ٻولي،
سوئي اندر، سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي،
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، ”سچو“ سچ ٿو ٻولي.

(9)

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿيءُ مردانو،
پاڻ بيگانو مورنه ڄاڻين، آهين يار يگانو،
”وَ نفخت فيه من روحي“، بلڪل ڇڏ ٻهانو،
وهم ”سچل“ ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

(10)

مسجد ڇڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪين ڪيوسي،
هي سڀ حُسن جمال اسان جو، جنهن ۾ پاڻ پياسي،
ڏوهه ثواب ڪان آجا ٿي، پوءِ ”سچل“ سچ ٿياسي.

(11)

پير مريد نه ٿي تون هرگز، ماڻج موج مستاني،
مخدومي ۽ شيخي پيري، خام ڇڏي خاني،
پٽ دعا پاراتي واري، ناهه راهه رباني،
هر هڪ پٽڪو پنهنجو رکي، ”سچل“ ڪم آساني.

(12)

عشق محبت ٻاجهون ڄاڻين، ٻي سڀ راهه خلافي،
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن ٿا، طلسم سڀ تلافي،
سچا هرگز سي نه ٿيندا، سچا صوفي صافي.

Gul Hayat Institute

(13)

هـن زمـاني بـزرگ بيشـڪ، ڇهئـي لطيفـا لائـن،
ڪسـب ڪـرن دم بنـد ڪـرڻ جـو، نـہ تـا پـاڻ سـنيالن،
اهـي فـن فروعـي آهـن، نـاحق وقـت وڃـائن،
ريءَ تيـڻ گر "سـچل" سـائين، پـاڻ نـہ پنهنجـو پـائن.

(14)

بـزرگ شـيخ مشـائخ يـارو، نـامخدوم ٿياسـي،
نڪـي قـاضي، نڪـي مـلا، معلـم پيـر بڻياسـي،
نڪـي ناهـہ نڳـيءَ جـا نـاهي، رنـگ رسـاءَ رکياسـي،
سـچا پـاجهون عشـق الله جـي، ڪوئـي هـنر نـہ سکياسـي.

(15)

مرشـد آکيـو، عاشـق ٿيـين، تـان منڪـر تـي مشـاخي،
شـيخي پيـري بحـر بزرگـي، اتئـي سـڀ هلاڪـي،
عشـق امـانت، خـاص الله جـي، دل ڪـي ڏي فراخـي،
سـچا سـوز گـداز سـوا سـچ، ٻيـا سـڀ چـور طبـاخي.

(16)

هـي سـڀ سـير بحـر انهـيءَ جـو، پـر نڪـاجنهن بسـتي،
قـلزم ڪارونيـار ڪڪوريـل، ڪرنڪـا جنهـن ڪشـتي،
منجهـہ دريـاءَ محبـت واري، حـال سـتين هـي هسـتي.

(17)

لا نفـي جـو ڪلمـو مـون ڪـي، مرشـد پـاڻ پڙهـايو،
نـابودي جـي نشـي انـدر، سـتڪر سـير ڪرايـو،
هٿيـو ڏيئـي همـت وارو، سـارو بـار ڪڻـايو،
صدق "سچل" مـان ستڪر تـان، جنهـن جـانب جـوش جڳـايو.

(18)

ڇـا جـو ڪعبـو، ڇـا جـو قبلـو، هـي بـہ سـڀ بهانـا،
نـاقص نيـت ڪعبـي واري، مـرد گهمـن مـَـيخانا،
"سـچل" سـتڪر ائيـن آکيـو، حـق لهـن مسـتانا.

Gul Hayat Institute

جهولڻو

[حضرت سچل سرمست جي رسالي ۾ هڪ ٻي انوکي صنف "جهولڻو" ملي ٿي، جيڪا اڳ ۾ ڪنهن ٻـ سنڌي شاعر وٽ نظر نـ ٿي اچي. البتـ روحل فقير جي هندي ڪلام ۾ "جهولڻو" ملي ٿو، پر فني سِٽا جي لحاظ کان روحل فقير جي هندي جهولڻي ۽ سچل سرمست جي جهولڻي ۾ فرق آهي. روحل فقير جي هندي جهولڻي ۾ اڪثر چار سٽون ٿين ٿيون، ۽ هر سٽ جو وزن عام بيت جي وزن کان وڏو ۽ اينگهه وارو ٿئي ٿو. سچل سرمست جي جهولڻي جو هر بند گهٽ ۾ گهٽ اٺن سٽن جو ٿئي ٿو، ۽ نائين سٽ وراڻيءَ جي اچي ٿي. سچل سرمست جي رسالي ۾ "سسئي پنهون" بابت جهولڻو ملي ٿو، جنهن ۾ اهڙا پنجاهه بند آهن. هر بند يا بيت کان پوءِ جيڪي وراڻيون اچن ٿيون، اهي پاڻ ۾ هر قافيہ آهن. هر بند جي سٽ جو وزن ننڍو ۽ گهٽ ڪري هندي جهولڻي جي سٽ جي اڌ جيترو آهي. ڇڻ ڇڻن سٽن کي اٺ سٽون ڪري رکيو ويو آهي. قافيو بند جي سمورين سٽن جي آخر ۾ اچي ٿو، ۽ هر بند يا بيت جو جدا جدا قافيو آهي. حضرت سچل سرمست جي "سسئي ۽ پنهون" جي جهولڻي مان ڪجهہ بند هيٺ ڏجن ٿا:

(1)

سـرتيون سـپ تيـس صلاحـي،
هـو تـان راهـ وٺـي پيـا راهـي،
ڇوٽيـنءَ ڪـيد تنيـن جـي ڪـاهي،
ڏونـگر ڪيـم ڏسـائج ڏاهـي،
حـسـبَ ۾ ڪـونـ ڪنـدءِ همراهـي،
هـت تـو سـنگ منجهـائي سـاهي
تـڏهن ڇـپ ڪـرڻ تـو ڇـاهي،
پـر هـو اهـڙو امـر الاهـي:

ٻيا سڀ ويهہ تون وهم وساري.

(2)

چي ڙي، مون سان مُور مَ ٿيو مصلحاتي،
ثابت سڪ رهي ڪا ساتي،
هاريون هي جا آهي حياتي،
تن کي روهه رسان تي راتي،
پائيندس جهر تتي جهنگ جهاتي،
ڇا جي ڇڇي پوي مون ڇاتي،
ڪنديس ووڙ سندين ويلاتي،
ايندس ساڻ ونـي پـَـرُ پاتي:
ڏسنديون هوت مڙئي هڪ واري.

(3)

چي ڙي، ويهه وسار وڃڻ جي وائي،
تو سان لعلن جنهن لئون لائي،
تنهنجي دل ڪئين تنهن تائي،
سو اڄ جاڙ ڪري ويو جائي،
ڏيئي ڪن ٻڌج تون ٻائي،
ٻوهن پاس نه ٻوڙج ٻاهي،
سرت صلاح تون سمجهه سائي،
اها ڳالهه امر ۾ آئي:
ڏونگر ڏورئون ئي ڏهڪاري.

(4)

چي ڙي، آڏو لس بگهيڙ ڪن لوڙا،
تن ڪئون ڪَنَ ٻئي ٿين پوڙا،
چوهئون چپر چني تو چوڙا،
تاتي تاڪ ٽڪر جا تـوڙا،
سهمناڪ ٻُندا سي سوڙها،
ڏيون مارَ متي ڏين موڙا،
سي ئي ڏُرت ڏورڻ جا ڏوڙا،
ڏينيو ڏنگ هٽن تا ڏوڙا:
آهن هاڙي منجهه هزاري.

Gul Hayat Institute

(5)

ڪيچن ڪڏ لڳي هوءَ ڪهڪي،
پهريين پور تڪر سان ٿهڪي،
ڪانڌ ڪوه ڏسي نا ڏهڪي،
اتي روح نہ تنهن جو رَهڪي،
توڙي پير ڦٽيس پپ ڦهڪي،
تان بہ پي نار نہ بالڪل نهڪي،
توڙئون ڪين تنهين هڏ تهڪي،
او جان عاشق اهڙي اهڪي:

ڏونگر سپ وڏائين ڏاري.

(6)

مٿي روه ڏسو سا رَمڪي،
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي،
ڏسي سج نہ دم پر ڏَمڪي،
محبت مور نہ ڪانڌ ڪمڪي،
گوندر وچ گذاري غمڪي،
هاديءَ جانب سان نئين جمڪي،
تنهن تان تانگهہ نہ تر هڪ تمڪي،
مٿس وچ ورهہ جي چمڪي،

تنهن جي شور وڏي شوڪاري.

(7)

آهي ”ڪل شيءِ“ سو هادي،
”خلق الاشياءَ“ ڪئون آبادي،
”وَهُو عينها“ تي آزادي،
واندي غير ڪنون هيءَ وادي،
لتا شڪ شبها تي شادي،
”سري سره“ تي امدادي،
جنهن کي سمجهہ تنهين کي تعدي،
سوئي مرد نہ آهي مادي:

سپ وچ صورت يار پياري.

Gul Hayat Institute

آخري بند:

(8)

ظاهر سچ تہ سڀ کنهن جائين،
هي ڀي رمز تون دل سان لائين،
تون تان آئينو تي آئين،
پنهنجو پاڻ ئي ۾ منهن پائين،
"مين" کي ڇوڙ تہ ٿيوين "سائين"،
ڀولو مور نہ هن ۾ پاتين،
تو کي صحي سچ سڻائين،
کا شيءِ ناهي بنا حق کائين،
"کل شيءِ ناطق بالحق" ڳالھ اهائي ڳائين:

هر جا پاڻ غني گفتاري.

Gul Hayat Institute

جهولڻو ڪافي

[حضرت سچل سرمست جي رسالي ۾ ڪن ڪافين کي بہ ”جهولڻو ڪافي“ سڏيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو سِٽا جي لحاظ کان انهن جو جهولڻي سان ڪجهہ تعلق آهي. انهن ڪافين جو هر بند ٻن يا ٽن سٽن جو ٿئي ٿو، ۽ قافيو هر سٽ جي پڇاڙيءَ اچي ٿو. هر بند جو جدا جدا قافيو ٿئي ٿو، جن جو قافيہ جي لحاظ کان نہ ٽل سان تعلق ٿئي ٿو، ۽ نہ ٻين بندن سان. جيئن تہ انهن بندن جو وزن اينگهہ وارو ۽ لچڪدار آهي، ۽ انهن جي اڳيان ٽل بہ موجود آهي، تنهنڪري اهي ڪافيءَ وانگر ڳائي سگهجن ٿيون. انهيءَ ڪري اهڙين شين کي ”جهولڻو ڪافي“ جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو.]

جاني آءُ ڙي جاني، ميان،
آءُ تا روز پچان ٿي پانڌيون.

1. تنهنجي اچڻ ڪاڻ هت، پوڻيون ٿي پٽايان،
سنجهي صبح سرتيون، ٿي پانڌي پڇايان،
ڏاها تنهنجي ڏيهہ ڏي، ٿي ڪانگ اڏايان.

2. پرين تنهنجي پار ڏنهن، اچي قاصد جي ڪوئي،
حال سڻايان پانهنجو، تنهن رهبر کي روئي،
جاني حال اسان جي، هاڻي هجر ۾ هوئي.

3. دلبر تنهنجي ديس ڏي، ٿي ڏسان ڏيهاڙيون،
ناڻءُ تنهنجو سپرين، آسين وس نہ وساريون،
ڳچيءَ پائي ڪپڙو، زور ڪريان ٿي زاريون.

4. اٿي ويني اوتيان، آءُ پنبڻين مان پاڻي،
اچي ڏسج سپرين، تون حال منهنجو هاڻي،
درمنديءَ جي دل ۾، تنهنجي سڪ تا ساماڻي.

Gul Hayat Institute

5. تا کون سچڻ تانهنجي، هينڙي حيراني،
ڏيئي ڏکيءَ کي وئين، تون نينهن تہ نشاني،
سدا "سچو" آهي، ميان، تهنجي ڳچيءَ ۾ ڳاني.

(2)

ساڻي ساري سنيها، چئج پنهونءَ کي،
بيراڳي آهيان وو!

1. حال ڏسيو تو جو وچين، سارو عرض کرين، وو
دلاسو کر دوست ڏنهن، وني جلد ورين، وو
2. کارو کج نہ کيچ کي، چپر تا نہ چڏين، وو
ٻانهي ڄاڻي پانهنجي، گولن ساڻ گڏين، وو
3. تو سان عمر گذاريان، جان کي هت هئان، وو
ڳالهين تنهنجين ڳاري آهيان، جان تي رت روئان، وو
4. ڏورنديون مون ڏونگرين، گهڻا ڏينهن تيا، وو
ٻڌا هوندا هوت تو، جي "سچوءَ" سڏ کيا، وو

Gul Hayat Institute

ٽيھہ اکري

[اهو نظم جنهن جو هر بند عربيءَ ”الف - ب“ جي اکر سان شروع ٿئي، انهيءَ کي فارسي جي لحاظ کان ”سي حرفي“ ۽ سنڌيءَ ۾ ”ٽيھہ اکري“ چيو ويندو آهي. ڪن شاعرن سنڌي الف - بي موجب 52 بندن تي مشتمل نظم بہ لکيا آهن، پر انهن کي بہ ”ٽيھہ اکري“ ئي سڏيو اٿن. ڪن شاعرن وري ”لا“ ۽ ”ءِ“ کي ڇڏي فقط 28 اکرن تي بدل 28 بند لکيا آهن، پر انهن کي بہ ”ٽيھہ اکريون“ ئي سڏيو اٿن. اهوئي سبب آهي، جو اصطلاحي معنيٰ ۾ ”ٽيھہ اکري“ ان کي چيو ويو، جنهن جا بند الف - بي جي اکرن سان شروع ٿين - پوءِ اُهي ٽيھہ اکر هجن، يا گهٽ وڌ. ٽيھہ اکريون بيتن ۽ ڏوهيڙن ۾ بہ چيون ويون آهن، تہ عروضي بندن ۾ بہ لکيون ويون آهن. ڪي وري هڪ ڊگهي بيت ۽ ڪافيءَ جي صورت ۾ چيون ويون آهن. ڪن ٽيھہ اکرين ۾ هڪ اکر لاءِ هڪ بيت يا بند هوندو آهي، تہ ڪن ۾ وري هڪ کان مٿي بيت ۽ بند بہ هوندا آهن. ڊگهن بيتن ۽ ڪافين ۾ هر هڪ اکر لاءِ هڪ مصرع هوندي آهي، تہ ڪڏهن وري هڪ ئي مصرع هڪ کان مٿي اکر جڙيا ويندا آهن. تاريخي لحاظ کان ٽيھہ اکري شاهہ لطيف کان اڳاٽي ايجاد ٿيل معلوم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو شاهہ صاحب جي ڪن رسالن ۾ ٽيھہ اکري آيل آهي. محققن جو خيال آهي، تہ اهو شاهہ لطيف جو ڪلام نہ آهي. ٻي پراڻي ٽيھہ اکري ميين عيسي جي آهي، جيڪا اندازاً 1163ھ کان پوءِ لکي ويئي. ان کان پوءِ بيشمار ٽيھہ اکريون چيون ويون آهن. اسان جي شاعر حضرت سچل سرمست بہ سرائڪيءَ ۾ ٽيھہ اکريون چيون آهن، جن مان 9 ڏوهيڙن تي ٻڌل آهن ۽ هڪ صرف هڪ ڏوهيڙي ۾ سمايل آهي. - وني طور ڪجھہ بند هيٺ ڏجن ٿا:]

ف - فوجان حسن ديان چڙھہ پيان،
جيوين چڙهي سپاهہ فرنگيان دا،
گردا گرد اُهين ڪون جو ويڙهہ گهتن،
ڏاڍا تاب اُنهان وو ترنگيان دا،
قابو نين سياهہ سون پووڻ،
جوڙ ڏنا مين جنگيان دا،
انهان نال برابر ڪيوين ڪري،
”سَچُو“ لشڪر روميان زنگيان دا،

ر – رنــــگ گـــَـــــهرا متواليــــان دا،
آون رل تـــ ســير تماشـــڙي نـــي،
چنــاه دي وو كنـــاري نـــاز تـــرن،
كــر هــار سينگار ســي خـاصڙي نـــي،
غمـــزه لا عشــاقان جـــو ســـرمنگن،
ركــن عاشــقان اتــي وو تلاشــڙي نــي،
ســاڏي طــرف ســهٽي وو اڏا چوڙئـــي،
ڏاڍي بـــاز برهـــ دي باشـــڙي نـــي.

ٻي سي حرفي مان:

ر – رخ پيا رنگ رنـگ اتـي، ٽئي مـوج كـڙي،
چوليئــــــن چـــــول پئـــــــي،
خـــس خـــار اُتـــارا وڏا ڏتـــس،
ســارا بحــر وڇــون بــد نيــك ڳئــي.
ز – زور تي بحر زُخار آندا، تنهن دي وڇون ٽيا
كوئي بخـار كـڙا،
اُهين شور مچاريا آسمان توڙي، وسكاردي تي
وو غبـــار كـــڙا.

ٻي سہ حرفي مان:

ذ – ذات صفـات هكـائي آهـي، پـول نـہ گهتيـن پولـي،
سـوئي انـدر سـوئي ٻـاهر، سـوئي تيـڏي چولـي،
”وفـي انفسـكم افلاتبـصرون“، وسـدا وچ وچولـي.
س – سـراپا سـوئي وسـدا، سـڀ كجهـ يـار كرينـدا،
جيهــا اتـــان تيهـــا اُتـــان، چـــوڙ گمـــان گهرينـــدا،
”لو كشفَ الغطاءَ مازدت يقينا“، كيهان ڏيان ڏرينـدا،
ع – عطر عنبير جو لاكڙيـــس، اڄ يـار ميـڏي گهـر آيـا،
اُٺڻ ٻهڻ سـڀ نـال اهيـن دي، كنهـن تـا رمز ريجهايـا،
”ونحن اقرب اليه من حبل الوريد“، رڳ رڳ وچ سمايا.

گهڙولي

[هن ۾ عورت جي زباني محبوب جي خدمت جو جذبو ظاهر ڪيل هوندو آهي، ۽ آزي ۽ نيزاري ڏيکاريل هوندي آهي. هن صنف ۾ خدمت جي اظهار لاءِ وراڻي ۾ "گهڙولي ڀرڻ" ضرور ايندو آهي. انهيءَ ڪري اهو نالو پيو اٿس. پهرين گهڙولي حضرت سچل سرمست جي ملي آهي، جيڪا سرائڪيءَ ۾ آهي. ان کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ گهڙوليون چيون آهن. فني سِٽا جي لحاظ کان ڪي گهڙوليون بيتن ۾ ته ڪي وري بندن تي مشتمل هونديون آهن. سچل سرمست جي گهڙولي ننڍن بندن تي ٻڌل آهي، جنهن جي هر بند ۾ ننڍيون ٻه مصرعون آهن، جيڪي پاڻ ۾ هم قافيه آهن. انهن جي پويان وراڻي اچي ٿي. گهڙوليءَ ۾ 33 بند آهن، جن مان انتخاب هيٺ ڏجي ٿو.]

مئن تان گهڙولي ڀرندي هان

1. پير پيران سئين حضرت ميران، نام ڳڌي جنهن دي ٽٽن زنجيران
ڪامل مرشد ڪرندي هان، مئن تان گهڙولي ... ...

2. نوح نبي دي بيڙي آئي، جنهن وچ حضرت محبوب الاهي
صدق بيڙي تي چڙهندي هان، مئن تان گهڙولي ... .

3. ابوبڪر شاه عمر عثمان، علي پاڪ امام شمان
شاه عرب دي بردي هان، مئن تان گهڙولي ... ...

4. ان الله ينطق عليٰ النسان عمر، شب معراج نبي دي نال عمر
شڪر اولاد عمر دي هان، مئن تان گهڙولي ... ...

5. بعد نبي دي نبي هوندا، قول نبي دي عمر هوندا
مئن فرق نه ڪوئي ڪرندي هان، مئن تان گهڙولي ... ...

Gul Hayat Institute

6. پيش پنجان دي تڏان پئي هان، چوان دا جڏان امر مني ها
نال سفارش نہ چڙهندي هان، مئن تان گهڙولي ...

7. پنج تن درخت ميوو حقيقي، اربع بمر گان قول رفيقي
شا تنهين شجر ديهان، مئن تان گهڙولي ...

8. حسن حسين علي دا ايا، بار امت دا سر تي چايا
پانهي شاه حيدر دي هان، مئن تان گهڙولي ...

9. شاه عبيدالله جيلاني، بخش کيتي حق سلطاني
چر شاه درازي دي هان، مئن تان گهڙولي ...

10. مرشد شاه درازي دي گولي، عبدالحق پڙهائي بولي
بحر برهہ وچ تردي هان، مئن تان گهڙولي ...

11. شان اسا ڏا وچ سلسلي دي، ابو سعيد فاروق اڪمل دي
قرة العين رهبر دي هان، مئن تان گهڙولي ...

12. نا مئن شيعہ نا مئن سني، صرفي صاف برهہ دي مني
باندي عشق افسر دي هان، مئن تان گهڙولي ...

13. ڪيتا نور الله دي تجلا، تن من سارا عشق اجلا
همہ شمس قمر دي هان، مئن تان گهڙولي ...

14. علم ظاهر هستي هو وڃ، لدني باب الف دا اورڻ
دم قدم گر ڪر دي هان، مئن تان گهڙولي ...

Gul Hayat Institute

15. صــورت الله دي دل وچ چـــاڻين، وفــي انفســكم صحيــح ســڄاڻين
محــو ذاتــي وچ مــردي هــان، مئـ ن تـــان گهڙولـــي ... ...

16. ســر ســنيهڙو هــٿ گهڙولــي، محكــم يـــال دي دم كڙولـــي
جــام قــدح كوثــر دي هــان، مئـــن تـــان گهڙولـــي ... ...

17. "ســچل" ســارا نــور الاهــي، حضــرت پيــر ي هـ همراهـــي
هــر دم رب رب كـــردي هـــان، مـئـــن تـــان گهڙولـــي ... ...

Gul Hayat Institute

ماخذ

1. سچل سرمست جو رسالو، پاڱو پهريون. مرتب: مرزا علي قلي بيگ، سال 1902ع.
2. سچل سرمست جو رسالو، پاڱو ٻيو. مرتب: مرزا علي قلي بيگ، سال 1903ع.
3. سچل سرمست: آغا غلام نبي صوفي، سال 1933ع.
4. سچل سرمست جو رسالو: عثمان علي انصاري، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1958ع.
5. سچل جو سرائڪي ڪلام: مولوي حڪيم محمد صادق، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1959ع.
6. سچل جو سنڌي ڪلام: رشيد احمد لاشاري. آر. ايڇ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد.
7. سچل جو سرائڪي ڪلام: رشيد احمد لاشاري. آر. ايڇ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد.
8. سچل جا سنڌي بيت (اڻ ڇپيل) ڇپائيندڙ: رحيم بخش شيخ مرحوم. ڪتاب فقط 208 صفحن تائين ڇپيو، پر پوءِ ڇپائي بند ٿي وئي. هن ۾ ڪجهه ڏاريا بيت به گڏجي ويا آهن.
9. درازي فيض (سچل سرمست جو سنڌي ڪلام، فقط ڪافيون، عنوان هيٺ آندل) اڻ ڇپيل ۽ اڌورو. مرتب: رجب علي فقير.
10. سچل سرمست – شاعر هفت زبان، 1966ع: قاضي علي اڪبر درازي.
11. دولهه درازي: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1961ع.
12. دولهه درازي جي دربار جا در: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1972ع.
13. مثنوي درد نامه: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1963ع.
14. مثنوي عشق نامه: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1962ع.

Gul Hayat Institute

15. مثنوي وصلت نامو: اردو ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1965ع.
16. مثنوي راز نامو: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1968ع.
17. مثنوي وحدت نامو: اردو ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1964ع.
18. مثنوي تار نامو: سنڌي ترجمو، قاضي علي اڪبر درازي، سال 1963ع.
19. مثنوي گداز نامو: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1962ع.
20. مثنوي رهبر نامو: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1964ع.
21. نڪته تصوف: اردو ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1973ع.
22. بحر طويل: قاضي علي اڪبر درازي.
23. ديوان خدائي: سنڌي ترجمو: قاضي علي اڪبر درازي، سال 1968ع.
24. ديوان آشڪار، سچل ادبي اڪيڊمي، پيش لفظ، مخدوم امير احمد، لاهور، سال 1957ع.
25. سچل سرمست: مرتب: ڊاڪٽر عطا محمد حامي، پاڪستان پبليڪيشنس، ڪراچي، سال 1964ع.
26. فارسي مثنوي (ساقي نامو، تار نامو، راز نامو، گداز نامو ۽ عشق نامو) سنڌي منظوم ترجمو: ڊاڪٽر عطا محمد حامي، نئين زندگيءَ جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل ۽ پوءِ ڪتاب: "سچل سرمست" جي آخر ۾ ڏنل.
27. سچل سرمست (اردو): رشيد احمد لاشاري، سلطان حسين ائنڊ سنس ڪراچي، سال 1966ع.
28. سچل سرمست: شايع ڪيل، مغربي پاڪستان انفرميشن ڊپارٽمينٽ خيرپور، سال 1964ع.

Gul Hayat Institute

29. جنت السند: رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1958ع.
30. تذڪره شعراءِ سکر: ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، سال 1965ع.
31. سچل سرمست: چيتمل پرسرام گلراجاڻي، نئين سنڌي لائبريري، سال 1922ع.
32. سچل: ڪلياڻ آڏواڻي، سال 1954ع.
33. سچل جو ڪلام: نماڻو فقير، سال 1952ع.
34. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سال 1976ع.
35. جوتيون جواهرن جون: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سال 1971ع.
36. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (اردو)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع.
37. بيان العارفين سنڌي، مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، (اڻ ڇپيل).
38. قرآن مجيد، سنڌي ترجمو: مولانا محمد مدني، 1953ع.
39. رسالہ قشيريہ: امام ابو القاسم عبدالڪريم قشيري، اردو ترجمہ: ڊاڪٽر پير محمد حسن، اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد، 1970ع.
40. تعرف: ابوبڪر بن ابو اسحاق محمد بخاري ڪلابادي، اردو ترجمو: ڊاڪٽر پير محمد حسن، المعارف لاهور، سال 1971ع.
41. فصوص الحڪم: شيخ محي الدين ابن عربي، اردو ترجمہ: مولوي حافظ محمد برڪت الله، اقبال پبلشرز، ڪراچي.
42. ڪتاب الطواسين: منصور حلاج: اردو ترجمہ: ڊاڪٽر محمد رياض، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن لاهور، 1977ع.
43. معارف شمس تبريز (ديوان شمس تبريز جي شرح): مولانا حڪيم محمد اختر، ڪتبخانہ مظهري، ڪراچي، 1976ع.
44. مثنوي مولانا روم: اردو ترجمہ: مولوي فيروزالدين.
45. ڪشف المحجوب: سيد ابوالحسن علي بن عثمان الجلالي، الهجويري داتا گنج بخش، اردو ترجمہ: عبدالمجيد يزداني، قرآن لميٽيڊ لاهور، 1968ع.

Gul Hayat Institute

46. ڪلمة الحق: صوفي عبدالرحمان سنڌي لکنوي، اردو ترجمہ: مولوي عرفان احمد انصاري، الله والي کي قومي دکان لاهور، 1920ع.
47. افادات شيخ محي الدين ابن عربي (شرح فصوص الحکم) شيخ محب الله اله آبادي، اداره انيس اردو اله آباد، سال 1961ع.
48. جنيد بغدادي: ڊاڪٽر علي حسن عبدالقادر مصري، اردو ترجمہ: محمد ڪاظم، مکتبہ جديد لاهور، 1967ع.
49. الحڪم الرفاعيہ: سيد احمد ڪبير رفاعي، اردو ترجمہ: عبدالحليم شرر، آئينہ ادب لاهور، سال 1967ع.
50. تصوف اسلام: مولانا عبدالماجد درياءِ آبادي، قرآن لميٽيڊ، لاهور.
51. التحفة المرسله الي النبي (عربي، اڻ ڇپيل): محمد بن فضل الله - تعارف ۽ اختصار آيل ڪتاب: "عربي ادبيات ۾ پاڪ و هند جو حصو": ڊاڪٽر زبيد احمد، اردو ترجمو: شاهد حسين رزاقي، اداره ثقافت اسلاميہ لاهور، سال 1973ع.
52. رسالہ رموزات (فارسي، اڻ ڇپيل): سيد عبدالجليل بلگرامي - تعارف ۽ اختصار آيل، ماهنامہ "المعارف" لاهور، مارچ 1979ع، مقالہ: سيد محمد متين هاشمي.
53. سہ ماهي "الرحيم"، مشاهير سنڌ نمبر: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، شاهہ ولي الله اڪيڊمي، سال 1967ع.
54. تذکره مشاهير سنڌ، مولانا دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1974ع.
55. ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما: احسن ڪربلائي، شايع ٿيل: مهراڻ جون موجون، مرتب: پير حسام الدين راشدي، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، سال 1956ع.
56. تاريخ تمدن سنڌ: رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.
57. مخزن انوار توحيد: پروفيسر شاهہ، ڪراچي، 1963ع.
58. حضرت مجدد کا نظريہ توحيد: ڊاڪٽر برهان الدين احمد فاروقي، مقبول اڪيڊمي لاهور، 1967ع.

Gul Hayat Institute

59. انتخاب مڪتوبات امام رباني، تلخيص ۽ ترجمو: مولانا هدايت علي جيپوري، سال 1963ع.
60. لغات قديمي: مرزا قليچ بيگ، نئين سنڌي لائبريري، سال 1924ع.
61. جامع سنڌي لغات، جلد اول: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1960ع.
62. تحقيق لغات سنڌي: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سال 1955ع.
63. جامع اللغات: نولڪشور لکنو، سال 1908ع.
64. بيان اللسان (عربي اردو لغت)، قاضي زين العابدين، سال 1955ع.
65. الوحيد، سنڌ آزاد نمبر
66. Persian Poets of Sindh: Dr. H.I. Sadarangani, Sindhi Adabi Board, 1956.
67. The Pantheistic Monism of Ibn al-Arabi by: S. A. Q. Hussaini, Sh: Muhammad Ashraf Lahore, 1970.
68. The Secret of Anal Haqq: Shaikh Muhammed Ibrahim; Translated by: Khuwaja Khan, Sh: Muhammed Ashraf Lahore, 1971.

Gul Hayat Institute



چيتمل پرسرام گلراجاڻي

سچل سرمست

Gul Hayat Institute



لالچند امرڏنومل جڳتياڻي

سچل سونهارو

Gul Hayat Institute

آغا غلام نبي صوفي

سچل سرمست

Gul Hayat Institute

مرزا علي قلي بيگ

رسالو سچل سائين

Gul Hayat Institute

مولانا محمد صادق راڻيپوري

سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام

قاضي علي اڪبر



دولھ درازي

Gul Hayat Institute

نماڻو فقير



سچل جو ڪلام



عثمان علي انصاري

رسالو سچل سرمست

ڊاڪٽر عطا محمد حامي

سچل سرمست


رشيد احمد لاشاري


سچل جو رسالو

قاضي علي اڪبر



ديوان آشڪار



تنوير عباسي

نانڪ يوسف جو ڪلام

Gul Hayat Institute